


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پُرندڙ وجود

(ڪهاڻيون)

ظفر پياروي

پيڪاڪ پبلشرس ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كتاب نمبر 148

كتاب جا حق ۽ واسطا اداري ۽ ليکڪ وٽ محفوظ آهن. پبلشر ۽ ليکڪ جي اجازت کان سواءِ ڪتاب جو ڪوبہ حصو ڪاپي يا شايع نہ ٿو ڪري سگهجي.

# پُرندڙ وجود (ڪهاڻيون)

ليکڪ: ظفر پياروي

ڇاپو پهريون: 2020ع

تعداد: 1000 ڪاپيون

لي آئوٽ: سيد آفاق شاهہ

ٽائيٽل: محمد علي شاهہ

قيمت: 300 رُپيا

ڇپيندڙ

ايچ ايند آر پرنٽرس، ڪراچي، سنڌ

ڇپائيندڙ

**پيڪاڪ پبلشرس، ڪراچي سنڌ**

peacockpublishers@gmail.com

ڪتاب ملڻ جو هنڌ

**پيڪاڪ ڪتاب گهر**

404 رفيق سينٽر، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي- سنڌ

فون نمبر: 021-35680607، 021-35682020

peacockbookhouse@gmail.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

پنهنجي والدين پياري بابا سائين

**حاجي غلام رسول لهبر (مرحوم)**

۽ شفيق

**امڙ جيجل پروين**

جي نالي جن منهنجي پالنا اهڙي ڪئي جو
اج آءٌ هن سماج ۾ بيڪار ناهيان پر زندگيءَ جي
اٽانگن رستن تي لکڻ ۽ پڙهڻ جي قابل آهيان...!!

۽

پنهنجي استاد

**ڊاڪٽر قربان جهتيال**

جي نالي، جنهن ادبي دنيا ۾ منهنجي چيچ مان وٺي هلڻ سيکاريو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


- اداري پاران — ڊاڪٽر آفتاب ابڙو — 9
- مهاڳ — عزيز ڪنگراڻي — 11
- ليکڪ پاران — ظفر پياروي — 15


## ڪهاڻيون


1. آزاديءَ ۾ قيد ٿيل پوڙهو — 19
2. نه ماڻجي سگهيل پيار — 27
3. تعويذ — 40
4. پراڻي ڪنڊر جيان پرنڊڙ وجود — 53
5. خوابن ۾ ملنداسين — 66
6. شهرت جي بلندين تان ڪريل شخص — 91
7. يادن ۾ وڃائجي ويل شخص — 96
8. عيد — 107
9. ادا — 112
10. قتل ياڳ تتل چوڙيون — 115
11. قيامت چو نه ٿي اچي — 135
12. طنز — 140
13. عظيم — 149
14. ڪرب — 158
15. مرشد — 163
16. بگهڙ — 169
17. فاني دنيا — 180
18. حرامي — 184
19. پرنڊڙ وجود — 190


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اداري پاران

سنڌ جي سرموڙ شاعر استاد بخاري سچ چيو آهي ”دادو ۾ آ جادو“. اهو جادو دادوءَ جي ڌرتيءَ ۾ تہ آهي ئي آهي پر دادو جي ماڻهن ۾ بہ جادو آهي. اهي ماڻهو پنهنجي پيار، خلوص، پنهنجائپ، عزت، احترام، تخليقي صلاحيتن جي جادوءَ سان اصل منڊي وٺندا آهن. اهڙوئي جادوئي علائقو پيارو اسٽيشن بہ آهي. جتي جا رهواسي بہ ڳوٺ جي نالي جيان ئي پيارا ۽ سڀاجها آهن. ان ڳوٺ جو رهواسي نوجوان ليکڪ حاجي غلام رسول لهبر جي گهر ۾ جنم وٺندڙ ظفر علي آهي، جيڪو ادبي کيتر ۾ ظفر پياروي جي نالي سان مشهور آهي.

ظفر جي ڪهاڻين جو هي پهريون ڪتاب آهي، جيتوڻيڪ هو ڪافي سالن کان ادب سان واڳيل آهي، پر سندس سڄاڻپ سندس ڪهاڻيون آهن، جيڪي هو ڪافي سالن کان لکندو رهيو آهي ۽ اهي سنڌ جي سٺن رسالن ۾ ڇپيون آهن ۽ سنڌي ڪهاڻيءَ جي دنيا ۾ پنهنجي سڃاڻپ ٺاهي ويون آهن. اهي ظفر جو تعارف پڻ بڻجي چڪيون آهن.

ظفر محبت ۽ ميلاپ نہ پر وڇوڙي جو قائل لڳي ٿو. سندس ڪهاڻيون ڳوناڻي محبت جو اظهار آهن، اها محبت جيڪا زوري مڙهي نہ ٿي سگهجي، پر اها پهرين نظر ۾ ئي ٿي ويندي آهي. محبت جيڪا اظهار گهري ٿي، سندس ڪردار محبت جو اظهار بہ ڀرپور نموني ڪن ٿا، پر محبوب کان موٽ ۾ هر قيمت تي محبت ملڻ جا گهرجائو نہ آهن. محبوب محبت جو جواب هاڪار ۾ ڏئي تہ زندگي نهي ٿي وڃي، پر جيڪڏهن هو موٽ ۾ محبت نہ ٿو ڏئي، تہ ظفر محبوب کي انڪار ڪرڻ جو پورو حق ڏئي ٿو. اهو ڪردار محبوب جي ياد ۾ پاڻ تہ پوڳي ٿو، پر هو پنهنجي پريݨءَ کان انتقام نہ ٿو وٺي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ائين ڪهاڻي جو اختتام ٿئي ٿو، پر اها ذهن تي پنهنجا نقش ڇڏي وڃي ٿي.

ڪتاب ۾ ڪل 19 ڪهاڻيون آهن. جن ۾ ٽائيٽل ڪهاڻي ’پرندڙ وجود‘ احساساتي آهي. ظفر جا خيال پاڪ پوتر آهن، سندس محبت حوس گيريءَ کان مٿاهين آهي. سندس مڪالما به جاندار آهن ته سگهاري منظر نگاري به موجود آهي. ڪهاڻين ۾ ڪلائميڪس به آهي ته جذبا پڻ آهن. اجا به ظفر پنهنجي مطالعي کي وسيع ۽ مشاهدي جي سگهه کي مضبوط ڪري ته سندس قلم ۾ شاهڪار لکڻيون سرجڻ جي صلاحيت موجود آهي.

اسان پنهنجي اداري طرفان ڪهاڻين جو هي مجموعو ان اميد سان پڙهندڙن جي هٿن ۾ اربي رهيا آهيون ته هو ’پيڪاڪ‘ سان پنهنجي محبت جو سلسلو ائين ئي جاري رکندا ۽ هن ڪتاب کي پڻ ماناائتي موٽ ملندي.

هي ڪتاب ’پيڪاڪ‘ جي ان سوچ جي ڪڙي آهي، جنهن تحت نوجوان ليکڪن جي همت افزائي لاءِ سندن ڪتاب اداري جي معيار تي پورو لهڻ جي صورت ۾ شايع ڪيا ويندا. پين نوجوان ليکڪن لاءِ به پيڪاڪ پبلشرس جا دروازا ڪليل آهن.

**قمر آفتاب ابڙو**


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪهاڻي نڪت جو نرالو ستارو

جديد سنڌي ڪهاڻي جو نڪت وسيع آهي. نڪت ۾ چمڪندڙ هر ستاري جي پنهنجي الڳ چمڪ ۽ ان چمڪ جي جوت بہ تہ رنگت بہ منفرد ۽ جدا جدا آهي. ڪوڙ ستارا ڪڙيا آهن، ڪِڙن پيا ۽ ڪِڙندا. ظفر پياروي بہ ڪهاڻي نڪت جو بلڪل نرالو ۽ منفرد ستارو آهي، جنهن جي اسلوب جي روشني پنهنجي ۽ منفرد آهي. جديد سنڌي ڪهاڻي جي ڪيتر ۾ ڪيترائي تخليقڪار آهن، جيڪي پنهنجي رنگ ڍنگ ۽ فني پختگي سان سنڌي ڪهاڻي ڪيتر جي آبياري ڪري رهيا آهن، تن ۾ ظفر پياروي جو بہ شمار ڪري سگهجي ٿو. سندس هن ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻيون ڏيان ڇڪائيندڙ آهن.

سندس ڪهاڻي ”آزادي ۾ قيد ٿيل پوڙهو“ جو عنوان پڙهڻ سان ماڻهو جو ڪنهن تحريڪ ڏانهن ڌيان هليو وڃي ٿو، پر ڪهاڻي پڙهڻ سان پتو پوي ٿو تہ آزادي ڪهڙي آهي ۽ قيد ڪير آهي؟ عمر جي پوئين پهر ۾ تار مايوسين جي ور چڙهي هڪ هنڌ جهڙوڪر قيد ٿي ويل مايوس شخص جي اميد ۽ جذبي يا جوش ڏانهن واپسي ذريعي ليکڪ نئين نسل جي تعليم ۽ تربيت ۾ ئي آزادي ۽ نجات واري پوک پوکڻ جو پيغام ڏئي ٿو، جنهن سان خوشحالي بہ تہ سماجي آزادي بہ رونما ٿي سگهي ٿي. عام (Formal) تعليم بہ ذهني اوسر، آسودگي ۽ روشن مستقبل جو سبب بڻجي سگهي ٿي. ان ۾ ئي سماجي آزادي جو راز سمايل آهي.

ڪهاڻي ”نہ ماڃي سگهيل پيار“ محبتن جي المياتي ڪهاڻي آهي. اسانجي سماج ۾ اڪثر محبت اڻ ماڻيل ئي رهجي ويندي آهي، جنهن جي عڪاسي هن ڪهاڻي ۾ موجود آهي. ڪهاڻي ”تعويذ“ انڌي اعتقاد جي ور چڙهيل سنڌي سماج جي جيئري جاڳندي ڪهاڻي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عام ابوجهہ ماڻهن جي ابوجهائپ ۽ مرشد جي نيت ۾ خلل جي بهترين عڪاسي ڪندڙ ڪهاڻي سادي اسلوب ۾ لکيل آهي. مرشد مريد جي گهر ۾ ويندو هجي؟ سو ليکڪ جو ذاتي مشاهدو ليکبو. ڪهاڻي ”پراڻي ڪنڌر جيان پُرندڙ وجود“ بہ. سنڌي سماج ۾ عورت جي مرضي کي اهميت نہ ڏيڻ سبب بي راهہ روي جي رستي اختيار ڪرڻ واري اوڻائي تي روشني وجهي ٿي. حُور نالي ڇوڪري جو گهران نڪرڻ ۽ دردناڪ نتيجو پوڻ ڪهاڻي جو مرڪزي خيال لڳي ٿو.

ڪهاڻي ”خوابن ۾ ملنداسين“ بہ سماجي روڪ ٽوڪ ۽ رنڊڪن جي نتيجي ۾ ناڪام محبت جي غمناڪ ڪهاڻي آهي. ”شهرتن جي بلندين تان ڪريل شخص“ اهڙي سماجي ڪردار جي ڪهاڻي آهي جيڪو جائز ناجائز جاکوڙ ڪري ڪنهن مرتبي تي پهچي ٿو يا پذيرائي حاصل ڪري ٿو، سا سندس ناگوار ڪارگذارين جي ڪري ختم ٿي وڃي ٿي. ڪهاڻي ”يادن ۾ وڃائجي ويل شخص“ جو موضوع بہ ناڪام محبت آهي، جنهن جي احساسن جي ڪوهيڙ ۾ گم ٿي ڪردار پوڳنائون پوڳي ٿو. ڪهاڻي ”عيد“ بہ هڪ طرفي محبت جي اهڙي دلسوز ڪهاڻي آهي جنهن ۾ ڪردار عيد واري ڏينهن محبوب جي ياد جي ٻوڏ ۾ لڙهندي اڌ چريو ٻڌجي وڃي ٿو. عيد جي خوشيءَ ۾ محبت جي غمناڪ ڪيفيتن جو احساس اپاريو ويو آهي، جيڪا نرالي پيشڪش آهي.

ڪهاڻي ”ادا“ اهڙين ڪيفيتن جي ڪهاڻي آهي جن ۾ احساسن تي ڇُري ڦيرجي ويل محسوس ٿئي ٿي. ماڻهو جڏهن هڪ طرفو جنهن جي محبت ۾ مبتلا ٿئي ٿو، سو ادا سڏي يا ادا چئي مخاطب ٿئي، تڏهن ماڻهو پنهنجي اندر ۾ عجيب چيرڦاڙ محسوس ڪندو آهي. ڪهاڻي جذبن جي انهيءَ چيرڦاڙ جي عڪاسي آهي. هن ڪهاڻي ۾ ڪردار مُرڪ جي ادا واري ادا ٻئي ڪردار جي من کي صحرا بڻائي ڇڏي ٿي. ڪهاڻي ”قتل ياڳ تتل چوڙيون“ يادن جي ٽُٽل آئيني ۾ ٽُڪرا ٽُڪرا ٿي ويل محبت جي عڪسن جي لفظن ذريعي نقش نگاري ٿيل آهي. ڪهاڻي ”قيامت چو نہ ٿي اچي“ انتهائي احساساتي ڪهاڻي آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن ۾ سماجي بي حسيءَ جي نشاندهي بہ ٿيل آهي تہ مجبوريءَ جي ناجائز فائدي وٺڻ جي بہ عڪاسي ٿيل آهي. هيءُ ڪهاڻي معاشي بدحالي ۽ بيوسي سبب سماجي بي حسي ۽ انساني روپ ۾ بگهڙن جي ورچڙهيل زندگي جي وارتا آهي.

ڪهاڻي ”طنز“ بيروزگار نوجوان جي بيروزگاري کي نڪمائي سمجهي مٿس چٿرن جو عڪس آهي. ان چٿر عيوض نوجوان جو روزي ڪمائڻ جو ارادو ڪهاڻي جو مرڪزي خيال بہ آهي تہ اها ترغيب پڻ آهي. ڪهاڻي ”عظيم“ وڇوڙي جو ورلاپ آهي. ڪهاڻي ”ڪرپ“ سماج ۾ نياڻيءَ جي رشتي جي سلسلي ۾ غلط فيصلن سبب ڪُڌن نتيجن ڏانهن اشارو آهي، جيڪا هڪ اهم موضوع جي نشاندهي آهي. ليڪ جهڙوڪر سماج ۾ جنس فروشي جو هڪ ڪارڻ اهو بہ ڄاڻائي ٿو. عورت زبردستي جنس فروشيءَ واري عمل کان ڪرپ محسوس ڪندي خودڪشي ڪري ٿي. منهنجي نظر ۾ بهتر ٿئي ها تہ خودڪشي جي پيغام بجاءِ هت سماجي حقيقت نگاري تحت مرد ڪردار جي ندامت ۽ شرافت ڏانهن واپسي وارو پيغام شامل ڪيو وڃي ها. ڪهاڻي ”مرشد“ انڌي اعتقاد خلافت بغاوت آهي ۽ انهيءَ بغاوت جو سبب تعليم آهي، جنهنڪري پڙهيل نوجوان انڌي اعتقاد خلاف بغاوت ڪري ٿو. ڪهاڻي ”بگهڙ“ جاگيرداراڻي سماج جي جار ۾ قاتل اٻوجهہ ماڻهن جي بيوسيءَ جو عڪس آهي. جاگيرداراڻي سماج ۾ ڏاڍا ماڻهو بگهڙن جي روپ ۾ مسڪين ماڻهن جي عزتن جو ماس روڙين ٿا. هيءُ ڪهاڻي جاگيرداري سماج ۾ اهڙين وارتائن جي عڪاسي ڪندڙ ڪهاڻي آهي. ڪهاڻي ”فاني دنيا“ عنوان مان ئي ظاهر آهي تہ ان جو مرڪزي خيال اهو آهي تہ هر شئي فنا آهي. عهدو، مرتبو، نظر اندازيون، منافقيون، دٻدٻا عارضي آهن. ايستائين جو زندگي ئي عارضي آهي. رهڻو آهي تہ ماڻهپي جو واس رهڻو آهي. ڪهاڻي ”حرامي“ جو مرڪزي خيال اهو لڳي ٿو تہ جڏهن ڪنهن ڪم ظرف ماڻهو وٽ دولت يا عهدو ايندو آهي تہ اهو پنهنجي اصليت ۽ اوقات وساري ويهندو آهي. سندس نظر ۾ سڀ ڪجهہ پئسو، مرتبو يا عهدو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي ويندو آهي. هو پنهنجا رشتا ناتا ۽ سڀ تعلق وساري ويهندو آهي. ليکڪ بهتر انداز ۾ موضوع سان نڀايو آهي. ڪهاڻي ”پرندڙ وجود“ ٻه وڇوڙي ۾ موهن جي دڙي جيان کنڊر بڻجي ويل محبت جي عڪاسي آهي. موهن جي دڙي جي تمثيل منجهان اهو سمجهه ۾ اچي ٿو تہ ڪسجي ويل محبت بہ حَسِين هوندي آهي تہ ان جون يادون بہ حَسِين هونديون آهن.

بهرحال ظفر پياروي جي ڪهاڻين جي بغور مطالعي منجهان معلوم ٿيندو تہ سندس ڪهاڻين ۾ موضوع جي نسبت سان پيغام رسائي جي ڀرپور ڪوشش ڪيل آهي. سندس ڪهاڻين جو اسلوب پنهنجو آهي. ظفر وٽ محبت جو انجام ازلي وڇوڙو آهي، جيڪو دراصل حقيقت نگاري جي عين مطابق آهي. سندس ڪهاڻين ۾ مڪالمو ۽ بيان وارو عنصر بہ آهي. ڪجهہ ڪهاڻين ۾ ٻولي جي استعمال ۾ ڪمزوري بہ آهي تہ بيان ۾ ڪمينٽري بہ آهي. ڪنهن بہ موضع جي نسبت سان ليکڪ بجاءِ ڪردار ڳالهائن يا وري بيان ڪمينٽري جهڙو نہ لڳي. مجموعي طرح ظفر پياروي پنهنجي همعصر دور جو بهترين ڪهاڻيڪار آهي.

**عزيز ڪنگراڻي**

جوهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ليکڪ پاران

اها منهنجي لاءِ انتهائي خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو پنهنجي ڪهاڻين جي پهرين مجموعو منظرعام تي آڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهيان ۽ اهي ڪهاڻيون جيڪي سورنهن سال اڳ چاندوڪين راتين ۾ بلب جي هينان ويهي مڇرن ۽ جيتن جي جهرمٽ ۾ لکيون هيم ته وري پنهنجي اوڏڪي گهر جي ننهيل اوطاق ۾ ويهي تاڪ منجهند ڏاري به لکيون هيم ۽ خبر ئي نه پوندي هئي چئن پنجن ڪلاڪن جي تڙپ ۾ ڪهاڻي لکجي ويندي هئي، توڙي جو مونکي خبر هئي ته هي ڪهاڻيون ڪچيون ۽ ڦڪيون ضرور آهن پر ادبي ڪيتر ۾ هڪ صفا ننڍڙي چڻنگ به آهن ۽ پوءِ جڏهن اهي ڪهاڻيون ماهوار نئين زندگي، هالار، عبرت مئگزين ۽ ٻين رسالن جي صفحن تي ڇپيون ته منهنجا حوصلا هماليا ڪان به اوچا ٿي ويا، پر وقت ڪي ئي سال مونکان اها ڪهاڻي لکندڙ سوچ ۽ ڏات ڪسي ورتي ۽ آءُ گهرياتين ۽ پنهنجي جيئندان خاطر ڪچڙي عمر ۾ جڏهن گهڻا جهر جهاڳيا ۽ نيٺ قسمت اچي ڪراچيءَ جا رستا ڏيکاريا ۽ وقت جي ڏيڍ مان نڪتس ته تقريبن انهن سترهن سالن ڪانپوءِ رسي ويل ڏات جي ديوي مون وٽ واپس آئي ۽ پوءِ رسالن ۾ ڇپيل ڪهاڻيون جن ۾ ڪافي گم ٿي ويون آهن، باقي هٿ آيل ڪهاڻيون ڪٺي ۽ ٻيون نيون ڪهاڻيون سرجي هي ڪهاڻين جو مجموعو اوهان جي هٿن تائين آندو اٿم، جنهن ۾ انيڪ اوڻايون هونديون ته اتي وري چند سنايون به ضرور هونديون. جنهن جي پرک توهان پڙهندڙن تي ڇڏيل آهي. بس ڪوشش ڪئي اٿم ته پنهنجي ڪچين ڦڪين لکڻين ذريعي من ڪو هڪ اڌ ذهن جنجهوڙجي پوي ۽ منهنجو مقصد ساپيان ٿي پوي.

منهنجي هي پهرين ڪوشش پڙهندڙن سامهون آهي جنهن ۾ گهڻا ئي جهول انهن ڪي ملندا پڙهندڙن جي راءِ مون لاءِ تمام گهڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهميت رکي ٿي، جتي اهي هن مان اوڻايون ڪڍن ٿا اتي انهن جي رهنمائي ۾ اصلاح مون لاءِ مشعل راهه هوندي ۾ مان ڪچو ڦڪو لکندو رهندس ته من ان ۾ پختگي اچي وڃي.

هن سفر ۾ منهنجي جن رهنمائي ڪئي انهن ۾ سائين ڊاڪٽر ظفر عباسي صاحب، وشال امير صاحب، واحد پارس هيسباڻي صاحب، ۽ پنهنجي چاچا سائين مرحوم الهرکيو لهر صاحب کي نه ٿو وساري سگهان جنهن وقت به وقت لکڻ جي هن سفر ۾ منهنجي رهنمائي ڪئي ۽ مان ڪجهه نه ڪجهه لکڻ جي قابل ٿي پيس ۽ هتي وري آءُ مرحوم ڊاڪٽر قربان جهتيال صاحب، تاج جويو صاحب ۽ آزاد انور ڪانڌڙو صاحب جهڙن قلمڪارن ۽ اديبن کي ڪاٿي ٿو وساري سگهان، جن مونکي سنڌي ادبي سنگت ۾ روشناس ڪرائي منهنجي آبياري ڪئي. حوصلاافزائي ڪئي ۽ مونکي محرومين جي احساس واري مان ڇڪي ٻاهر آندو.

مان مهاڳ ۾ اصلاح لاءِ هميشه محبتون ڏيندڙ پنهنجي سينئر ليکاري ڏيڻ، ڊرامانگار ۽ ڪهاڻيڪار سائين عزيز ڪنگراڻي صاحب جو نهايت ئي ٿورائتو آهيان، جنهن مصروفيت مان ٽائيم ڪڍي هر ڪهاڻي جو بخوبي مطالعو ڪري لفظ لکيا. جڏهن ته پنهنجي سينئر ڪهاڻيڪار سائين ضراب حيدر صاحب جو به نهايت ئي ٿورائتو آهيان جنهن منهنجي هجت کي مان ڏيندي پنهنجي قيمتي وقت مان ڪجهه ٽائيم ڪڍي به اکر لکيا آهن. جڏهن ته پياري دوست اسلم ڪتياڻ صاحب جو ته احسانمند ئي رهندس جنهن منهنجي هن ڪتاب شايع ڪرائڻ کي عملي جامو پهرايو ۽ منهنجي بي انتها مدد ڪئي جو هي ڪهاڻين جو ڳتڪو توهان جي هٿن ۾ آڻڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهيان.


**ظفر پيارووي**

پياروواسٽيشن (دادو)

zafar.media@Yahoo.com

0300-3256952





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪھاڻيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آزاديءَ ۾ قيد ٿيل پوڙهو

”هي هاڻي جهور پوڙهو ٿي چڪو هيو پر هن جي اکين ۾ سمايل خواب اڃا تائين پوڙها نہ ٿيا هئا ۽ نہ ئي وري هن جي سوچ پوڙهي ٿي هئي، پر جدوجهد ۾ گهاريل 60 سالن جون جفاڪشيون، ڏک ڏولاوا، بکون، احساس ڪمتريءَ ۾ پيڙهيل لمحا هر روز هن کي ضرور ياد ايندا هئا ۽ پوءِ هي انهن يادن کي سهيڙي پنهنجو ڪمزور جسم کڻي اڃي شهر ۾ ورتل ڪرائي جي ڪمري ۾ پيل چڳل کٽ تي اڇلائيندو هيو ۽ پنهنجيون ڪڏا ڏئي ويل اکيون ڇت ۾ قاتل ڪوريئڙن ۾ پيوست ڪري پيو سوچيندو هو ۽ پاڻ کان پيو سوال ڪندو هيو.

”آڪاش ڇا اسان بہ انهن ڪوريئڙن جيان تہ نہ آهيون، جيڪي پنهنجن جي ئي اڏيل ڄار ۾ ڦاسي پيا آهيون، ۽ اهڙا ڦاسي پيا آهيون جو هاڻي ان ڄار مان ٻاهر نہ ٿا نڪري سگهون ؟......“

۽ پوءِ اٿي سامهون ڪِليءَ ۾ ٽنگيل پگهر ۾ آلي ٿي ويل پراڻي قميص جي پاسي واري کيسي مان سگريٽن جي ڊٻي ۽ ماچيس ڪڍي ٻيهر کٽ تي اچي سگريٽ دکائي هڪ وڏو ڪش هڻي پنهنجو پاڻ ئي جواب ڏيندو هيو...

”ها بلڪل اسان پنهنجن جي ئي اُڏيل ڄار ۾ ڦاٿل آهيون..!“

۽ پوءِ پاڻ جيان پوڙهي ٿي ويل دروازي جي وٿين مان ٻاهر ڏسندو هيو. جنهن وقت شام جا پاڇا گهرا ٿي ويندا هيا تہ پنهنجي سيراندي پيل پراڻي فون کڻي سندر ڏي فون ڪندو هيو، جيڪو هن جو اڪثر اڪلائي ۾ ساٿي بڻجندو هيو ۽ پوءِ ڪيس چوندو هيو. سندر يار پيسا اٿئي کيسي ۾ تہ حڪيم وٽان ٺري جي ٿيلهي وٺيون اچجانءِ جي نہ اٿئي تہ منهنجي نالي هڪ ڪنيون اچجانس پوءِ حساب پيا ڪنداسين ڄاڻ پهرين تاريخ بہ آئي. ۽ پوءِ ٺري جي ٿيلهي اچي ويندي هئي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمري جي ڪنڊ ۾ پيل بناسپتي گيهه جي اڍائي سير جي ڊٻي کي آڳهارو ڏئي اها ٽري جي ٽيلهي ۾ برف وجهي ٻئي دوست آهستي آهستي چسڪيون هڻي اونداهي ٽيڙ تائين سگريٽ جي دونهين کي به پيا اندر ۾ اوتيندا هيا ۽ پوءِ اهو خالي ٿي ويل بناسپتي گيهه جو ڊٻو ڪٽ تي ٺئي اونڌو ڪري گهر ڏانهن ٿڙندا ٿاٻڙندا هليا ويندا هيا، جتي هنن جي اچڻ کان اڳ ٿي سندس گهر ڀاتي سمهي پوندا هيا ۽ هي ڪاري جي هيٺان پيل ٿڌي ٿي ويل ماني ۽ ٻوڙ ڪٽي پيٽ جي باهه اجهائي سمهي پوندا هيا ۽ تڏهن اٿندا هيا جڏهن سج جا تيز ترورا منهن تي اچي پوندا هين ۽ هي اٿي منهن تي پاٽي جا ڇنڊا هڻي چلهه تي پيل ديڳڙي مان چانهه جو ڪوپ ۽ ٿڌو ٿي ويل اوڦراٽو کائي ٻيهر شهر جي هوٽلن تي اچي ديرو ڄمائيندا هيا جتي سڄو ڏينهن سنگت سان ڪچهريون پيون هلنديون هيون ۽ آزاديءَ جا نئين سر پيا راڳ آلاپيندا هيا ۽ اهو راڳ تڏهن ختم ٿيندو هيو جڏهن شام ڏاري بناسپتي گيهه ۾ پيل ٽرو هن جي اکين آڏو پيل هوندو هيو ۽ سگريٽن جا ڪش هنن جي ڇپن تي چلولايون ڪندا هئا.

آڪاش ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ڏيري ٿي ويل وجود ۽ ميرن ڪپڙن کي پيو ڏسندو هيو، ته ڪڏهن وري پنهنجي سامهون ڪار تي گذرندڙ ان حڪيم کي پيو ڏسندو هيو، بوسڪي جي ڪپڙن ۾ ملبوس ۽ انهن قيمتي ڪپڙن تي ولايتي پرفيوم جي خوشبو ۾ تر ٿيل...“ويهارو سال اڳ ته حڪيم به ائين ٿي هيو جيئن هاڻي آڪاش آهي. صفا هن جيان سادڙو ميرڙا گهنجيل ڪپڙا، پر هن آزاديءَ جي خواهش کي هميشه دفن ڪري نوجوان نسل جي خيالن ۽ زندگين کي قيد ڪرڻ جو ڪاروبار شروع ڪيو هيو. سندس گهر جي اڱڻ ۾ جوا جو اڏو به هلندو هيو، ته وري اتي منشيات به وڪرو ٿيندي هئي. پاڙيوارن جي شڪايتن تي ٻاهرين پوليس جا ڇاپا به لڳا گرفتار به ٿيو، ڪيس سچو به لڳا هيا، پر هاڻ هو انهيءَ ذلت جو عادي ٿي چڪو هيو. ڇو ته هي پنهنجي اٽيل چار ۾ اهڙو ته ڦاسي چڪو هيو. جنهن مان هاڻ ٻاهر نڪرڻ هن لاءِ مشڪل نه پر ناممڪن هيو. هاڻ ته هن کي تر جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سياسي پوٽارن جو بہ آشيرواد مليل چڪو هيو. پر آڪاش حڪيم جي نقش قدم تي هلڻ جي بجاءِ پنهنجي اصولن ۽ آدرشن تي پٽي هليو ۽ زندگيءَ جي ڏنڏلين يادن کي پنهنجو اثاثو بڻائي ڇڏيو هئائين. هي جنهن بہ رستي تان گذرندو هيو ڪيس ماڻهون ڪامريڊ جي نالي سان سڏ ڪري ملندا هيا ۽ هي ان نالي کي پنهنجي قيمتي ملڪيت سمجهندو هيو. جيڪا هن زندگيءَ جي ڇهن ڏهاڪن ۾ ڪمائي هئي. آڪاش ڦوهہ جوانيءَ جا ڏينهن بہ اڻ ڏٺل محبوبا جي نانءُ ڪيا هئا، جنهن جي اوسيئڙي ۾ جهور پوڙهو ٿي ويو هيو ۽ هن جو وجود بہ ڏيرو ٿي چڪو هيو.

ان ڏينهن مان آڪاش سان مليو هيس ۽ ڪي ئي پل ڪچهريون ڪيون هيون سين

پڇيومانس: آڪاش سائين آزادي ڇا آهي....؟

منهنجي ان ڪيل سوال تي هڪ گهري نظر منهنجي چهري تي وجهي چيائين: ”دلبر تون آزاديءَ جي روح کان اڻ ڄاڻ تہ ناهين پوءِ مونکان ڇو ٿو پڇين، تون بہ تہ هن ڌرتيءَ جو جنم آهين..!“

ها آڪاش بلڪل مان هن ڌرتيءَ جي ڪک مان جنميل آهيان ۽ مونکي يقين آ منهنجي جسم جي مٽيءَ جو پنوڙو بہ هن ڌرتي جو آهي ۽ اهو هن ڌرتيءَ ۾ ئي دفن ٿيندو. پر مونکي توهان جي آزادي قيد ٿيل لڳندي آ ۽ ائين لڳندو آ ڄڻ ان کي توهان ئي قيد ڪيو هجي.

ڪي پل آڪاش مون ڏانهن ڏسندو رهيو. پوءِ منهنجي هٿ ۾ هٿ وجهي پنهنجي ڪرائي تي ورتل ان ڪمري تي وٺي آيو ۽ آءُ نہ چاهيندي بہ هن سان گڏ آيو هيس. ڪلهي تي پيل رومال کي ڪٽ تي هٽندي مونکي ويهاريائين ۽ پاڻ ڪرسي تي ويهندي چيائين: ”دلبر اڄ توسان ڪچهري ڪرڻ تي دل چيو تڏهن توکي هن غريب خاني تي وٺي آيو آهيان مونکي خبر آ تہ منهنجي هي حجت توکي ضرور ناگوار لڳي هوندي. کيسي مان سگريٽ ڪڍي پنهجين آڱرين ۾ ڦاسائيندي چيو هئائين.

”زندگيءَ جو فلسفو بہ عجيب آهي جنهن کي اڄ ڏينهن تائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪير بہ سمجهي ناهي سگهيو“..!!

”پر آڪاش سائين توهان جي زندگيءَ جو فلسفو ڪجهہ وڌيڪ الجهيل نہ ٿو لڳي؟“

سگريٽ دکائي ان مان ڪش هڻي، هلڪي مرڪ مرڪندي چيائين: ”پيارا اسان ذاتي خواهشن کان آزاد ٿي چڪا آهيون، پر اجتماعي خواهشون اڃ بہ اندر ۾ آهن تہ شل هي ڌرتي ۽ ڌرتي واسين جو ايندڙ نسل امير هجي ....!“

”آڪاش سائين توهان جون خواهشون ۽ حسرتون بہ پڳي ٿوڙهي جي جبل جيان ساڪت بيٺل آهن. انهن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ پنهنجي نسل سان وفاداري ۽ سچائي سڀ کان اهم پهلو آهي، پر اهو پهلو تہ ڪاٿي بہ نظر نہ ٿو اچي، شايد توهان وٽ بہ نہ هجي..؟

مطلب توکي اسان جي سڄي جدوجهد اجائي نظر پئي اچي...؟ آڪاش سگريٽ جو ڦلو رت بنا خشڪ ٿي ويل آڱرين سان هيٺ ڪيرائيندي پڇيو هو.“

ها بلڪل کوکلي، کوکلي ڊٻي ۾ نڪرين جيان جيڪا فقط اجايو شور آهي...!!

ڏس نہ هتي ڪيڏا ڪِيس پيا ٿين ۽ اهي ڪِيس پنهنجا ئي پيا ڪن.

”گوسڙو ماستر صحافي بڻجي، اسڪولن ۾ ڊيوٽيون ڪرڻ جي بجاءِ بليڪ ميلنگ وارو ڪم ڪري پنهنجي ئي نسلن جو ماس نوچي رهيا آهن ۽ انهن صحافين جي اڪثريت ايمان وڪڻي دلالي ڪري اڄ بنگلن ۽ گاڏين جي مالڪ آهي پر انهن جي عتاب جو نشانو بڻيل معصوم ٻارڙا ۽ سندن والدين مفلسي ۾ جڪڙيل آهن.!

اسانجا ڪامورا ۽ سياستدان ڪرسين تي پهچندي ئي اندر جي احساس ۽ سوچ جو گلو گهٽي ٿا ڇڏين ۽ ڪرپشن مان ايتري تہ ملڪيت ٺاهي آخر ۾ اسپتالن جي بسترن تي تڙپي تڙپي مري ٿا وڃن جو انهن جون اهي ملڪيتون انهن جا پنج نسل بہ نہ کٽائين...!

ان ويل سندر بہ اچي ويو هيو.

مون ٻاهر جهاتي پاتي، شام جا پاڇا وري آيا هئا.

سندر مونسان نياز ۽ نوڙت مان مليو هيو. ڪافي وقت ڪانپوءِ مليا هياسين، هو بہ آڪاش جي آستاني تي مونکي ويٺل ڏسي حيران ٿي ويو.

آڪاش ڪيسي مان چند پراڻا نوٽ ڪڍي سندر کي چانهن آڻڻ جو چيو هو ۽ پاڻ ڪنڌ ۾ پيل ڪوين کي آگهاري اچي کٽ تي رکيو هئائين. مان سندس ڪمري کي ڏسندو رهيو هئس، هنڌ هنڌ ڄارا ۽ انهن ۾ موجود ڪوريئڙا ۽ پتين تي مکين ۽ مڇرن جو شڪار ڪندڙ ڪرڙين جو اوچتو نمودار ٿيڻ ۽ جهٽ هٽي پنهنجي شڪار کي ڦاسائي ڳيت ڏيڻ، ڪمري ۾ پيل کٽ جي پيرانديءَ کان ميري ٿي ويل رلي ڇڻ اها بہ قيد ڪاٽي رهي هجي، ۽ هڪ ٽنگ کان محروم پلاسٽڪ جي سرن تي بيٺل ٽيبل جنهن جي مٿان اخبارن جو ڍير ۽ ان اخبارن مٿان پيل دز ۽ انهن سيني شين جي وچ ۾ پوڙهائپ جي سرحدن ۾ زندگيءَ جو سفر ڪندڙ آڪاش. جنهن جو نوٽ سڪل زمين جيان ڏارون ڏئي ويل چهرو ۽ ڳاري جو ليپ ڏنل پتين تي آزاديءَ لاءِ شهيد ٿي ويل ڳڀرو نوجوانن جا رت هاڻا اخبارن ۾ ڇپيل ايڊيشنن جا چنبڙيل فوٽا ۽ انهن ۾ انقلابي شاعريءَ جون سٽون....!.

ڪلهي تي هٿ رکي آڪاش ڪرسي تي ويهندي چيو ”دلبر! هي جيڪي شهيدن جا مسخ ٿيل رت هاڻا چهرا ۽ چچريل جسم ڏسين پيو اهي هڪ ڏينهن انقلاب ضرور آڻيندا ۽ ڌرتي ڌڻي غلامي مان آجا ٿي ويندا.“

مونکي نہ ٿو لڳي آڪاش سائين! مايوسيءَ مان چيومانس: ڪوڪلن نعرن سان پلا ڇا ٿيندو....؟

اهي نعرا توکي ڪوڪلا ٿا لڳن ۽ هي آجپي لاءِ شهيدن جو ٽمندڙ رت اجايو آ.....؟

جذباتي ٿيندي پڇيائين

چيومانس: ها آڪاش ..!

ڪي پل خاموش ٿي انهن رت هاڻن فوٽن کي ڏسندو رهيو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏٺم سندس نيڻن ۾ نير تري آيا هئا ۽ منهن ڀئي پاسي ورائي انهن ڳوڙهن کي ڳيت ڏئي اندر ئي اندر ۾ پي ويو هيو....!!

سندس ڪلهي تي هٿ رکي زور ڏنومانس، جيڪو ماس کان خالي خالي بس رڳو هڏا ..

جهيڻي لهجي ۾ چيائين:

”دلبر اسان کي مايوس ته نه ڪر اميدن جي سهاري تي ته هلون پيا. اسان نه ٿا چاهيون اسان جو ايندڙ نسل اذيتن ۾ هجي ۽ انهن لاءِ پنهنجي ئي ڌرتي جون گهٽيون صفا سوڙهيون ٿي وڃن ۽ هو انهن مان گذر نه ڪري سگهن..!!

”آڪاش هو يت تي ڪرڙي ۽ چت تي چار ۾ خاموش ٿي ويٺل ڪوريئڙا ڏسين پيو، اسان جو وجود به انهن ڪوريئڙن جيان ٿيندو پيو وڃي. جيڪي فقط پنهنجي آجپي لاءِ چار وڇايون ويٺا آهن ۽ ٻاهران آيل پناهگير ڪرڙيون ۽ اهي ڪوريئڙا اسان جي وجودن کي روز ڦاسائي اسان جو ماس کائي رهيا آهن...! منهنجي انهن لفظن تي آڪاش ڪي ئي پل انهن ڪوريئڙن ۽ ڪِرڙين کي ڏسندو رهيو.

ڏس نه آڪاش اسان جا پنهنجا پنهنجن جو ئي ماس نوچين پيا..!

اهو ته ازل کان سلسلو جاري آهي دلبر اڄڪلهه جي ڳالهه ته ناهي! اُنهيءَ زماني جو دستور آهي ڏس نه جيڪڏهن منصور بن حلاج جي خلاف سندس وقت جا عالم گواهي نه ڏين ها يا انهن کان اها ناحق گواهي نه ڏياري وڃي ها ته هو شهادت جي منزل نه ماڻي ها، جنهن لاءِ هن جو روح متلاشي هيو...! آڪاش ٺڏو ساهه ڀريندي چيو هو.

ان وقت سندر ڪٽليءَ ۾ چانهه کڻي آيو ۽ ڪوپن ۾ اوتي اڇي آڏو رکيائين. چانهه جي چسڪي ڀريندي آڪاش پڇيو: يلا تنهنجي نظر ۾ آجپو ڪيئن ونجي..؟

چيومانس: صفا سولو آهي...!!

پڇيائين ڪيئن..!!

چيومانس: همت ۽ عملي ڪم سان جيڪڏهن اسان اڳتي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏنداسين جاڪوڙينداسين تہ اسان جو ايندڙ نسل غلامي احساس ڪمتري، بک ۽ مفلسيءَ جي جڪڙ مان نڪري ويندو ۽ ترقي جون منزلون طئہ ڪندو ۽ وري انهن جو ايندڙ نسل ضرور شاهوڪار هوندو...!!

چيائين: اها سچائي ۽ عملي ڪم ڪيئن ڪجي ؟

چيومانس:

آڪاش سائين شروعات گهر کان ڪرڻي پوندي، اسان کي پنهنجي ايندڙ نسل کي تعليم سان آراستہ ڪرائڻو پوندو، تڏهن ئي باشعور ذهن پيدا ٿيندا ۽ اهي باشعور ذهن ئي آجپو ۽ خوشحالي اربي سگهن ٿا هن ڌرتيءَ کي ۽ ڌرتي واسين کي.

ڪي ئي پل هو مونڏانهن خاموش ٿي ڏسندو رهيو هو، چيائين: کهڙي دنيا ۾ تو رهين دلبر! هتي اسان جا اسڪول تباهہ حال آهن استاد اسڪول ۾ اچڻ لاءِ تيار ناهن، پوءِ اسان جي ايندڙ نسل جي تعليمي آبياري ڪيئن ٿيندي؟

ڏس آڪاش تنهنجو ننڍڙو ڳوٺڙو آهي اتي اسڪول جي بلڊنگ آهي. جيڪڏهن ان بلڊنگ جي سار سنڀال پاڻ ڪجي ۽ ذميواري نڀائجي تہ اسڪول ۾ استاد ضرور ايندو ۽ پڙهائيندو. بہ باقي جيڪڏهن اوڏانهن توجهہ نہ ڏينداسين تہ اسان جي ڳوٺن مان گوسڙو ماسترن جو جنم ٿيندو رهندو ۽ ٻارڙا اسڪولن جي بجاءِ ٻنيءَ ٻاري ۾ ڍور ڍڳي چارڻ جي حوالي هوندا ۽ اهي ٻالڪ جڏهن جوانيءَ ۾ ايندا تہ هو هن ترقي يافتہ دور ۾ سرڪاري محڪمن ۾ يا ٽيڪنيڪل فيلڊن ۾ هجڻ جي بجاءِ هوٽلن تي بيراگيري يا وري مزدوري ڪندي نظر ايندا ۽ انهن جي آمدني ايتري هوندي جو انهن جو ايندڙ نسل بہ تعليم کان وانجهيل هوندو ۽ ائين اسان نسل درنسل غلاميءَ ۽ محرومين ۾ سڙندا رهنداسين... چڱو هاڻ آءٌ هلان ٿو آڪاش، ڏاڍي سٺي ڪچهري ٿي انشاءَ الله وري ملنداسين. مون اٿندي چيو.

ڏٺم سندر بہ مونکي غور سان ٻڌي ۽ ڏسي رهيو هو ۽ پوءِ آءٌ موڪلائي هليو آيو هيس..


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ پوءِ شهر ۾ ڪافي ڏينهن کان آزاديءَ جي حاصلات لاءِ پتڪندڙ آڪاش مونکي نظر نہ آيو هيو ۽ نہ ئي وري اهو سندر.
۽ پوءِ نيٺ هڪ ڏينهن آڪاش کي ڏٺم، پراڻي موٽر سائيڪل تي ٽي چار ٻارڙا ڪنيو پئي ويو ۽ انهن ٻارڙن جي هٿن ۾ ڪتابن جا ٿيلها هيا. چهري تي مرڪ تري آئي هئي. مونکي ائين لڳو ڄڻ مان حقيقي خوشي ماڻي ورتي هجي. آڪاش تہ ڪڏهن عيد ڏهاڙي بہ گهر لاءِ ياڇي ونڻ جي تڪليف نہ ڪئي هئي، سڄو ڏينهن هوٽل ۽ شام جو وري سندس هي ڪمرو ۽ ٽري جو ٽين وارو ڊبو.....!
آڪاش اسڪوٽر اسٽارٽ ڪري وڃي رهيو جو سڏ ڪيو مانس آڪاش!
هو بيهي رهيو هو ۽ مونکي ڏسي مرڪي ڏنائين
ان جي مرڪ مان ائين لڳو ڄڻ ان جي سڪي ٽوٽ ٽي ويل چهري تي نمي ۽ تازگي اچي وئي هجي وڏي اچي هٿ ملايومانس "توهان ڪيئن آهيو" آڪاش سائين ڪافي ڏينهن کان نظر ئي نہ پيا اچو...؟
چيائين "مان هاڻ حقيقي آجپي جي حاصلات لاءِ زندگيءَ جا باقي پل گذارڻ چاهيان ٿو..!!" پنهنجي ڳوٺ جو بند پيل اسڪول بہ کولرايو اٿم...! استاد ناهي ايندو تہ ٻارڙن کي پاڻ پڙهائيندو آهيان...!"
۽ ها هاڻي جي مونسان ڪچهري ڪرڻ تي دل چوئي تہ مونکي هن شهر ۾ نہ ڳولجانءِ مان پنهنجي ڳوٺڙي ۾ ئي ملندوسانءِ......!"
ائين چئي هن موٽر سائيڪل کي ڪِڪ هنئي، سندس آڏو ۽ پويان ويٺل گلن جهڙا معصوم ٻارڙا مونکي مسڪرائي ڏسي رهيا هئا ۽ مان ڏسي رهيوهيس آزاديءَ ۾ قيد ٿيل پوڙهو آزاد ٿي چڪو هيو......!!!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نہ ماڻھجي سگهيل پيار

”جاويد ڇا اسان کي نوڪري ملي سگهندي؟“ ياسين اداسيءَ مان پاڻيءَ ۾ ننڍڙا ننڍڙا پٿر اڇليندي مونکان پڇيو.

”ياسين اسان کي ضرور نوڪري ملندي، بس تون همت نہ هار.“ مون کيس حوصلو ڏيندي چيو.

”ڪيئن نہ همت هاريان جاويد! هر ڊپارٽمينٽ ۾ انٽرويو ڏئي آيا آهيون آخر ڪيستائين هٿن ۾ ڊگريون کڻي اسين پٽڪندا رهنداسين؟ مان تہ زندگيءَ مان مايوس ٿي ويو آهيان جاويد“ ياسين چيو.

”نہ دوست نہ، مايوسي گناهہ آهي.“ مون کيس ٻيهر حوصلو ڏيندي چيو.

”يار جاويد اسان سان اهڙو ورتاءُ ڇو ٿو ڪيو وڃي، ڪيستائين اخبارن ۾ اشتهار ڏسي ڪاغذ موڪليندا رهنداسين. ڪيستائين گهر وارن کي نوڪريءَ جا آسرا ڏئي انهن جي پگهر مان ڪمايل پئسن کي پاڻيءَ وانگر وهائيندا رهنداسين؟ يار هاڻ آءٌ ڪڏهن بہ ڪاغذ ڪاڏي نہ موڪليندس، ڪوبہ انٽرويو نہ ڏيندس بس هاڻ آءٌ محنت مزدوري ڪندس، گهٽ ۾ گهٽ گهر وارن جي لاءِ سهارو تہ بڻجي ويندس“. ياسين اٿندي چيو.

”دوست دنيا اميدن تي قائم آهي ڪوشش سان ئي منزل ملندي آهي.“ مون کيس همٿائيندي چيو.

”يار جاويد منهنجي من ۾ اميدن جون ڇٽنگون اجهامي ويون آهن. شايد اهي ڇٽنگون ڪڏهن بہ دکي نہ سگهن. چڱو خداحافظ جاويد، مون کي ٻنيءَ تي وڃڻو آهي.“ ائين چئي ياسين هليو ويو.

ويندي ويندي منهنجو دامن بہ جڻ اميدن کان خالي ڪري ويو هو. مايوسيءَ ان ويل گهيري ورتو هو. ان ويل منهنجي نظر مٿيءَ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏندڙ ننڍڙن ٻارن تي پئي هئي جيڪي سوچن ۾ ذميوارين ڪان آجا هئا، منڙا منڙا ٿهڪ ڏئي ڪڏي رهيا هئا. دل ۾ خواهش اڀري ڪاش آءٌ پيهر ٻہ ٻار ٻڻجي وڃان، پريشانين ڪان آجو هڪ ننڍڙو معصوم ٻار.

واقعي ياسين ۾ مون هر ڊپارٽمينٽ ۾ انٽرويو ڏنا هئا، پر سواءِ ناڪامين جي ڪجهہ بہ پلئہ نہ پيو هو، پوءِ بہ منهنجي من ۾ اميدن جون چٽنگون دڪيل هيون، مان پر اميد هئس.

آئون بہ ٿڪل قدم کڻندو گهر ڏانهن راهي ٿيو هئس، جو رستي ۾ صنوبر ملي وئي هئي. آئون ڪيس پنهجاٿپ مان گهوريندو رهيو هئس پر هن مونکي ڏسڻ بہ جڻ گوارا نہ ڪيو هو. سندس اهڙي بي رخي تي ڏاڍي چڙ ۾ ڪاوڙ ايندي هئي. نہ ڄاڻ ڇو هو مون ڪان جڻ نفرت ڪندي هئي، مون تہ ڪيس جيءَ ۾ جايون ڏنيون هيون. هوءَ هلي وئي هئي اکين ڪان اوجهل ٿي وئي ۽ آئون ڪيس ڏسندو رهجي ويس. گهر اچي ٻاڻ کي آئيني ۾ ڏسڻ لڳو هئس، آخر ڪهڙي ڪمي آ مون ۾ جو صنوبر اک کڻي بہ نہ ٿي ڏسي. ٻاڻ مطمئن ٿي صنوبر جي پويان وڃڻ لاءِ اچا درواز ئي مس اورانگهيو هئم جو پويان سڏ ٿيو، لوٽو ورائي پوئتي ڏٺم، پٽ جي اوٽ مان شاهده مون کي ڏسي مرڪي رهي هئي. ان ويل شاهده جي پويان ڪيل سڏ تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي بي اختيار ڏانهنس وڏي ويو هئس.

”چاهي! ڇو سڏ ڪيئي؟“ ڪاوڙ مان پڇيومانس.

”جاويد ڏس مون تولاءِ ڇا آندو آهي.“

هلڪي مرڪ مرڪندي چيائين.

او جنڙي مونکي تنهنجي ڪا بہ شيءَ نہ کپي سمجهي.

ان ويل هوءَ اداس ٿي وئي هئي، اکين جي ڪنورين ۾ لڙڪ پرجي آيا هئس.

”جاويد! تون مونسان اهڙو رويو ڇو رکندو آهين؟ مان تہ توسان....“ خاموش ٿي وئي هئي اڳتي ڪجهہ بہ نہ چئي سگهي.

منهنجي اڳيان ڪنڌ جهڪائي بيهي رهي هئي.

”شاهده“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”جي“ اداس نيڻ مٿي کڻندي چيائين.
شاهده آئينده مونکي تنگ نہ ڪندي ڪر ڏس ماڻهو ڇا سمجهندا، تون ائين پويان سڏ نہ ڪندي ڪر، ان وقت مونکي صنوبر جي ياد آئي. شاهده کي ڇڏي تلاءَ ڏانهن صنوبر جي پويان هليو ويو هيس.
تلاءُ تي صنوبر اڪيلي پاڻي ڀري رهي هئي، ڪيس اڪيلو ڏسي ڏانهنس وڌي ويو هئس.
همٿ ڪري صنوبر سان ڳالهايم.
”ص... صنوبر.“ ڏڪندي سندس نالو ورتو هيم.
”ڇاهي! ڇو آيو آهين منهنجي پويان؟“
ڪجلين اکين ۾ ڪاوڙ ڀريندي چيائين.
صنوبر جي اهڙي رويي تي حوصلا ڳالهائڻ کان جواب ڏيڻ لڳا، وري همٿ ڪندي چيم ”صنوبر تون مونکي ڏاڍي وڻندي آهين.“
ڪاوڙ ۾ ڳاڙهي ٿي وئي، چيائين: ”پر تون مونکي ناهين وڻندو پولڙا، ڪڏهن آئيني ۾ شڪل ڏٺي اٿئي.“ نہ ڄاڻ ٻيو بہ ڇا ڇا چئي وئي. مان ڪنڌ جهڪائي ٻڌندو رهيس، جڏهن نظرون مٿي ڪنيم تہ هوءَ گهر ڏانهن وڃي رهي هئي.
مون کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي، جسم ۾ ڄڻ ڪنڊا چڀي ويا هئا، صنوبر جا لفظ ذهن ۾ پڙاڏو بڻجي گونجي رهيا هئا، ”تون پولڙو آهين....“
ان ويل ڏاڍي ڪاوڙ آئي صنوبر تي پر مان تہ دل جي هٿان مجبور هئس، سڀ ڪجهہ برداشت ڪري گهر هليو آيس، پنهنجي وجود کي کٽ تي اڇليم، ٿوري دير ڪانپوءِ امان ماني کڻي آئي، اڳيان ماني رکندي چيائين ”جاويد! ماني ڪائي تيار ٿي وٺ اڄ سيوهڻ هلنداسين.“
قلندر لعل شهباز تي هلڻ جو ٻڌي وڏا وڏا گرهہ هڻي ماني جلدي ۾ ختم ڪئي هيم. وهنجي سنهجي نوان ڪپڙا پاتا هيم، وارن کي ڏونگهيءَ جو تيل هڻي ٻاهر نڪتو هيس تہ من صنوبر جي نظر مون تي پئي...
صنوبر تہ ڏسڻ ۾ ڪونہ آئي پر شاهده وري سڏ ڪيو. شاهده کي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسندي ئي باھ وٺي وئي.

”ڇاھي جنڙي ؟“

منهن خراب ڪري شاهده ڪي چيم.

جاويد اڄ تون ڏاڍو سهڻو ۽ سنو پيو لڳين. ڪاڏي ٻاهر تياري آهي ڇا؟“ شاهده مرڪندي پڇيو.

”ها شاهده اڄ آئون امان سان سيوهڻ وڃي رهيو آهيان ۽ ٻڌ شاهده آءُ صنوبر ڪي پسند ڪيان ٿو، منهنجي محبت صنوبر لاءِ آهي ان ڪي ماڻڻ جي دعا بہ گهرندس.“

خاموش ٿي وئي هئي..

نيڻ ڪٽي شاهده ڏانهن نهاريم، هو روئڻهارڪي ٿي وئي هئي ۽ پوءِ شاهده جي ڳلڙن تي ڳوڙها تري آيا هئا...!!

صنوبر نہ ملندئي! رئي جي پلاند سان ڳوڙها اگهندي چيائين.

هوءَ مونکي ضرور ملندي محبت پلا رڳو وڇوڙو تہ ناهي هوندي.“

مون کيس چيو.

”جاويد ان ڪري اها توکي نہ ملندي جو منهنجي محبت توکي حاصل ناهي ڪري سگهي.“ ائين چئي هو سڏڪندي هلي وئي هئي ۽ مان کيس پويان ڏسندو رهجي ويس ۽ ڪن پل لاءِ سوچڻ لڳو هئس شاهده جي ايڏي ديوانگي ڏسي....

گهران امان سڏ ڪيو، شاهده جي گهر ڏانهن نهاريندي، امان ڏي هليو ويس.

پٽ جاويد هلئون! امان پڇيو.

ها امان آءُ تيار آهيان.“

صنوبر جي سوچن ۾ خبر ئي نہ پئي بس اچي سيوهڻ پهتي، سيوهڻ ۾ مون صنوبر لاءِ امان کان چوري چوڙيون ورتيون. قلندر جي درگاھ تان واپس ڳوٺ اچي پهتاهياسين...

صنوبر لاءِ آندل چوڙيون پنهنجي الماڙيءَ ۾ لڪائي رکيون هيم موقعي جي تاڙ ۾ هيس تہ جيئن صنوبر سان ملي سگهان، من ۾ صنوبر جي اڪير ايڏي تہ وڌي وئي هئي، جو گهر ۾ بہ نہ ويهندو هئس هر وقت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳوٺ جي ڳلين ۾ تلاءُ تي ڪنهن رول ٻار جيان پيو ڦيرا ڏيندو هئس، ائين واندو ڦرڻ سبب گهر ۾ ٻاهر مون تي رولوءَ جو نانءُ پئجي ويو هو پر ماڻهن کي ڪهڙي خبر ته آئون محبت جي گلين ۾ وڃايل هڪ پياسو ماڻهو آهيان.

ڪافي ڏينهن کانپوءِ ياسين ملڻ آيو هو. هتن ۾ منائي جو دٻو هئس هميشه اداس رهڻ واري ياسين جي مک تي مسڪراهٽون رقص ڪري رهيون هيون، ڪيس ايڏو بدليل ڏسي حيرانيءَ جي حد کي اورانگهي ويو هئس، ياسين ياڪر ۾ پري منهنجي وات ۾ رس گلو وڌو...

پڇيومانس: ”ياسين هي منائي ڪهڙيءَ خوشي ۾ تو ڪارائين ۽ هي ڀهريون پيرو تنهنجي منهن تي مرڪ ڇا ڳالهه آ پيارا؟“

”جاويد مونکي نوڪري به ملي وئي ته ڇوڪري به ملي وئي.“ ياسين کلندي چيو.

”نوڪري ملي وئي توکي پر ڪيئن ياسين.“ تعجب ڪائيندي پڇيومانس.

جاويد مون وٽ جيڪو ڏاندن جو جوڙو هو. اهو کپائي به لک 60 هزار ۾ ماستري ورتي اٿم.“ کنڌ جهڪائيندي چيائين.

”به لک سٺ هزار ماستريءَ جي لاءِ سوبه تو جهڙو هوشيار ۽ پوزيشن هولڊر نوجوان.“ حيرت ڪائيندي پڇيم.

”دوست هن زماني ۾ هوشيارپ ۽ ذهانت کي ڪتي تو ڏنو وڃي، هيءَ دور سفارش ۽ رشوت جو دور آهي، خير هي وٽ نوڪري ملڻ جي منائي، باقي ڇوڪري جي منائي به جلد ڪارائيندوسانءَ.“ ياسين ويندي چيو.

پر ياسين اها ڪهڙي خوشنصيب آ. ٻڌايو ته وڃ.“ پويان سڏ کندي پڇيومانس.

”جاويد خوشنصيب ٻئي آهيون!! کلندي چيائين.

معنيٰ ته لو ميريج آ ٻنهي جي!!.“

”ها ائين ئي سمجهه!“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر اهو ٻڌاءِ تہ اها آهي ڪير؟“ ڪائنس وري پڇيم.

في الحال نہ...!“ ائين چئي ياسين هليو ويو مان سوچن ۾ ٻڏي ويو هيس، ياسين جو ڪنهن سان پيار آ. ڪهڙي ڇوڪري آهي؟! ذهن الجهي پيو هو پر ان جي پيار واري پرولي نہ سلجهائي سگهيو هئس ۽ اندر ئي اندر ۾ ان پيار جو تجسس بہ وڌي ويو هو، دل ۾ خواهش اڀري تہ ڪاش ياسين جيان مونکي بہ منهنجو پيار ملي پئي.

”صنوبر ڪي ڏسڻ جي خاطر گهٽين ۾ رلندو رهيو هيس، هوءَ الائي ڇو گهٽن ڏينهن ڪان نظر نہ آئي هئي. اجا ان ئي سوچ ۾ هيس جو پري ڪان صنوبر چيلهہ تي گهڙو رکي پاڻي ڀرڻ لاءِ تلاءُ ڏانهن ويندي نظر آئي. صنوبر کي ڏسي ڊوڙندو گهر ڏانهن ويو هيس، سيوهڻ مان ورتل ڇوڙيون الماڙيءَ مان ڪڍي رومال ۾ ويڙهي تلاءُ جو رخ ڪيو هيم، ٿاڪ منجهند جو صنوبر اڪيلي هئي ڪوهہ تي، ڊپ سبب ڏڪي بہ رهيو هيس تہ متان ڪير ڏسي نہ وٺي، دل ٻڏي صنوبر وٽ پهتو هئس، صنوبر سان ڳالهائڻ لاءِ لفظن ساٿ نہ پئي ڏنو جو اچانڪ صنوبر جي نظر مون تي پئي هئي تہ رڙ نڪري وئي هيس..

”تون!“

”تون هتي ڇا پيو ڪرين..!!“

”ها... ها... ص ... نو....بر... مان.“ ڏڪندي چيومانس.

”آخر تون منهنجي پويان پيو ڇو آهين؟ ڇا ٿو چاهين؟ ڇا لئہ ٿو مون کي تنگ ڪرين؟! ٻڌاءِ ”هوءَ ڪاوڙ ۾ ڳاڙهي ٿي وئي.

”صنوبر مون کي غلط نہ سمجهہ، مان...مان توسان... پيار... پيار ڪريان ٿو. ”الائي ڪيئن بي خوديءَ ۾ اهي لفظ زبان مان نڪتا هيا....

هوءَ اهي لفظ ٻڌي ويتر پيڙ جيان پڙڪي پئي هئي ۽ ڪاوڙ مان سخت لهجو اختيار ڪندي چيائين...

ٻڌ مسٽر جاويد... آئنده منهنجو پيڇو هرگز نہ ڪجانءَ مان ڪنهن رولوءَ سان زندگي نہ ٿي گهاري سگهان، جيڪو سڄو ڏينهن بيڪار رلندو وتي، مان توکي ڏسڻ بہ نہ ٿي گهران آئنده ۽ سخت نفرت


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيان ٿي نفرت، چاڪاڻ تہ تون نفرت جي ئي لائق آهين.“
صنوبر جا اهي لفظ گولين جيان اندر ۾ چڀي ويا هئا، صنوبر لاءِ آندل رنگين چوڙيون هٿن مان ڇڏائجي هيٺ زمين تي وڪري ويون هيون. پهريون ڀيرو لڙڪن جون لارون اکين جي پنبڙين مان آزاد ٿي ڳلن ڪان ٿينديون خشڪ مٽيءَ ۾ جذب ٿينديون پئي ويون. آخر اکين ۾ گڏ ٿيل سمورا لڙڪ وهي ويا هئا، بس دل رڳو خالي آهون پئي ڀريون. منهنجا سمورا خواب ٽٽي پيا هئا. ان ويل مونسان گڏ منهنجي خواهشن بہ خوب سڏڪا ڀري رنو هو. جسم مان ست ڇڏائجي ويو هو، دل اندر ۾ رت جا ڳوڙها روئي رهي هئي، بس صنوبر جا لفظ پڙاڏو بڻجي ذهن ۾ گونجي رهيا هئا”تون نفرت جي لائق آهين، تون رولو آهين“!!!
شاهده جو چوڻ سچ نڪتو هو ”جاويد صنوبر نہ ملندئي چو تہ منهنجي محبت توکي حاصل نہ ڪري سگهي.“
مان گهر واپس اچي رهيو هئس تہ شاهده سڏ ڪيو، چيائين جاويد ڇا ڳالهہ آهي ؟ اڄ ڏاڍو اداس پيو لڳين؟“.
ها شاهده اڄ منهنجي دل جي خواهشن کي هن سرعام ڪچليو آ، محبتن جي بدلي اڻ کٽ نفرتون ڏئي وئي آ هوءَ..“ ڪنڌ جهڪائيندي چيو هئم.
ٿوري دير ٻنهي جي وچ ۾ خاموشي ڇائنجي وئي هئي.
”وساري ڇڏ ان کي جنهن محبت جو مان نہ رکيو.“ شاهده چيو هو.
”نہ نہ.... شاهده... نہ آئون پاڻ کي وساري سگهان ٿو پر صنوبر کي وساري نہ ٿو سگهان.“
ٽٽل وجود کڻي گهر آيو هئس. امڙ منهنجي اڳيان ماني رکي هئي، مانيءَ جا گرهہ نڙيءَ مان نہ پئي لٿا، بہ ٽي گرهہ هڻي هٿ ڌوئي آهلجي پيو هئس، پهريون ڀيرو ايڏو اداس ۽ ويڳاڻو بڻجي ويو هئس، امڙ مٿان اچي ويٺي هئي.
”پٽ جاويد ڇا ڳالهہ آهي؟ ڪجهہ پريشان پيو نظر اچين.“ امڙ شفقت مان وارن ۾ آڱريون ڦيريندي پڇيو.
نہ امان نہ، آئون پريشان ناهيان بس ٿورو مٿي ۾ سور آهي.“ امڙ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان ڪوڙ ڳالهائيندي ڇيو هئم.
امڙ مٿي ڪي زور ڏيندي چيو ”پٽ مان تولاءِ چانهه ناهي ٿي اچان“.
ائين چئي امان ڪمري مان ٻاهر هلي وئي هئي ۽ آئون ڪمري جي ڇت ۽ پکين کي گهوريندو رهيو هئس.
ٿوري دير بعد امان چانهه جو پيالو اچي اڳيان رکيو. پرسان ويهندي چيائين ”پٽ جاويد هاڻي ڏس تون وڏو به ٿي ويو آهين ۽ آءٌ پوڙهي به ٿي وئي آهيان. مونکان گهر جون ذميواريون نه ٿيون سنڀالجن. ان ڪري هن گهر لاءِ ننهن ڳولي اٿم.“
”ننهن“؟ چانهه مان ڍڪ ڀريندي حيرت ۾ واتان نڪتو.
”ها پٽ. هوءَ آهي نه ادا سانول ان جي ڇوڪري صنوبر.“
”صنوبر“!
حيرت مان اکيون ڦاٽي ويون هيون.
”ها پٽ صنوبر ڏاڍي سٺي ۽ سگهڙ ڇوڪري آهي. مون ادا سانول کان صنوبر جي ٻانهن تولاءِ گهري آهي ۽ جلد مڱڻو به ٿي ويندو. تون ٻڌاءِ توکي ته ڪو اعتراض ناهي؟“.
”نه نه امان جيڪا توهان جي پسند اها منهنجي پسند! مان ڀلا ڪهڙو اعتراض ڪري ٿو سگهان.“
ائين لڳو ڄڻ امڙ منهنجي جهوليءَ ۾ سڄي جهان جون خوشيون وجهي ڇڏيون هجن. صنوبر جو خيال آيو. الائي هوءَ راضي به ٿيندي الائي جي نه....؟
هفتو کن گذريو ته امان صنوبر وارن جي گهر تاريخ وٺڻ وئي هئي. ان ڏينهن صنوبر چيلهه تي خالي گهڙو کڻي اسان جي گهر آئي هئي.
گهڙو هڪ پاسي رکي منهنجي اڳيان ٻانهون ٻڌي بيهي رهي هئي. جاويد ڇا تون مونسان پيار ڪرين ٿو؟ آهستگيءَ مان پڇيائين
”ها... ها صنوبر آئون توسان بي انتها پيار ڪريان ٿو.“
”جاويد توکي قسم آ ان سچي پيار جو مون کي وساري ڇڏ. مان توسان ڪڏهن به شادي نه ڪندس ۽ ها شاديءَ کان اڳ آئون زهر کائي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو انت آڻيندين.“

”هي ڇا پئي چوين صنوبر؟!! توکي ڇا ٿيو آهي؟“ مون اٿندي چيو.

”ها جاويد آئون تنهنجي نہ ٿي ٿي سگهان ڇاڪاڻ تہ مان پنهنجي هن دل ۾ جان جو مالڪ ياسين کي بڻايو آهي اسان گڏ جيئڻ مرڻ جا وچن ڪيا آهن، اسان هڪٻئي کانسواءِ زنده نہ رهي سگهنداسين.“ صنوبر اهو چئي روئڻ لڳي هئي.

منهنجو ذهن چڪرائجي ويو هو. ياسين جو نالو ٻڌي ان جا چيل لفظ ذهن ۾ گونجڻ لڳا هئا ”دوست ڇوڪريءَ جي منائي بہ جلد ڪارائيندوسانءِ.!!!

صنوبر ۽ ياسين هڪٻئي سان محبت ڪن ٿا، اهو سوچي ذهن چڪرائجي ويو هو. ذهن ڪم نہ پئي ڪيو تہ آءٌ ڇا ڪريان؟ اداس نيڻ کڻي سامهون نهاريم... صنوبر نماڻيون نظرون کڻي مونکي ڏسي رهي هئي، منهنجي اکين مان لڙڪ وهي نڪتا هئا، چيو مانس ”صنوبر وچ.... صنوبر تون وڃ، مان تنهنجي رستي تان هٽي ويس، هميشہ جي لاءِ.... ۽ ها مان امان کي بہ چوندس هو تنهنجي رشتي جي لاءِ تنهنجي ماءُ پيءُ جي آڏو انڪار ڪري ايندي، پر هڪڙو شرط اٿئي منهجو.“

شرط جو ٻڌي ڇرڪجي پئي هئي...

۽ پوءِ ڪجي پل سوچڻ کانپوءِ چيائين

ها جاويد، مان هر جائز شرط مڃڻ لاءِ تيار آهيان.“ اميد ڀريل نظرن سان ڏسندي چيائين.

صنوبر هن ڳالهہ جي خبر ڪڏهن بہ ياسين کي نہ پئي تہ ڪو آئون بہ توسان محبت ڪندو آهيان ۽ تنهنجي پنيان گهٽين ۾ رولن جيان رلندو هيس. صنوبر توکي قسم آ سچي ۽ پاڪ محبت جو ڪيس ڪڏهن بہ اها ڳالهہ نہ ٻڌائجانءِ.. صنوبر جي اکيان ڪنڌ جهڪائيندي چيو هئم.

”ها جاويد، آئون ڪڏهن بہ ياسين کي ان باري ۾ نہ ٻڌائيندس،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن به نه.“

نيڻ مٿي ڪٽي درد جي شدت مان آخري پيرو صنوبر جي چهري تي هڪ گهري نظر وڌي هئم ۽ هوءَ مونکي ٻنل نظرن سان ڏسندي گهڙو ڪٽي هلي وئي هئي، هميشه لاءِ منهنجي زندگيءَ مان.“

امڙ موٽي آئي هئي منهن تي مرڪ هئس، هوءَ ڏاڍي خوش هئي، ايندي ئي مبارڪ ڏني هئائين پر هاڻي ته اها مبارڪ منهنجي لاءِ زهر بڻجي وئي هئي.

منهنجي چهري تي اداسائي جا پاچا ڏسي امان پڇيو ”پٽ خير ته آهي تون پريشان ٿو لڳين.“

”امان آءٌ صنوبر سان شادي نه ڪندس.“ لفظ منهنجي نڙيءَ کي چيري نڪتا هئا ۽ ڪنڌ جهڪي ويو هو.

”ڇا؟“... هي تون ڇا پيو چوين جاويد؟ تنهنجو دماغ ته ٺيڪ آهي؟“

”ها امان آئون سچ ۽ صحيح پيو چوان، تنهنجي وڃڻ کانپوءِ هتي صنوبر آئي هئي، منهنجي آڏو روئي پئي هئي پنهنجي پيار جي لاءِ امان هوءَ ياسين کانسواءِ نه رهي سگهندي، تون سندس مائٽن کي جواب ڏئي اچ، آئون هن سان شادي نه ڪندس ۽ امان تون سندس مائٽن کي اها ڳالهه نه ٻڌائجانءِ.“

ائين چئي گهران ٻاهر نڪري آيو هئس ڳوٺ جي ٻاهران ياسين ملي ويو هو، پاڪر ۾ پري ڇپائين جاويد اچ آئون توکي اچ اها چوڪري ڏيکاريان.“ ان وقت ويتر جيءُ جهري پيو هئم، مجبورن ياسين سان گڏجي آيو هئس هو مونکي ان تلاءُ تي ئي وٺي آيو هو، صنوبر مونکي ڏسي حد کان وڌيڪ پريشان ٿي وئي هئي، من اندر دردن جا لاوا اپري اٿيا هئا، جنهن کي ياسين به نه پرکي سگهيو هو.

”جاويد ڪيئن آهي منهنجي پسند؟“ ياسين مرڪندي پڇيو.

”دوست اوهان ٻنهي جي جوڙي ڏاڍي ٺهندي. منهن تي مصنوعي مرڪ آڻيندي چيو هئم.

ڇڱو ياسين آءٌ هلان ٿو، ٿورو ڪم آهي، ائين جيئن ياسين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موڪلائي هليو ويو هيو. مون اتان وڃڻ گهريو هو شايد هو به ان ڳالهه ۾ راضي هو، آئون انهن کان پري هليو آيو هئس. ڪيڏا نه خواب ڏٺا هئم صنوبر کي اپنائڻ جا. پر هوءَ ڪنهن ٻئي کي دل ڏئي ويٺي هئي.

گهر اچي پاڻ کي کٽ تي اڇلايو هئم، امڙ منهنجو اهڙو حليو ڏسي پريشان ٿي وئي هئي. مٿان بيهي آٿت ڏيندي چيو هئائين ”پٽ تون ڪوبه فڪر نه ڪر آئون تنهنجي لاءِ صنوبر کان به وڌيڪ سٺي ڇوڪري آڻيندس، سٺو ٿيو جو تو مونکي صنوبر جي باري ۾ آگاهه ڪري ڇڏيو.“

ان ويل پنهنجي ڪمري جي در تي شاهده بيٺل نظر آئي هئي.

”پٽ شاهده اڄ اڄ ڏيءُ اچ اتي ڇو بيٺي آهين؟“ امڙ شاهده کي در تي بيٺل ڏسندي چيو هو. شاهده اندر هلي آئي ۽ منهنجي سامهون امڙ سان گڏ کٽ تي ويهي رهي هئي.

”ڏيءُ ايترن ڏينهن کان پوءِ منهن ڏيکاريو اٿئي ڪاوڙي آهين ڇا“؟ امڙ شاهده کي پاڪر پريندي چيو هو.

نه ماسي نه پنهنجن سان ڪهڙي ڪاوڙ؟!!

ڪجهه ڏينهن طبيعت ٺيڪ نه هئي ان ڪري هيڏانهن نه آئي هئس...

”ٺيڪ آهي ڌيءَ تون ويهه ته آئون توهان لاءِ چانهه ٺاهي اچان.“ ائين چئي امان هلي وئي هئي.

ڪمري ۾ شاهده ۽ آئون اڪيلا رهجي ويا هئاسين، مونڏانهن نماڻا نيڻ کڻندي چيوهئائين ”جاويد ڪيئن آهين“؟

”ٺيڪ اهيان“ رکو جواب ڏنو هئم!!!

”تنهنجي صنوبر ڪيئن آهي؟“ ڪنڌ جهڪائيندي ڏکاري لهجي ۾ پڇيائين.

”شاهده هوءَ هاڻي منهنجي ناهي رهي.“ اداسائي مان چيم

”ڏاڍي بدنصيب آ هوءَ جو تنهنجو پيار ماڻي نه سگهي... خير جاويد تون منهنجي شاديءَ تي ايندين نه..! روئڻهارڪي لهجي ۾ چيائين..


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي شادي؟" حيرت مان پڇيم...
"ها جاويد منهنجي شادي منهنجي ماسات سان ٿي رهي آهي."
"ممتاز سان" جيڪو چرين جيان پيو ڳالهائيندو وتندو آهي ؟..."
ها جاويد ان سان جيڪو منهنجو مقدر ڪهڙي ميار قسمت تي... آواز ڳرو ٿي ويو هئس... ڄڻ اجهو روئي ويهندي هجي
"شاهده ڇا تون پنهنجي زندگي ممتاز سان گذاري سگهندينءَ؟".
لڙڪن سان پريل ڪينجهر جهڙا گهرا نيڻ کڻي مونڏانهن ڏٺو هئائين، جنهن ۾ لڙڪ ڦڙا چمڪي رهيا هئا چيائين.
"جاويد ڇا تون صنوبر جي بنا جي سگهندين؟"
"ان جي بنا شاهده ان کي وساري ڇڏيندس سندس چهري جو عڪس پنهنجي دل تان هميشہ جي لاءِ ميساري ڇڏيندس، ڄڻ ڪيس مون چاهيو ئي نہ هيو"....
نہ جاويد نہ، جنهن سان نينهن جا ناتا جڙندا آهن انهن کي ڪڏهن بہ وساري ناهي سگهبو. چاهيندي بہ ان جو عڪس دل تان ميساري ناهي سگهبو." اداس نيڻن سان مون ڏانهن گهوريندي چيائين.
ڪن پل لاءِ خاموشي ڇانئجي وئي هئي ۽ ان خاموشيءَ کي شاهده ٽوڙيندي چيو هو"جاويد پنهنجي زندگي ڪنهن جي ياد ۾ ۽ ان جي عڪس کي پوڄيندي گذاري ڇڏيندس."
امان کي ايندو ڏسي شاهده خاموش ٿي وئي هئي. جلديءَ ۾ چانهہ پي امان کان موڪلايو هئائين، ويندي ويندي چئي وئي جاويد منهنجي شاديءَ ۾ ضرور اچجانءِ.
رات جو ممتاز وارن جي گهر مايون سهرا چئي رهيون هيون، آئون کٽ تي وينو آسمان کي گهوري رهيو هئس، اڪيلو اڪيلو، امان بہ ممتاز وارن جي گهر وئي هئي سهرن تي.
الائجي ڇو چاهيندي بہ صنوبر کي پنهنجي دل مان ڪڍي نہ پئي سگهيس بار بار سندس چهرو منهنجي ذهن تي تري پئي آيو. شاهده جا نماڻا نيڻ بہ اکين آڏو ڦري آيا هئا، ڪيڏيون نہ هن جون بہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خواهشون هيون پر هوءَ پنهجين خواهشن کي ماري ممتاز جي ڪنوار ٻڄي رهي هئي. ڪيڏي نہ اياڻي هئي جو هيڏي ساري زندگي ممتاز جي حوالي ڪري ڇڏي هئائين ۽ ماءُ پيءُ جي آڏوان رشتي کان انڪار بہ نہ ڪري سگهي هُئي.

شاهده ممتاز جي ڪنوار ٻڄي اڄ پنهنجي گهر مان وڃڻ واري هئي، گهر جي ٻاهران نڪاح جون تياريون هلي رهيون هيون. ممتاز موڙ ٻڌي کٽ تي مولويءَ جي آڏو گهوٽ ٻڻيو ويٺو هو. مولوي ٽن شاهدن کي ڪنوار ڏانهن موڪليو، جن ۾ هڪ آئون بہ هيس. منهنجي اجازت جي بنا ڳوٺ جي مولويء منهنجو نالو ورتو ۽ نہ چاهيندي بہ ونواهہ ۾ وينل شاهده جي مٿان ٻين شاهدن سان گڏ اچي بيٺو هئس.

شاهده مونکي ڏسندي ئي روئي پئي هئي، شاهدن جي پڇيل سوال تي ممتاز کي مڙس مڃيندي تي دفعا ها ڪئي هئائين، مون ڏي آلا نيڻ کڻندي وري ڪنڌ جهڪائي ڇڏيائين، جڻ مونکي اندر ۾ سانڍيل سموريون ميارون اڄ ڏيندي هجي تہ جاويد تنهنجو ڏک رهندو.

هوءَ رخصتي مهل خوب اوڇنگارون ڏئي ماءُ جي سيني سان چنبڙي وئي هئي. ويندي ويندي مون ڏانهن آخري ڀيرو ڏٺو هئائين، آئون سندس انهن نگاهن جو تاب سهي نہ سگهيو هئس، ڪنڌ جهڪي ويو هو ۽ نيٺ هوءَ پنهنجي مڙس جي گهر هلي وئي هئي....

آئون بہ ويڳاڻو ويڳاڻو حسرتن جا لاش کڻي گهر ڏانهن پئي آيس، من اندر اها ئي صنوبر جي تانگهہ هئي، ڳوٺ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر سهرا گونجي اٿيا هئا ۽ اهي سهرا صنوبر ۽ ياسين جي ملڻ جا هئا ان وقت نيڻن مان لڙڪ بند ڀڃي نڪتا هيا ۽ شاهده جا لفظ ذهن ۾ گونجڻ لڳا هئا تہ ”تون سمجهين ٿو تہ محبت توکي صنوبر سان ملائيندي؟ جيڪڏهن ائين هجي ها تہ منهنجي محبت تنهنجو پيار ماڻي وٺي ها!“

زبان مان بي اختيار لفظ نڪتا هئا... ها شاهده! تو صحيح چيو هو شاهده ۽ پوءِ آئون ٻارڙن جيان سٽ ڪندو رهجي ويو هئس...!!!!

*(سال 2004 دوران ماهوار هالا مئگزين ۾ شايع ٿيل)*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تـعـويـذ

اربيلو پنهنجي ڇيڙهہ پريل وارن ۾ هر هر ڪنهي هٿ ۾ جهليل چانهن جي پيالي مان سرڪيون بہ هڻي رهيو هيو. تہ سامهون ويٺل پنهنجي ڏيءَ ڀاڳيري ڏانهن بہ ڏسي رهيو هيو. جيڪا ڦوهہ جوانيءَ ۾ پهچي چڪي هئي....

ڀاڳيري جي پڪل انب جيان اها جواني جتي سندس پوڙهي ماءُ پيءَ جون ننڊون ڦٽائي ڇڏيون هيون. اتي وري ڳوٺ جا اوباش ڇوڪرا بہ هن جي پويان نظرن جا تير ڪڍي پيا گهمندا هيا. جڏهن هوءَ گهر کان ٻاهر ڇيڻا ٿڦڻ يا پاڙي جي ڪنهن گهر ۾ ڪم سانگي ويندي هئي، تہ سندس سڊول قدآور جسم ۾ هلڻ دوران هرڻيءَ جون چالون ڏسي گگون پيا ڳاڙيندا هيا. پر مجال آ جو ڀاڳيري انهن ڏي اک کڻي بہ ڏسي بس هوءَ رئي سان پنهنجي وجود کي سموهي ڪنڌ جهڪايون گذري ويندي هئي، بس هوءَ اهي اکڙيون کڻي ڏسندي هئي تہ سندس ڪچي گهر جي سامهون پڪي گهر ۾ رهندڙ ان ٻابر ڏانهن جيڪو هن جو هم عمر هيو ۽ ٻچپن ۾ گڏ رانديون رهيون هيائون، ڪيئن نہ هو سياري ۾ گهر جي آڱڻ تي پيل پلال تي نينگ ٽپا ڏيندا هيا ۽ وري اونهاري ۾ پٽين جي ڇانءِ ۾ ٻلورين راند ڪندا هيا. پر ڀاڳيريءَ کي خبر ئي نہ هئي تہ جڏهن جوانيءَ جي سرحدن ۾ پير پائيندا تہ هڪٻئي کان الڳ ٿي ويندا ۽ اهي رانديون رونديون وري ڪين نصيب نہ ٿينديون. هوءَ تہ هاڻ مهيني جي انهن ڏينهن جو انتظار ڪندي هئي جڏهن ٻابر شهر مان ڳوٺ ايندو هيو ۽ هي تيل ڦليل ڪري ڪچي گهر ۾ پيل ڪجين جي ڦرهن مان نهيل ٽٻٽيءَ ۾ لڪايل نئون جوڙو پهري وچي دروازي کان بيهندي هئي ۽ جڏهن هن جي در کان ٻابر جو گذر ٿيندو هيو تہ سرمي سان سنواريل ڪارا گهرا نيڻ کڻي هڪ مرڪ ٻابر کي ارپيندي هئي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيڏي هوڏي ڏسي چوري هٿ ڪٽي هن جي آجيان ڪندي هئي ۽ هن جي ان ادا تي بابر بہ مرڪي پوندو هيو ۽ ٻانهن ۾ پنيءَ پوڀان لڙڪيل ٽيلهو ٻي ٻانهن ۾ هٽي ساڄي ٻانهہ سان هٿ ڪٽي پاڳيري کي ڪيڪاريندو هيو ۽ پوءِ ٻئي ڏينهن تي پاڳيري مرچ يا لوڻ اڌارو وٺڻ بهاني بابر جي گهر ويندي هئي، ۽ پنهنجي دلبر جو ديدار ڪري ايندي هئي.

پاڳيري جي سوچ ۾ هاڻ ڏينهن رات بابر جو چهرو ڇانيل هوندو هيو ڪم ڪندي ڪندي يادن ۾ گم ٿي ويندي هئي. پوڀان ڪيڏي مهل ماءُ سڏ ڪندي هيس تہ هن جي ورندي نہ ڏيڻ ۽ پاڳيري کي سوچن ۾ غرق ٿيل ڏسي سندس امڙ کي بہ وسوسا وڪوڙي ويا هيا تہ آخر ڇاڻيو آ هن کي جو ائين گم صم آهي...

بابر ان مهيني شهر مان واپس ڪونہ آيو هو. پاڳيري بخار هوندي بہ در تي سندس اوسيئڙي ۾ بيٺي هئي ۽ بيهي بيهي واپس موٽي آئي هئي. من نراس هيس چهري تي اداسائيءَ جا گهرا پاڇا ڇانئجي ويا هيس ۽ هو کٽ تي پيل هنڌ جي ڍير ۾ پنهنجو چهرو لڪائي سمهي پئي هئي ۽ خبر ئي نہ پئي هيس شام ٿي وئي هئي جڏهن پاڳيري جي ماءُ اچي هن جي مٿي تي هٿ رکيو تہ سندس تپيل وجود ڏسي پڇيو هيائينس ڌيءُ تنهنجي طبيعت صحيح ناهي بخار جا اوڙاهہ اٿئي ۽ مونکي ٻڌائين بہ نہ ٿي ۽ پوءِ ان ويل ماڻس سندس پيءُ اربيلي کي سڏ ڪيو هيو جيڪو مينهن جو ٻُهہ ملي رهيو هيو ۽ اهو ٻُهہ اڌ ۾ ڇڏي هن جي مٿان اچي بيٺو هيو.

پاڳيري جا پيءُ ڌيءُ کي تپ ٿيو آ. جلدي وڃ هن ڊاڪٽر سليم کي وٺي اچ تہ تپاسيس ۽ ڪا سُئي هڻينس، ۽ پوءِ جهٽ ڪن ۾ اربيلو ڳوٺ ۾ ڊاڪٽر جي نالي سان مشهور ٿيل ان سليم کي وٺي آيو هو جيڪو شهر مان هڪ ڊاڪٽر وٽ ڪم سکي ڳوٺ ۾ اچي پنهنجي ڪلينڪ کولي ويٺو هيو. هن پاڳيري کي تپاسڻ ڪانپوءِ چيو تہ هن کي بخار آهي پر گهبرايو نہ جلد ٺيڪ ٿي ويندي ۽ پوءِ ٿيلهي ۾ پيل سئي ڪٽي پاڳيري جي ڪپهہ جيان نرم ڏوري ۾ هڻئي هئائين جنهن تي هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اکين مان ڳوڙها وهي نڪتا هيا ۽ ڪي ٿي پل ان ڏوري ڪي مهٽيندي رهي هئي ۽ ڊاڪٽر ڪجھ ٽڪيون صبح شام کائڻ لاءِ ڏئي هليو ويو هيو ۽ ٻه ٽي ڏينهن گذري ويا هئا پر اهو بخار ختم نہ ٿيو هيو تہ ماڻس کي وسوسن اچي ورايو...!!

چلھ تي ياڳيري جي ماءُ سندس پيءُ اربيلي کي پئي ٻڌايو تہ نياڻي کي ڪنهن نظر هنئي آ يا وري ڪنهن تعويذ وڌا آهن مونکي تہ ائين ٿو لڳي. سياڻي سائين شفن وٽ وٺي ويندي سانس ڏس نہ ويچاري صفا ڦڪي ٿي وئي آ.

۽ پوءِ ٻئي ڏينهن تي ماڻس هن کي ڳوٺ جي ٻاهران شفن شاھ جي آستاني تي وٺي آئي هئي جتي هن کان اڳ ئي ڪافي مايون ويٺل هيون ۽ ٻئي پاسي ڪافي مرد بہ ڪبڙن جي وڻن هيٺان ويٺل هيا. پر اجان تائين شفن نہ آيو هيو.

شفن ڏاڍا، ڦيٽا بہ ڪندو هيو تہ پنهنجي ڪمري ۾ هر مهيني چانڊوڪي راتين ۾ هفتو چلو ڪٽيندو هيو ۽ چوڏهين جي رات جو ٻاهر نڪرندو هيو ان هفتي ۾ ڪنهن سان بہ نہ ملندو هو ۽ تعويذ ڌاڳي ڦيٽي ۽ دعا لاءِ ايندڙن کي سندس فقير هفتي ڪانپوءِ اچڻ جو چئي موٽائي ڇڏيندا هيا تہ سائين چلو پيو ڪاٽي ۽ پوءِ انهن مقرر راتين ۾ ماين توڙي مردن اچڻ ڇڏي ڏنو هيو. پر انڌي اعتقاد ۾ ڦاٿل پوڙهيون پڪيون ۽ پوڙها هن جي آستاني تي پيل پراٽين متين مان اچي پاٽي شفا خاطر پيئندا هئا، ڳوٺ ۾ تہ هاڻي ڪنهن گهوٽ ڪنوار جو نڪاح بہ هن جي اچڻ کان بنا نہ ٿيندو هيو ۽ هي وچ ماين ۾ اچي ٽڪ جي رلي تي ويهندو هيو تہ ڳوٺ جو مولوي پوءِ نڪاح پڙهائڻ شروع ڪندو هيو. ماين جي وچ ۾ ويٺل ڏسي ڳوٺ جا اڪثر نوجوان پيا پڄرندا هيا پر هو ماءُ پيءُ جي آڏو ايترا تہ مجبور هيا جو ڪجهي ئي ڪونہ سگهندا هيا تہ جيڪڏهن ان پير شفن جي خلاف بہ ٻڙڪون ٻاهر بہ ڪڍندا هيا تہ پوڙهيون ۽ پوڙها کين توبھ تائب ٿيڻ جو چئي شفن جي وڏڙن جي ڪرامت جون ڳالهيون ٻڌائيندا هيا تہ ابا ڏاڏو ڳالھ ڪندو هيو تہ پير شفن جو پيءُ پير مست جمن ڳوٺ جي 40 ماڻهن کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ سان گڏ وٺي حج ڪرائي آيو هو ۽ جڏهن اهي پٽ تي ويٺا ته سائين پٽ کي چوڻ لڳو هل ته پٽ هلڻ لڳي ۽ حج ڪري ان پٽ تي ئي واپس موٽي آيا، ته اتي وري پيڙهيون ڳالهه ڪنديون هيون ته ابا اسان جي ناني مرحيات ٻڌائيندي هئي پير مست جمن وڏو پهتل هو هڪ سال اچي ڏڪر پيو ان ڏاٽي ڪان سڪڻ لڳاسين فصل به ڪونه ٿيا ته سائين پير مست جمن ڳوٺ اچي پهتو ۽ اسان جڏهن ان کي عرض ڪيوسين ته هتڙا ڪٽو مصيبتون دور ٿين ته هن پوڙهي سبياڻي جي گهر ۾ پيل گنديءَ ۾ پنهنجي مٿي سان ويڙهيل اڇو رومال لاهي ٻڌي ڇڏيو ۽ ان تي دم ڪيائين ته گنديء جي هينان ڪٽڪ وهڻ لڳي ۽ پوءِ سائين چيو هن گنديءَ جو منهن نه کولجو ۽ نه ئي وري هن کي ڪو ميري مٿي سان هٿ لائيندو. هن مان پيو ان نڪرندو ۽ پوءِ ابا مهينن جا مهينا ان نڪرندو رهيو، پوءِ الائي ڪهڙي نياڳي ميري مٿي سان اچي ان گندي کي هٿ لاتو ته گنديءَ مان ان ڏينهن کان ان وهڻ بند ٿي ويو ته پوڙهي سبياڻي سائين جو ٻڌل رومال ڇوڙيو ته ڏسان ان ڇو نه ٿو اچي جي ائين نه ڪن ها ته سڄي عمر اها گندي سائين جي حڪم سان پئي ان ڏئي ها... ابا الله سائين جا پيارا ڪمايون ڪيون ويٺا آهن توهان پنهنجي قيام ڪاري نه ڪيو ۽ پوءِ اهي ڳالهيون ٻڌي ڳوٺ جا نوجوان پنهنجن بزرگن سان بحث ختم ڪري دل ئي دل ۾ ان پير شفن کي پيا برو پلو چوندا هيا، جيڪو چئن مٽن جو ٿلهو بت ڪٽي پيو ڳوٺ وارن کي ڦريندو هيو.

پاڳ پري ماءُ سان گڏ پير شفن جي آستاني تي بابر جو ڇهرو اکين ۾ سانڍي وينل هئي، بابر جي سڪ ستائڻ لڳي هئس ۽ آگرين تي مهيني جا پويان ڏينهن پئي ڳڻيائين جو پير شفن پنهنجي خليفن سان گڏ آستاني تي اچي پهريان ماين جي وچ ۾ ويٺو هيو ۽ سندس خليفا به پويان بيهي پکو هڻي رهياهيس... هن ويٺل ماين تي نظر وڌي جيڏي مهل نظرون پاڳ پري تي پيس ته نظرون ان جي ڇهري تي ٽڪجي ويس ۽ هن جي گلاب جي گل مثل ٽڙيل جواني ڏسي شيطاني خواهش جاڳي اٿي هيس ۽ پوءِ هن آيل ماين کي ابتا سبتا ڦوڪا ڏئي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعويذ ڏئي جڏهن پاڳ پري جي ماءُ هن جي ويجهو پهتي هئي ته هن بي اختيار هن جي پيرن تي پنهنجا هٿ رکي پاڳ پري ڏانهن اشارو ڪندي چيائين ”سائين ڏيءَ کي الائي ڪنهن جي بدنظر گهيرو ڪيو آ، ڪائڻ پيئڻ ئي وساري ڇڏيو ٿس ۽ ڦڪي ٿي وئي آ سڄي“

پير شفن اکيون بوٽيندي چيس مائي چوڪر شفاياب ٿي ويندي الله پاڪ جي حڪم سان، گهبراءِ نه ۽ ائين چوندي پاڳ پري جي مٿي تي هٿ رکيائين ۽ اکيون بوٽي ڪجهه پڙهڻ لڳو ان دوران هن جا هٿ پاڳ پريءَ جي نرم نرم وارن جو لمس وٺڻ لڳا ۽ پوءِ اکيون کولي پاڳ پري جي انهن وارن کي ڏسڻ لڳو جن جو چوٽو پاڳ پريءَ جي چيلهه کان به هيٺ پئي لڙڪيو ۽ پوءِ هن جي نظر پنهنجي سامهون اوڪڙو ويٺل پاڳ پري جي سيني تي وڃي پئي جتان رئي جو پلئو هٽي وڃڻ سبب به ڪير جيان اڇن اپارن هن جي اندر ۾ ويٺل شيطان کي جاڳائي ڇڏيو هو....

شفن پرسان بيٺل خليفي کي پاٽيءِ جي بوتل آڻڻ جو اشارو ڪيائين ۽ ان پاٽي تي دم ڪري بوتل پاڳ پري جي ماءُ کي ڏيندي چيائين چوڪريءَ کي بت وڏو ويو آهي مگر الله پاڪ جي حڪم سان شفا ٿي ويندي ۽ هفتي ڪانپوءِ احوال ڏجو جي نه ته مان پاڻ توهان جي گهر ايندس چوڪريءَ سان وڏو ڏوهه ٿيل آهي....

ماٽس اهو ٻڌي پريشان ٿي وئي هئي ۽ جيڪي وسوسا ڪيا هئائين جڻ ساپيان ٿي آڏو آيا هيس. پير شفن جي پيرن تي هٿ رکي رئي جي پلاند ۾ ويڙهيل سئو جو نوٽ ڪڍي سامهون پيل ٽوڪريءَ ۾ رکيو هئائين ۽ پوءِ اچي گهر پهتي هئي... ۽ مڙس اربيلي کي چيائين جيڪو ڏپ هو اهو ٿيو، پير شفن سائين چيو چوڪري تي مصيبت آهي.....

پڙهس اهي لفظ ٻڌي خاموشيءَ سان ڌيءَ ڏانهن ڏسندو رهيو هو..

پاڳ پري ماءُ پيءُ کي پريشان ڏيندو ڏسي چيو مونکي ڪجهه به ناهي ٿيو بخار آهي لهي ويندو توهان پريشان نه ٿيو بابا...!! ائين چئي هو اندر ڪمري ۾ وڃي سمهي پئي هئي ۽ پوءِ ٽن ڏينهن ڪان پوءِ بخار


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لهي ويو هيس ۽ پاڳ پري ٻيهر ڪنهن مکڙيءَ جيان ٽڙي اٿي هئي، مرجهايل چهرو ٽڙي پيو هيس ۽ ان تي مرڪ ڏسي سندس ماءُ پيءُ به ڏاڍا خوش ٿيا هيا. جڏهن انهن تان ڪا وڏي مصيبت ٽري وئي هجي ۽ پوءِ ان ڏينهن ئي پاڳ پري جي ماءُ پير شفن جي پيرن تي هٿڙا رکي ڪين پاڳ پريءَ جي صحتيابي جو ٻڌائي آئي هئي...“

هوڏانهن پير شفن جي اکين ۾ پاڳ پري لاءِ وحشت جاڳيل هئي جيڪا مات ٿيڻ جو نالو ئي نه پئي وٺي، هن ڳوٺ جي ڪيترن ئي جوانين کي پنهنجي سامهون ڏٺو هيو، پر پاڳ پري جي سامهون انهن کي هن جي پيرن جو به مٽ نه پاتيو هئائين. بس هاڻ هي پهه پيو پچائي ته پاڳ پري تائين ڪيئن پهچجي، پر پاڳ پري جي ماءُ هن جو سندس گهر ۾ اچڻ ڪان اڳ ئي ڪين صحتيابي جو ٻڌائي جڏهن جي گهر اچڻ ۾ رڪاوٽ پيدا ڪري وئي هئي...!!

پاڳ پري هاڻ گهر جو ڪم ڪار ڪرڻ لڳي هئي ۽ بابر جي اچڻ جا ڏينهن به ويجهو هيا پر هو هن پيري به نه آيو هيو ته هوءَ بي چين ٿي بابر جي گهر وئي هئي ۽ ان جي پيڻ ڪان بابر جو پڇيائين ته هو عجيب نظرن سان پاڳ پري کي ڏسڻ لڳي هئي ۽ پوءِ ڪين ٻڌايو هئائين ته هاڻ ادا بابر ڳوٺ ڪونه ايندو شهر ۾ بابا جڳهه ورتي آهي ان ۾ رهندو آ ۽ امان چوي پئي اسان به ڳوٺ مان لڏي هميشه لاءِ شهر هليا ويندا سين...!

”اهي لفظ هن جي مٿان وڄ جيان ڪريا هئا ۽ هي قاتل اکين سان بابر جي پيڻ کي ڏسندي موڪلائي گهر آئي هئي ۽ سڏڪڻ لڳي هئي، سندس سمورا خواب اڌورا رهجي ويا هيا، هن ته اڃا پنهنجي محبت جو بابر سان کلي اظهار به نه ڪيو هيو ۽ نه وري گڏ ويهي ڪٿي قرب پريون ڪچهريون ڪري سگهي هئي ۽ هاڻ هي ڏينهن رات سوچن ۾ غرق هوندي هئي ته ڇا ڪجي؟ بابر تائين من اندر جي ڳالهه ڪيئن پهچايان..

هوڏانهن پاڳ پري جي ماءُ پنهنجي ڌيءُ کي سوچن ۾ ڏسي وري وسوسن ۾ وڪوڙجي وئي هئي. ڪيس پختو يقين ٿي ويو هيو ته پاڳ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پري تي ڪنهن آسيب جو سايو آهي جو هوءَ پنهنجي منهن ڪلي ٿي ته وري پنهنجي منهن روئيندي به رهي ٿي ۽ عجيب ڪيفيت ۾ مبتلا رهي ٿي ۽ پوءِ هن ٻيهر وجي پير شفن ڏانهن ڊوڙ پاتي هئي جنهن ڀاڳ پري تائين پهچڻ جي راهه هموار ڏسي رات جو ٻئي ڏينهن تي سندس گهر اچڻ جي پڪ ڏياري هيس ۽ پوءِ ٻئي ڏينهن صبح جو فجر ڌاري اچي ان جي گهر پهتو هيو ان ويل ڀاڳ پري آڳر تي نلڪي هيٺان پنهنجو منهن پئي ڌوتو ۽ شفن جون نظرون سڌو وجي سندس جسم تي ڪڙڪيون. ڪاريهر جيان ڪليل ڪارا وار چيلهه ڪان به هيٺ لهرون هڻي رهيا هيا ۽ ڀاڳ پري جو ڪنوارو سڊول جسم هن جي اکين ۾ مڪمل وحشت جاڳائي رهيو هيو...

ڀاڳ پري جي ماءُ جلدي جلدي پير شفن لاءِ ڪٽڪ جا سجر اوڦراتا، ديسي آنا ۽ چانهه تيار ڪرڻ لڳي هئي، جنهن ۾ ڀاڳ پري به هٿ پئي ونڊايس. جڏهن ته اربيلو معمول جيان صبح سانجهيءَ ئي ٻني تي نڪري ويو هيو...

هيڏانهن پير شفن گهر جي چٽني ڪنڊن تي ڦوڪارا ڏئي در آڏو بيٺل ڪجيءَ جي وڻ هيٺان ويهي رهيو هيو، جنهن تي ڀاڳ پريءَ جي ماءُ کيس عجيب نظرن سان پئي ڏٺو جڏهن ته ڀاڳ پري به سوچي رهي هئي سڀ چوندا آهن قرآن ۾ وڏي طاقت آ اڄ مان پير شفن ڪان تعويذ وٺندس بابر لاءِ، دعا جو چونديسانس ۽ چونديسانس ته چلو ڪڍي جيئن بابر شهر ۾ ٻي چين تي منهنجي لاءِ واپس ڳوٺ موٽي اچي، ڳوٺ ۾ ماين جون ڳالهيون ڀاڳ پري جي دماغ ۾ ٻرڻ لڳيون هيون ”ادي ڦلاٽي کي ڦلاٽي ٻت وڌو“ ڦلاٽي ڦلاٽي کي تعويذ وڌا ۽ نيٺ شادي ٿي وين. اهو سوچي سندس چهري تي مرڪ تري آئي ۽ هي ويچاري علم ڪان وانجهيل اڻ پڙهيل ڳوناٽي ڇوڪري هاڻ پير شفن کي پوڄڻ لڳي هئي ۽ پڪو پهه ڪيو هئائين ته بابر کي ماڻڻ لاءِ ڪجهه به ڪندي...!!

پير شفن جي آڏو تازي تازي نيرن اچي ڀاڳ پري رکي هئي، ماڻس لوٽو ڪٽي سندس هٿ ڌورايا هيا ۽ هي ماني کائڻ ۾ شروع ٿي ويو هيو ۽ ماني کائيندي کائيندي پرپرو ويٺل ڀاڳ پري جي مٽي تي هٿ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڪي ڇيو هٿائين ڇوڪر سڀ نيڪ ٿي ويندو ۽ الله پاڪ جي حڪم سان تنهجيون سڀ مشڪلاتون ختم ٿي وينديون ۽ من جون مرادون پائيندينءَ....

اهي لفظ ٻڌي ياڳ پري جي چهري تي مرڪ اچي وئي هئي جنهن کي هن تجربيڪار پرکي ورتو هيو ۽ ياڳ پري جو ڪپهه جيان ڪوئنرو جسم پنهنجي ٻانهن ۾ هجڻ جي پڪ ٿي وئي هيس..!!

”ڪٽ تي خالي پيل ٿانو ڪٽي ياڳ پري ڪاري ۾ رکڻ وئي ته پير شفن سندس ماءُ کي چيس پوڙهي تنهنجي ڌيءَ تي آسيب جو سايو آهي ۽ هو ڪجيءَ جو وڻ ڏسين ٿي نه ان مردود جو گهر اتي آهي ۽ اهو مردود آهي به صفا بي پيرو ان لاءِ مونکي سخت محنت ڪرڻي پوندي ۽ چانڊوڪيءَ رات ۾ چلي ۾ ئي ممڪن آ ياڳ پري جي جان ڇٽي، ان لاءِ مونکي ڪجهه شيون گهرجن، پوڙهي تون هينئن ڪجانءِ جو نئون چنڊ ٻيهڻ ڪان اڳ جست جي وٽيءَ ۾ ٻن پاريهرن جو رت ڪٽي اچجانءِ مونکي عمل ڪرڻو آ ۽ ان بي پيري کي هميشه لاءِ ٽڙي ڪيڏڻو آ، جيئن هو ٻيهر تنهنجي گهر ته ڇا هن ڳوٺ ۾ ئي نه اچي ۽ اهي پاريهر منهنجي آستاني تي ملي وينديئي پر اهو جست جي وٽي ۾ رکيل رت ياڳ پري جنهن وقت ڇوڏهين جون چنڊ ٻيهي ته مون وٽ چلي ۾ پاڻ ڪٽي ايندي مان نياڻي کي وڏيڪ مصيبت ۾ نه ٿو ڏسڻ گهران نه ته اهو مردود بي پيرو هن کي نپوڙي ڇڏيندو...

ياڳ پري جي ماءُ سندس آڏو هٿ ٻڌيون بيٺي هئي ۽ ڪنڌ کي لوڏيندي چيائين جي مرشد تنهنجي ٻاجهه آ اسان جي مٿان بس منهنجي ڌيءَ جي جان ڇڏرايو. ان ويل ياڳ پري به اچي شفن جي آڏو ويٺي هئي ۽ ماٽس مراد جا پيسا ڪڍڻ لاءِ ڪمري ۾ هلي وئي هئي ته موقعو ڏسي شفن ڏک هنيو ۽ پڇيائينس ڇوڪري جيڪو اندر ۾ اٿئي ٻڌاءِ تنهن تي ياڳ پري چيس ”مرشد سائين“ مان بابر سان محبت ڪندي آهيان، مان تنهنجي آڏو هٿ ٿي ٻڌان ڪجهه اهڙو علم ڪر جو بابر مون وٽ موٽي اچي ۽ مون سان شادي ڪري. اهو ٻڌي شفن جون واڇون ٽڙي پيون ۽ چيائينس ياڳ پري تنهنجو محبوب توکي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملندو پر ان شرط سان تہ جيئن مان چوانءِ ائين ڪرڻو پوندئي...

ياڳ پري پنهنجي دل جي ڳالهہ پير شفن جي زبان مان ٻڌي اجا بہ يقين ۾ ونجي وئي ۽ ڪنڌ لوڏي هائوڪار ڪيائين، بس هر حال ۾ بابر کي ماڻڻ پئي گهريائين جنهن کان بابر بہ بي خبر هيو".

پير شفن هليو ويو هيو ۽ هوڏانهن بابر جا ماءُ پيءُ بہ لڏو ڪٽي هميشہ لاءِ ڳوٺ مان هليا ويا هيا شهر. ان منظر ياڳ پريءَ کي ڏاڍو ڏکويو هيو پر هوءَ يقين ۾ هئي تہ بابر مون لاءِ واپس ضرور ايندو...!!!

پير شفن بي چينيءَ سان چانڊوڪين جو انتظار ڪري رهيو هيو تہ هيڏانهن ياڳ پري ۽ ان جي ماءُ بہ چنڊ جي اوسيئڙي ۾ هيا.

"ياڳ پري جي ماءُ اربيلي کي پيرائتا احوال ڏنا هيا ۽ هي انڌي اعتقاد ۾ ورتل سيئي ڳوناٽا ماڻهو پنهنجي بربادي جي انتظار ۾ هيا ۽ هجن بہ ڇو نہ علم کان وانجهيل ڪوڙي پيري مريدي ۾ ڦاٿل غربت ۽ مفلسي جا ماريل هي ماڻهو....!!

چانڊوڪيءَ جون راتيون اچي چڪيون هيون ۽ ياڳ پري جي ماءُ پنهنجي ڌيءَ سميت رات جو پير شفن جي آستاني تي پيتل هئي. هتن ۾ شفن جي خليفن تازو ڪنل پاريهرن جو رت جي جست جو وٽو اچي ڏنو هيس ۽ پوڙهي اهو جست جو وٽو ياڳ پري جي هٿن ۾ ڏنو هيو ۽ خليفي جي اشاري تي ڌيءُ کي اندر وڃڻ جو چئي رهي هئي ۽ کيس سمجهائي رهي، هئي ڌيءُ مرشد کي پنهنجو ماءُ پيءُ سمجهہ گهبرائڻ يا ڊڄڻ جي ڪابہ ڳالهہ ناهي جيئن سائين چوئي تيئن ڪجانءِ ڌيءُ اسان تنهنجي خوشي ۽ مصيبت ٽارڻ ٿا چاهيون مان صبح جو آذان مهل ايندس توکي وٺڻ، ائين چئي ياڳ پري کي مرشد شفن جي ڪمري ۾ اندر وڃڻ جو چيائين ۽ ياڳ پري پوئتي ڏسڻ بنا ڪمري ۾ هلي وئي هئي ۽ هي موتي گهر آئي هئي جتي اربيلوسندس انتظار ۾ هو.. اربيلي کي جاڳندو ڏسي چيو هئائين الله پاڪ بهتر ڪندو اڄ آخري رات آ ياڳ پري جي مصيبت جي مرشد شفن شاهہ بادشاهہ سڀ نيڪ ڪري ڇڏيندو ۽ پوءِ مڙس جي پرسان سمهي پئي هئي...

ياڳ پري جيئن ئي ڪمري ۾ داخل ٿي تہ پير شفن پنهنجيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻوٽيل اکيون کولڻ بنا سامهون ويهڻ جي چيس ۽ هو هٿ ۾ جهليل وٺو ڪنيو ان جي سامهون ويٺي هئي ۽ هو ڪجھ پڙهندو رهيو هو ۽ پوءِ اکيون کولي ڀاڳ پري کي ڏٺائين جيڪا پنهنجي من اندر بابر جي تصوير سانڍيون اميدن سان پير شفن کي ڏسي رهي هئي...

”پير شفن اٿي ڪمري جو اندران دروازو بند ڪيو هو ۽ واپس موٽي ڀاڳ پري کي ٻانهن کان وٺي پاڻ سان گڏ نرم بستري تي ويهاريو هئائينس ۽ پوءِ اهو رت جو وٽو وٺي ان تي ڪجھ چوڪاري ڀاڳ پريءَ کان پنهنجي پريميءَ جو نالو پڇيو هئائين جنهن بي اختيار چيس بابر ۽ شفن ٻيهر اکيون بند ڪري ان رت مٿان ڪجھ پڙهي شوڪارڻ جي ڊرامي بازي ڪئي

۽ پوءِ اکيون کولي چيو هئائين ڀاڳ پري بابر تہ شهر جي ڪنهن ڇوڪريءَ سان اڙجي چڪو آهي...“

”چا چا پيا چئو سائين...!! بابر منهنجو آهي صرف منهنجو. ڀاڳ پري اٿي ٻيهي رهي هئي مٿي تان جو رئو لهي پيرن تي اچي ڪريو هئس“ ۽ پوءِ پير شفن ٻيهر سندس بخملي ٻانهن مان وٺي پنهنجي پرسان ويهاريو هئس. ڀاڳ پري جي وڏن وڏن ساهن جي خوشبو محسوس ڪري رهيو هو. پنهنجي پرسان جوانيءِ سان ڀڪل جسم ڏسي رهيو هو ۽ ڀاڳ پري جون ڇاتيون بنا رئي جي اگهاڙيون هيون ۽ وڏا ساھ کڻڻ تي هيٺ مٿي ٿي رهيون هيون، جن کي ڏسي شفن جي گگ ٿي ڳڙي پئي هئي ۽ ٻيهر پنهنجي لفظن جو ڄار اڇلائي ڀاڳ پري کي مڪمل قاسائڻ جو حربو هلاياائين....

پر ڏس ڀاڳ پري بابر ان شهري ڇوڪري کي ڇڏي هميشہ لاءِ تنهنجو ٿي سگهي ٿو ان لاءِ توکي پنهنجي جسم کي ٿوري تڪليف ڏيڻي پوندي ۽ ٿي مهيناهر چوڏهينءَ جي رات مون وٽ اچڻو پوندئي... پوءِ بابر تنهنجي قدمن ۾ هوندو....

سائين مان سڀ ڪجھ ڪرڻ لاءِ تيار آهيان بس مونکي منهنجو بابر گهرجي، ڀاڳ پري هن جي آڏو هٿ ٻڌندي چيو...

شفن ڀاڳ پري کي وهاٽي جي هيٺان رکيل هڪ تعويذ ڪڍي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنو ۽ چيائينس تہ سائي ڪپڙي ۾ ويڙهي وڻ جي ٿاريءَ ۾ ٽنگجاڻ ۽ ٽن چاندوڪين ڪانپوءِ بابر تنهنجي ڳولا ۾ اچي پهچندو ۽ توسان شادي ڪندو ان جي لاءِ مان تنهنجي ماءُ پيءُ ۽ بابر جي ماءُ پيءُ سان ڳالهائيندس ۽ پنهنجي موجودگيءَ ۾ شادي ٿيندي....

پاڳ پري ٿورائتين نظرن سان شفن کي ڏسي رهي هئي. انهن لفظن تي ۽ منهن تي مرڪ چائنجي وئي هيس رئو اچا تائين پيرن ۾ پيل هيس جنهن ڪان هوءَ بي خبر هئي ۽ پوءِ شفن کيس چيو هڪ وظيفو ڪندس ڏججاڻءَ اصل بہ نہ ائين تصور ڪجاڻءَ تہ تون بابر جي ٻانهن ۾ آهين ائين چئي شفن پاڳ پري کي بستري تي اکيون پوري ليٽڻ جو چيو ۽ هوءَ سمهي پئي هئي ۽ اکيون بند ڪري ڇڏيون هئائين، شفن پاڳ پريءُ جو جسم ۽ سيني تي انگيءُ بنا اپار ڏسي مڪمل شيطان ٿي ويو هو ۽ ان جسم کي پنهنجي بستري تي پيل ڏسي پنهنجي ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيرڻ لڳو هيو ۽ پوءِ پنهنجي هيبتانڪ ٿلهي بت تان قميص لاهي هڪ پاسي رکي ڪمري ۾ برندڙ بتي وسائي ڇڏي هئائين..

شفن جا هٿ پاڳ پريءَ جي پيرن تي ڪتڪتايون ڪڍي رهيا هئا ۽ هي اکيون ٻوٽي تصور ۾ بابر کي ڏسي رهي هئي ۽ آهستي آهستي اهي هٿ ٽنگن ڪان ٿيندا هن جي چاتين جي اپارن تي پهتا هيا تہ هن کي عجيب سرور محسوس ٿيڻ لڳو هيو. ارڙهن ورهين جي پاڳ پري جي لسي جسم تي پنجاهہ سالن جي پوڙهي جا هٿ ڪتڪتايون ڪڍي رهيا هئا ۽ اهي هٿ جڏهن پاڳ پري جي جسم تي پهريل چولي کي لاهي ڦتو ڪيائون تہ هن جون بي اختيار اکيون کلي ويون هيون پر ڪمري ۾ اونداهي ڏسي ڏجي وئي هئي، شفن هلڪو چرڪ محسوس ڪندي سمجهي ويو هيو ۽ کيس پاڪر ۾ پڪوڙيندي چيائينس پاڳ پري اکيون بند ڪر ۽ تصور ۾ بابر جو چهرو رک توسان پيو ڪونہ پر بابر گڏ آهي. هي اپاڳڻ سوچڻ لڳي تہ شفن پير کي ڪيئن خبر پئي تہ مون اکيون کوليون آهن ۽ پوءِ ٻيهر اکيون ٻوٽي ڇڏيون هئائين. شفن پاڳ پريءَ جي چلڪندڙ جسم جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لمس محسوس ڪرڻ لڳو هيو ۽ هاڻ هن جا هٿ پاڳ پري جي ڇاتين تي تيزيءَ سان گهمڻ لڳا، جنهن تي پاڳ پري ڪنهن پياسي هرڻيءَ جيان پنهنجو ڪنڌ شفن جي ڪنڌ تي لاڙي ڇڏيو هو ۽ سندس ڪنوارو جسم سرور جي دنيا ۾ ٻوڙڻ لڳو هيس ۽ پوءِ ڪيس خبر ئي نہ پئي هيس هن جي جسم تان سمورا ڪپڙا لهي چڪا هيا ۽ پاڳ پريءَ جو جسم لطف جي عروج تي پهتو هيو ۽ پوءِ پاڻ کي شفن جي حوالي ڪري ڇڏيو هئائين ائين پئي لڳس جڻ هوءَ بابر جي ٻانهن ۾ سرور جو مزو پئي وٺي ۽ پوءِ اچانڪ رڙ نڪري وئي هئس جيڪا شفن جي ٽلهن چپن ۽ بدبودار وات ۾ دٻجي چڪي هئي ۽ نيٺ سندس بت ساٺو ٿي پيو هئس ۽ پوءِ ڪجهہ دير کان پوءِ شفن پرسان پيل بتي ٻاري هئي تہ پاڳ پري کي قاتل قاتل اکين سان پاڻ ڏانهن ڏسندي ڏٺو هئائين ۽ پاڳيري پنهنجين اگهاڙين ڇاتين کي پرسان پيل چادر سان ڍڪي ڇڏيو هو، هوءَ پاڻ کي شفن هٿان لٽيل ڏسي بي اختيار نير وهائي رهي هئي جو شفن ٻيهر اچي پاڪر ۾ پريو هيس ۽ هن پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ پوءِ شفن هن اياڻي کي ابتيون سبتيون پٽيون پڙهائڻ شروع ڪيون هيون ۽ اهو سڄو عمل شيطاني عمل ڪري ٻڌايو هئائينس جنهن سان بابر هن جي ويجهو ايندو ۽ اها شهري ڇوڪري هن کان پري ٿي ويندي..!!! شفن جي گهڻي يقين ڏهاني ۽ ابتين سبتين ڳالهين تي ڪيس يقين اچي ويو هيو ۽ شفن پنهنجي خريد ڪيل پوپيون جيڪي ڳوٺ ۾ سندس ڪرامتن جون ڳالهيون ڪنديون هيون ادي قلاٺي سان قلاٺو نفرت ڪندو هيو پر سائين جي دعائن ۽ علم سان اڄ ڪيرڪنڌ آهن اهڙيون ڳالهيون ٻڌائي اعتماد ۾ ورتو هيائينس ۽ هن کي بہ يقين اچي ويو هيو ۽ هي مسلسل ٽن مهينن تائين پاڳ پريءَ جي ڪنواري جسم جو رس پيئندو رهيو هو ۽ هوءَ بہ بابر جي لاءِ لتجندي رهي هئي پر ٽن مهينن کانپوءِ بابر ڪونہ آيو هيو پر شفن هنن جي گهر اچي اهو ڪجهہ جو وڻ پنهنجي خليفن کان پاڙان پٽرائي گهر ٻاهران اڇلرائي پاڳ پري جي ماءُ پيءُ کي چيو هئائين اهو مردود هميشہ لاءِ سڙي پسم ٿي چڪو آهي بس هاڻ پنهنجي ڌيءَ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شادي ۾ دير نہ ڪيو.

پاڳ پري اندر ئي اندر ۾ پاڻ کي ملامت ڪندي هئي ۽ پاڻ سان ٿيل ٿهر جي سڌ بہ ماءُ پيءُ کي پوڻ نہ ڏني هئائين ۽ نيٺ هن جو رشتو ٻئي ڳوٺ ۾ سندس سئوٽ سان ٿي ويو هيو. نڪاح مهل پير شفن گهر جي آڳر تي ٽڪ تي وچايل رليءَ تي وينو هيو ۽ سندس پيرانديءَ کان پاڳ پري جي ماءُ ويٺي هيس گهوٽ ڪنوار اچي پير شفن جي مٿان بينا هيا ۽ هن پنهنجا ٻئي هٿ پاڳ پري ۽ سندس مڙس جي مٿي تي رکي سدا سکي هجڻ جون دعائون ڏنيون هيون پاڳ پري بہ بدنامي جي ڊپ کان زهر جو ڍڪ پي هميشہ لاءِ ڳوٺ مان وڃي رهي هئي ۽ سندس گهر جي آڳر تي ويٺل مرشد جون اکيون گهر جي آڳر ۾ کٽولن تي ويٺل شاديءَ تي آيل الهڙ جوانين ۾ وري ڪا ٻي پاڳ پري تلاشي رهيون هيون ۽ پوڙهيون پڪيون مايون جهمريون پائي لاڏا چئي رهيون هيون، ۽ روپيا گهوري دهل وڄائيندڙ فقير کي ڏينديون پئي ويون ۽ مرشد جي ڪٽ پرسان مرشد جي پيرن ۾ ويٺل اربيلو مرشد جي آڏو ٻانهون ٻڌيون وينو هو جڻ مرشد هن جي ڪلهن تان وڏو بار لاٿو هجي ۽ پاڳ پري جي ماءُ اربيلي کي سڪون سان ويٺل ڏسي مرڪي رهي هئي ۽ صدقي وڃان مرشد تان جا نعرا هڻي رهي هئي ۽ مرشد پاران لکي ڏنل ڳچيءَ ۾ پيل چمڙي سان مڙهيل تعويذ کي چميون ڏئي رهي هئي ۽ مرشد مسڪرائي پنهنجي آستاني ڏانهن هليو ويو هيو...!!!!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پراڻي ڪنڊر جيان پرندڙ وجود

منهنجو جڏهن به ڳوٺ جي گهٽين مان گذر ٿيندو هيو ته هوءَ به ملي ويندي هئي، ڪيڏي نه سندرتا هئي هن ۾. گهٽيءَ مان گذر ٿيندي جڏهن نه چاهيندي به منهنجا نيڻ هن سان ملندا هيا ته هن جي اکين مان شرم ۽ حياءُ جا نيسارا وهي نڪرند هيا، ۽ پوءِ هوءَ ڪنڌ جهڪائي اتان گذر ڪري هلي ويندي هئي، ۽ آءٌ سندس ان سندرتا ۽ شرم حياءُ جي واڪاڻ پنهنجو پاڻ سان ئي ڪري ويهندو هيس، هن جو چنچل ۽ سنهڙو وجود مون کي گلاب ۽ موتئي جي نازڪ گلن جي پري لڳندو هيو. هن جو گهر منهنجي گهر کان ٿورو پري هيو ۽ منهنجو روز صبح جو اتان گذر ٿيندو هيو. اڄ جڏهن ان جي گهر ٻاهران صبح سويل ماڻهن جا ٽولا ڏٺم ته اندر ۾ هڪ بيچيني ڇائنجي وئي هئي ۽ اڻ تڻ وڌي وئي هئي ته آخر ڇا ٿيو آ. هن گلن جهڙي نازڪ ۽ معصوم ڇوڪريءَ جنهن جو مونکي نالو ته اڃا معلوم نه هيو. ان جي گهر جي سامهون انهن بيٺل ٽولن ۾ ڪجهه اهڙا ماڻهو به هيا جن جي ڪلهن ۾ بندوقون به ٽنگيل هيون ۽ وري ڪن جي هٿن ۾ ڏنڊا به هيا ۽ ٻيي پاڻ ۾ سس پس ڪري رهيا هيا ۽ مان خوف وچان انهن کي ڏسي رهيو هيس.

اڻ وهنتل ماڻهو، وڏا شهپر، ڪلهي کان هيٺ لڙڪيل چيڙهيل اڻ ترتيب وار، ڦڪا ڏند ۽ انهن ڏندن وچ ۾ ڦاٽل سگريٽن جا سفيد ٽڪرا مونکي ته ڏسندي ئي خوف پئي ٿيو ۽ پوءِ ان گهر جي آڏو هڪ اچي ڊبل ڪيبن گاڏي اچي بيٺي هئي، ان ڊبل ڪيبن گاڏيءَ جي ڊگي مان ٻٽون ٻڌل ۽ هٿن ۾ ڪلاشنڪوف جهلي به همراهه ٽپ ڏئي لٿا ۽ اچي دروازو کوليائون ۽ ان دروازي مان هڪ قدآور همراهه لٿو، جيڪو پري کان ئي هيبتناڪ لڳي رهيو هو. وڏيون اکيون ۽ انهن جي مٿان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهاٽن وارن وارا ٿلها پرون ۽ ان جو ٿلهو پيٽ پري کان ئي ڏٺو هيم،
ٽولن ۾ بيٺل سپئي ماڻهو حرڪت ۾ اچي ويا هئا ۽ وڏي اچي ان همراهہ
سان ڪي نوڙي پئي مليا تہ وري ڪي پيرن تي هٿ رکي پئي مليا ۽
اهو سپني سان اڏو گابرو هٿ ملائي انهن سان بيهي رهيو. ڏٺم ان جي
سامهون منهنجي پاڙي جي ان گلن جهڙي ڇوڪريءَ جو پيءُ ڪنڌ
جهڪايو بيٺو هيو ۽ هن هيبتناڪ وڏين اکين واري شخص جو ڳرو
هٿ ان ڇوڪريءَ جي پيءُ جي ڪلهي تي رکيل هيو.

پاڙيوارن جون مايون ۽ مرد پنهنجي گهرن جي دروازي کان ان
گلن جهڙي ڇوڪريءَ جي سامهون بيٺل ان ميڙ کي ليئا پائي ڏسي رهيا
هئا ۽ جڏهن ان انبوهہ ۾ بيٺل ماڻهن جون نظرون درن مان ليئا پائيندڙ
نوجوان ڇوڪرين ۽ عورتن ڏانهن کڄي پئي ويون. تہ اهي انهن نظرن
کان پاڻ بچائيندي در جي اوٽ ۾ لڪي پئي ويون. ايتري ۾ پوليس جي
گاڏي بہ اچي پهتي هئي ۽ پوليس موبائيل ۾ آڏو سيٽ تي ويٺل ورديءَ
واري لهندي ئي ان ميڙ ۾ بيٺل ان ڳري جسم واري شخص کي سلوٽ
هيو ۽ ساڻس جهڪي مليو ۽ پوءِ ان شخص ڪيس ڪن ۾ ڪو سرباٽ
ڪيو ۽ اها پوليس موبائيل اتان هلي وئي هئي ۽ اهو ڳرو شخص بہ
پنهنجي ان ڊبل ڪيبن گاڏيءَ ۾ وڃي ويٺو هو ۽ سندس پويان گلن
جهڙي ان ڇوڪريءَ جو پيءُ ۽ هڪ ٻيو شخص بہ ويٺو هيو. باقي بيٺل
پنهنجي موٽر سائيڪلن تي چڙهي ان ڊبل ڪيبن گاڏيءَ جي پويان
لڳي پيا هئا ۽ پوءِ پاڙيوارا ان جي گهر ٻاهران اچي بيٺا هئا، مان اندر
جي اڻ تڻ کي ختم ڪرڻ جي لاءِ انهن ماڻهن جي پرسان اچي بيٺو
هيس جيڪي سس پس ڪري رهيا هئا ۽ چئي رهيا هئا نياز جي ڌيءُ
حور گهران نڪري وئي آ، زاهد صاحب جي پٽ شاهد سان....!

مونکي منجهند ڌاري خبر پئي هئي تہ حور ان گلن جهڙي
ڇوڪريءَ جو ئي نالو هيو.

زاهد صاحب جو گهراڻو اسان جي علائقي ۾ تعليم يافتہ ۽
شريف گهراڻو هيو ۽ زاهد پاڻ بہ ڪميشن پاس آفيسر هيو. مون
سندس پٽ شاهد کي بہ ڏٺو هيو، اهو بہ پنهنجي پيءُ جيان سلڇڻو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇوڪرو هيو. هميشہ ادب مان مسڪرائي ملندڙ ڇوڪرو پر ان جي برعڪس ان گلن جهڙي ڇوڪري حور جو گهراڻو بنهہ گهٽ تعليم يافتہ هيو پر حور جي اڻ پڙهيل پيءُ پنهنجي اولاد کي تعليم سان روشناس ڪرايو هيو، ان ۾ سندس نياڻي حور بہ هئي جنهن تازو ڏهون ڪلاس پاس ڪري ورتو هو ۽ هاڻ ڪاليج ۾ پڙهڻ لاءِ ويٺو هيس، پر ان کان اڳ هوءَ ڪچڙي ذهن جي ڇوڪري پيار جي پيچرن جي پانڌيئڙي بڻجي، ڪنهن اڻ جاتل منزل ڏانهن نڪري هلي هئي، جنهن جو مونکي بہ ڏاڍو افسوس ٿيو هيو. ايترو تہ سوچيو هيم پر جواب اهوئي هيو ”عشق نہ پڇي ذات“....!

ڳوٺ ۾ هر ڪنهن جي گفتگو ۾ رڳو حور ۽ شاهد جا قصا هيا ۽ خبر پئي هئي تہ شاهد جا والدين پنهنجي ڳوٺ جو گهر خالي ڪري هليا ويا هئا ۽ ڪنهن کي بہ خبر نہ هئي تہ هو ڪاڏي هليا ويا هيا....

مان سوچي رهيو هيس جيڪڏهن شاهد پنهنجي والدين سان ان پريم ڪٿا جو ذڪر ڪري ها تہ روشن خيال هئڻ ناتي هو پنهنجي پٽ لاءِ ضرور حور جي ماءُ پيءُ وٽ وڃن ها، پر ٻن ڪچڙن ذهنن پنهنجي والدين کي هڪ ڳري امتحان ۾ ڦاسائي وڌو هيو...

هڪ طرف حور هئي جنهن جي ماءُ کي پنهنجا ئي مهڻا ڏئي رهيا هئا ۽ هوءَ خاموش بت بڻجي سڀ ڪجهہ ٻڌي رهي هئي، تہ ٻئي طرف شاهد جا والدين هيا جيڪي رات پيٽ ۾ پنهنجو گهر خالي ڪري هليا ويا، ۽ پوءِ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ خبر پئي هئي ڇوڪري ۽ ڇوڪرو هٿ اچي ويا هئا ۽ شاهد جي والدين معافي وٺڻ سان گڏ ڳرو ڏنڊ پڻ ادا ڪيو هيو ۽ پوءِ ڳوٺ کي هميشہ لاءِ ڇڏي ويجهي شهر وسايو هئن جڏهن تہ ان گلن جهڙي ڇوڪري حور کي بہ انهن جي ذات واري سان پرڻايو ويو هيو ۽ ان وقعي کانپوءِ مون ڏٺو تہ ڳوٺ جا ماڻهو حور جي پيءُ کي طنز ڀرين نظرن سان ڏسندا ۽ ڀرپٽ گٿن لفظن جي سس پس ڪندا هيا جن کي برداشت نہ ڪندي صدمي ۾ حور جو پيءُ تہ پنهنجي رب ڏانهن راهي ٿي ويو هيو پر ان گلن جهڙي حور سان محبت ڪندڙ شاهد بہ پنهنجا هوش حواس وڃائي ويهي رهيو هيو ۽ سندس والدين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي جگر جي ٽڪري کي ساڻ ڪري شهر جي نفسياتي اسپتالن جا چڪر پيا ڪاٽيندا هئا. وقت جي گردش سان شاهد به نيٺ آهستي آهستي ٺيڪ ٿي ويو هيو ۽ هن جي شادي به ٿي وئي هئي، پر هو جڏهن به عيد براد تي ڳوٺ ڪهي ايندو هيو، ته مونکي عشق جي راهن ۾ وڃايل مجنون جيان لڳندو هيو. صفا خاموش خاموش ۽ گم صم....پراڻي کنڊر جيان آهستي آهستي پرندڙ وجود.

پلا ڪچڙا ذهن رکندڙ حور ۽ شاهد کي ڪهڙي خبر ته انهن جو اهو قدم ڪين زندگيءَ جي ڏبڻ ۾ اهڙو ته ڦڪوڙي ڇڏيندو جو اهي سڄي عمر وڇوڙي ۽ درد جي شدت ۾ پڄرندا رهندا، جو ڪين وري هڪٻئي جو چهرو ڏسڻ به نصيب نه ٿيندو.

ان واقعي کي ڪافي سال گذري ويا هئا ۽ منهنجي ذهن جي عڪس تان به ان گلن جهڙي ڪوملتا رکندڙ معصوم ۽ حياءُ سان سرشار ڇوڪريءَ جو چهرو ميسارجي ويو هيو، پر جڏهن ان جي گهر آڏو منهنجو گذر ٿيندو هيو ته ڪن پل لاءِ ٻيهي يادن جي دنيا ۾ وڃي ان ڇوڪريءَ جو چهرو ڪيڏي ڪي پل ضرور ڏسندو هيس ۽ اڄ به جڏهن ان جي گهر آڏو گذر ٿيو هيو ته منهنجي سامهون ان گلن جهڙي ڇوڪري جو گذر ٿيو هيو جيڪا منهن تان لٽل ڪاري چادري سان ٻيهر منهن لڪائي رهي هئي پر مون تي نظر پوندي ئي ڪي پل ساڪت ٿي وئي هئي. ڏنم سنڌو جي وشالتا جهڙيون اکڙيون ڏرا ڏئي ويون هيس، ائين پيو لڳي جڻ هن جي اکين ۾ ڪاڇي جهڙي رڻ پٽ قبضو ڪري ورتو هجي ۽ گلن جهڙو نازڪ چهرو سنڌو جيان سڪي ٺوٺ ٿي ويو هجي. مان ڇرڪجي پيو هئس ۽ منهنجيون اکيون ڦاٽي ويون هيون ۽ هن ٻاڻ سنڀالي ان چادريءَ سان چهرو لڪائي ورتو هيو هن جي آڏو ڊگهي قد سان رنگ جو ڪارو ڪٺ ڦڪي عمر جو همراهه منڊڪائي هلي رهيو هو، ۽ هن ان جي پويان منهنجي حيرت وچان ڦاٽل اکين آڏو اوجهل ٿي پنهنجي گهر جي پراڻي در کي پار ڪري وئي هئي، ۽ مان ڪي پل ساڪت بيٺو هيس ۽ سوچي رهيو هيس اسان جو معاشرو ڪيڏو نه بي حس آهي جنهن هڪ گل کي ٽڙڻ کان اڳ ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مروڙي ڇڏيو هيو ۽ مان اندر ئي اندر ۾ معاشري کي ملامت ڪري رهيو هيس ۽ انهن جي ريتن رسمن کي خيالن ئي خيالن ۾ گهٽو ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي هئم .

ٻن ڏينهن کان پوءِ ڏٺم اها حور منهنجي گهر جي آڳر ۾ پيل کٽ تي منهنجي گهر واريءَ سان گڏ ويٺي هئي. سندس جهوليءَ ۾ اها ڪاري چادري پئي هئي جيڪا ان ڏينهن اوڍيل هيس ۽ مان هن کي چادريءَ جي بنا هڏڙن جي مٺ ڏٺو. هوءَ مونکي ڏسي اٿي بيٺي هئي ۽ مون کيس مٿي تي هٿ رکي ويهڻ جو چيو هو. ۽ پنهنجي ڪمري ۾ هليو آيو هيس جو مٿان منهنجي زال ڪومل اچي بيٺي هئي. پاڻيءَ جو گلاس آڏو رکندي چيائين هوءَ حور توسان ملڻ لاءِ آئي آهي.

”ڪومل ڏانهن حيرت مان ڏٺم. ان جي چهري تي به حيرت هئي“...!!

”پر چو پڇئس ڪونه ته ڪهڙو ڪم اٿس؟.“

نه مون ته نه پڇيومانس. پر ويچاري اندر ئي اندر ۾ ڪافي پريل تي لڳي. ڪومل خالي گلاس کڻي ڊش ۾ رکندي چيو هو ۽ مان در کان سامهون ويٺل حور ڏانهن ڏسي رهيو هئس. جيڪا نماڻين نظرن سان مون ڏانهن ڏسي رهي هئي. اکين ۾ ڪي ئي التجائون هيس. منهنجي ائين چتائي ڏسڻ تي وارن تان لٿل رئو ٻيهر ورائي مٿي تي رکي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو هئائين ۽ مون ڪومل کي چيو هتي وٺي اچينس ۽ ٿوري دير ڪانپوءِ هوءَ منهنجي سامهون واري کٽ تي ويٺل هئي ۽ ڪومل به هن جي پرسان ويٺي هئي.

”سر مان هڪ آس کڻي توهان وٽ آئي آهيان“ حور منهنجي پڇڻ کان اڳ ئي چيو هو. سندس لهجي ۾ نراسائي ۽ اندر جون اجڙيل پاونائون پرکي ورتيون هيم....

پڇيومانس جي چئو مان توهان جي ڪهڙي ڪم اچي سگهان ٿو.

”سر توهان منهنجي اجڙيل جيون جي ڪهاڻي لکنديو“ نماڻا نيڻ کڻي مون ڏانهن ڏسندي چيو هئائين...


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون ڪومل ڏانهن ڏسندي ڪيس چيو توهان پنهنجي زندگيءَ جي ڪهاڻي پلا ڇو ٿا لکرائڻ چاهيون، گذريل وقت ڪي ياد نہ ڪيو تہ بهتر اٿئو...!!

”نہ سر مان پنهنجي زندگيءَ کي ٻين جي لاءِ سبق طور سامهون آڻڻ چاهيان ٿي. ان لاءِ مونسان ٿيل ڪلور منظرعام تي اچڻ لازمي آهن“. هن جي لهجي ۾ تلخي اچي وئي هئي جڻ اندر مان ٻاهہ جو ڪو پيڙ نڪتو هيس.

مان آماده ٿي ڪيس چيو ها مان توهان جي جيون ڪهاڻي ضرور لکندس.

ڏٺم سندس چهري تي تسليءَ جون ريکائون اڀري آيون هيون، ڪومل چانهہ ناهڻ جو چئي هلي وئي هئي ۽ ڪمري ۾ ڪي پل خاموشي ڇانيل هئي. حور پيرن جي آڱرين سان پيرن ۾ پاتل هڪ کهي واري پراڻي چپل سان ڪنڌ جهڪائي حرڪت پئي ڪئي. ڏٺم هوءَ مونکي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائڻ لاءِ جڻ لفظ تلاشيندي هجي..!!

”سر توهان شاهد سان مليا آهيو، هو ڪيئن آهي“ هن ڪنڌ جهڪائيندي پڇيو هيو.

”نہ مان هن سان نہ مليو آهيان پر هن کي ڏٺو اٿم بہ ٿي پيرا.“

اکيون کڻي مون ڏانهن ڏٺائين

”سر شاهد ڪيئن هيو توهان تہ ضرور هن کي غور سان ڏٺو هوندو؟.“

مون جڏهن بہ هن کي ڏٺو آ اهو بہ تو جيان اجڙيل اجڙيل لڳو آ، جڻ ڪنهن اجڙيل شهر جو ڪو ڪندر هجي!“

منهنجي انهن لفظن تي اکيون ڇلڪي پيون هيس، هٿن جي ترين سان اکين مان ڳوڙها اگهندي چيائين”مان بہ ان جيان ئي ڪندر بڻيل آهيان اهڙو ڪندر جنهن جي سندرتا کي نپوڙي نپوڙي ڪيس ويران بڻايو ويو هجي“...

خبر اٿئو سر!

ان رات جڏهن آءٌ ڪنهن اڻ ڄاتل ماڳ تي شاهد جي ٻانهن جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آغوش ۾ ستل هيس ائين لڳي رهيو هو ڄڻ مان جنت ۾ آرامي آهيان ۽ سموريون نعمتون منهنجي آغوش ۾ آهن، پر جڏهن شاهد جي والدين مونکي ننڍ مان اٿاري شاهد جي ٻانهن مان ڪڍي منهنجو هٿ بابا سان گڏ آيل انهن اڻ ڄاتل ماڻهن کي ڏنو تہ ائين لڳو ڄڻ مونکي جنت مان ڪڍي دوزخ جي حوالي ڪيو ويو هجي ۽ اڄ تائين آءٌ ان دوزخ ۾ سڙي رهي آهيان. شاهد منهنجي هٿن کي پنهنجن هٿن ۾ پڪوڙي ورتو هيو هو، مونکان ڇڄڻ نہ پيو چاهي پر اسان کي ڪوڙيون تسليون ڏئي جلد ملڻ جا سهانا خواب ڏيکاري هميشہ لاءِ جدا ڪيو ويو هيو ۽ مونکي بابا سان گڏ هڪ گاڏيءَ ۾ ويهاريو ويو هيو. مان خوف مان انهن ماڻهن جا هيبتناڪ چهرا ڏسي خوفزده ٿي وئي هيس. بابا مونکي پنهنجي پاڪر ۾ پري ورتو هيو ۽ بي اختيار منهنجي مٿي تي منيون ڏنيون هيائين. ان ويل ڏٺم بابا جون اکڙيون لڙڪن سان ڀنل هيون، مون بابا کي ڳراٽڙي پائيندي چيو هو بابا مان شاهد کانسواءِ مري ويندس ان ويل گاڏيءَ ۾ آڏو ويٺل ان شخص جيڪو هيبتناڪ لڳي رهيو هيو مونکي ڇڙٻ ڏيندي چيو هئائين چوري بس ڪري ويهہ نہ تہ ڳيا ڳيا ڪري لوڙهي ڇڏينداسين توکي بہ ۽ ان چوري کي بہ. مان هڪ وڏو ڇرڪ ڀريو هو ۽ بابا بہ ڏڄي ويو هو. پر انهن هيبتناڪ شڪلين وارن جي آڏو ڪجهہ نہ سگهيو هو بابا انهن جي آڏو بي وس لڳي رهيو هو ۽ پوءِ ساري رات سفر ڪرڻ کانپوءِ مونکي هڪ وڏي بنگلي جي هڪ ڪمري ۾ آندو ويو. بابا بہ مونسان گڏ اندر آيو هيو ۽ مونکي تسليون ڏيندي چيو هئائين ڌيءَ تون گهبراءِ نہ ٻن ٽن ڏينهن ۾ سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو ۽ پوءِ هليو ويو هو ۽ ان ڪمري جو در بند ٿي ويو هو.

ان ويل ڪومل چانهہ جا ٽي ڪوپ ڊش ۾ کڻي اچي آڏو رکيا هئا ۽ حور جي پرسان اچي ويٺي هئي. ڪومل چانهہ جا ڪوپ اسان جي هٿن ۾ ڏنا هُئا. ڏٺم حُور جي هٿن ۾ جهليل ڪوپ ٿڙڪي رهيو هو ۽ حُور جا هٿ ڏڪي رهيا هئا...

خاموش خاموش ويٺي چانهہ جا ڪوپ خالي ڪري ويا هياسين، اهي خالي ڪوپ ڪومل ڊش ۾ وجهندي چيو هو توهان ڳالهيون ڪيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ماني جو انتظام ڪري وٺان. منجهند ٽيڻ واري آهي ۽ ها پيڻ حور ماني کائڻ بغير نہ ويجهان. ڪالهہ بہ تون ڪجھ کائڻ بغير هلي وئي هئين، ڏنم حور ڪومل کي جڻ ٿورائتين نظرن سان ڏسي رهي هئي ۽ ڪنڌ لوڏي ها ڪئي هئائين.

پوءِ چا ٿيو هيو مون خاموشي ٽوڙيندي پڇيو مانس

”سر بہ ڏينهن گذري ويا هيا بابا بہ واپس ڪونہ آيو هو. مان ڪمري مان نڪري ان بنگلي جي آڳر تي ويندي هيس تہ اتي مون جهڙيون ڪافي ڇوڪريون ويٺل هونديون هيون. بنگلي جون وڏيون وڏيون پٽيون هيبتناڪ لڳنديون هيون خبر ناهي ڇو مونکي انهن باقي ڇوڪرين کان الڳ رکيو ويندو هيو ۽ رات جو ان ڪمري ۾ بند ڪيو ويندو هيو تي راتيون گذري ويون هيون. ۽ چوٿين ڏينهن مونکي نوان ڪپڙا پهرڻ لاءِ ڏنا ويا هيا، منهنجي خوشي جي انتها نہ رهي هئي ائين لڳو اج مان پنهنجي گهر ويندس ۽ وري گهران مونکي شاهد وٺي ويندو هميشہ هميشہ جي لاءِ.“ ان بنگلي جي نوڪرياڻين مونکي سينگاريو سنواريو هو. مون کائن پڇيو هو منهنجو بابا اڇي پيو نہ اڄ! پر ڪنهن بہ ورندي نہ ڏني هئي پر مونکي يقين هو اڄ بابا مونکي وٺي ويندو ۽ نيٺ رات ٿي وئي هئي. بابا ڪونہ آيو هو پر مونکي هڪ گاڏي ۾ ويهاري هڪ ٻئي بنگلي ۾ آندو ويو جتي هڪ ڪمري ۾ آندو ويو اتي هڪ پيو هيبتناڪ شخص ويٺل هيو، ان جي وڏين اکين کان مونکي خوف لڳي رهيو هيو. مونسان آيل شخص ان جي سامهون ٻانهون ٻڌيون بيٺو هيو ۽ پوءِ ان هيبتناڪ شخص جون وڏيون ڳاڙهيون خوفناڪ اکيون منهنجي جسم تي پوڻ لڳيون هيون ۽ مونکي پيرن کان چوٽيءَ تائين اکيون ڦونداري پئي ڏٺائين. منهنجي اندر اڻ ڇاتل خوف ڇائنجي ويو هيو ۽ پوءِ ان شخص ٻانهون ٻڌي بيٺل ان همراهہ کي چيو: ٻڌ دوسو! بابا ڪڏهن ايندو اسلام آباد مان واپس؟

ان شخص جهڪندي چيس سردار نندا، بابا وڏا جن هفتو ڪن اڇا اسلام آباد ۾ آهن اهي واپس ايندا تہ ٻئي ڏينهن تي هن ڇوڪريءَ کي پنهنجي گهر واپس موڪليو ويندو. هن جي مائٽن سان ڳالهہ ٻولهہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي وئي آهي، ان شخص مون ڏانهن اشارو ڪندي چيو هيو.“

مون پنهنجي قوم جي سردار ۽ سندس پٽن جا فقط نالا ٻڌا هيا پر اڄ ان جي وڏي پٽ آڏو بيٺي هيس.

مونسان گڏ آيل اهو شخص هليو ويو هو ۽ مونکي بيهر خوف وڪوڙي ويو هو ۽ ان سردارزادي مونکي ويهڻ جو چيو هو ۽ پاڻ اٿي اندران دروازي کي لاڪ ڪيائين ته مان خوف مان ڏڪڻ لڳس. لفظ نڙيءَ مان نه پئي نڪتا. مان بيٺي هيس ۽ پوءِ ٻانهن مان ڇڪي صوفي تي پاڻ سان گڏ ويهاريو هئائين.

ٽيبل تي پيل بوتل کولي هئائين جنهن مان عجيب خوشبو نڪتي هئي ۽ هن ٻن گلاسن ۾ ان مان ڪجهه حصو لاهي پاڻي ملايو هيو ۽ هڪ گلاس منهنجي آڏو رکيو هئائين، ۽ پوءِ مونکان پڇيائين نالو ڇا اٿئي...

مون ڪيس ڏڄندي ڏڄندي پنهنجو نالو ٻڌايو هو...

مونکي ٻيهر گهوري ڏٺوهئائين ۽ چيائين ڇوڪري واقعي حور جهڙي آهين پر تنهنجو وڏو ڏوهه آ جو تو غير قوم واري سان گهران نڪري اسان جي قوم لڄائي آهي توکي خبر آ نه ان جي سزا ڪهڙي آ، هن چوري ڪي ته سزا ملندي ئي ملندي، جنهن داغ ڏنو آهي اسان جي قوم کي ۽ پوءِ اهو گلاس هڪ ساهي ۾ اڌ خالي ڪري ويو هو ۽ مونکي چيائين شربت پي ڏڄ نه، هن ۾ انگور ۽ صوفن جو رس آهي ولايتي اٿئي ڪڏهن تنهنجي وڏن به نه پيتو هيو ۽ پوءِ مون نه چاهيندي به ان مان ڍڪ ڀريا هيا.

ٻڌ حور ان چوري شاهد کي تون بچائي سگهين ٿي جيڪڏهن چاهين ته! نه ته بابا سائين جو حڪم آ ان جي لاش کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڪينال ۾ لوڙهي ڇڏيو. ننڍي سردار مونکي اهي لفظ چيا ته مان سڄي لرزي وئي هيس ۽ ان جي پيرن تي ڪري پئي هيس ائين نه ڪيو منهنجي سزا هن کي ته نه ڏيو. توهان جيئن چوندو مان ڪنديس. مون پيرن تي هٿ رکندي ڪيس چيو هو، هن پنهنجا وڏا هٿ منهنجي ٻانهن تي رکي مٿي ڇڪيو هيو ۽ اٿاري وري مٿي ويهاريو هئائين ۽ چيائين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ رستو اٿئي جيڪڏهن ان کي بچائڻ چاهين ٿي ته ان کي وساري برادريءَ ۾ شادي ڪرڻي پوندئي سوبه به ڏينهن اٿئي جي نه ته اهو ڇورو ته مرندو ئي مرندو پر تون به ساري عمر هتي پئي ڀڳرنديندين ۽ جيڪڏهن تون راضي ٿينديندين شادي تي ته پوءِ هن تي ڏنڊ وجهي ڪيس آزاد ڪيو ويندو هاڻ جيئن تنهنجي مرضي هجي .....!

منهنجي آڏو شاهد جو چهرو ڦرڻ لڳو هيو. معصوم معصوم واقعي هن کي مون ئي ته ورغلايو هو گهران نڪري شادي ڪرڻ تي. ڇو جو مونکي يقين هيو پوءِ امان ۽ بابا وارا پرچي ويندا ۽ منهنجي زور پرڻ تي ئي شاهد مونسان گڏ گهران نڪري آيو هو...

نه سردار نه منهنجي شاهد کي بچايو. منهنجي سزا هن کي نه ڏيو توهان جيئن چوندو تيئن ٿيندو. مونکي جلد ڀڳرندو ڏسي هن ڇيو نيڪ آ مان بابا سان ڳالهايان ٿو ۽ پوءِ فون ڪٽي پنهنجي پيءُ سان ڳالهائيندي چيو هئائين..

بابا سائين ڇوڪر حور جي شادي رمضان سان ڪرائڻ لاءِ وڏيري ابراهيم چيو آهي ۽ ڏنڊ طور هنن کان ڏهه لک روپيا وصول ڪيا ويندا. جيڪي ڇوڪري جي مائٽن کي ملندا ۽ پوءِ فون تي ايندڙ آواز تي ڪنڌ لوڏيندي چيو هئائين نيڪ آ بابا سائين وڏيري جعفر کي ٻڌايان ٿو ۽ ڇوڪري جي شادي جو به چوان ٿو هنن کي. ائين چئي فون بند ڪري ٻيو نمبر ڊائل ڪيو هئائين.

هيلو وڏيرا ابراهيم خان هاڻ ٻڌ رمضان وارن کي پاڻ سان وٺيون اچ ۽ ان ڏر کي به ٽن ڏينهن ڪانپوءِ فيصلو مقرر ڪرين مون وٽ ۽ ها نڪاح هتي ئي ٿيندو. ڇوڪري حور جي پيءُ کي به وٺيون اچج. ائين چئي فون بند ڪري ڇڏي هئائين، وڏيرو ابراهيم خان اسان جي برادري جو وڏيرو هو ۽ سڀ فيصلا ڦڙيون اهوئي ڪندو هيو.

بس هاڻي راضي ٿيئن، ائين چئي ٽيبل تي پيل خالي گلاسن ۾ اهو شربت ڀيهر اوتيائين ۽ پنهنجي هٿن سان منهنجي وات تي اهو گلاس رکيائين. حور پي وڃ هن ۾ سرور ايندئي جلدي پي وڃ ۽ آءُ نه چاهيندي به اڌ گلاس پي وئي هئس منهنجو مغز کي هاڻ ڦيري پئي آئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو منهنجي ويجهو ٿي ويو ۽ منهنجي مٿي تان رئو لاهي وارن ۾ آڱريون ڦيرڻ لڳو ۽ پوءِ هن جو هٿ آهستي آهستي هيٺ لهندو پئي ويو پر الائي ڇو مان هن کي نہ روڪي سگهيس، منهنجي جسم کي تہ ائين شاهد بہ ڪونہ ڇهيو هو. هن جا بي ڊولا ٿلها چپ منهنجي منهن تي آلاڻ پکيڙي رهيا هئا ۽ مونکي انهن مان بدبوءِ ڪرڀ پئي آئي ۽ هن مونکي پنهنجي ٻانهن ۾ پڪوڙي ڇڏيو هيو ۽ نيٺ مان پاڻ ڇڏائي اٿي بيٺي هيس، سردار مان توهان وٽ سام تي آئي آهيان. ۽ پرسان پيل رئي سان پنهنجو سينو ڍڪي ڇيومانس هاڻ مونکي وڃڻ ڏيو..

هن خالي ٿيل گلاس ٻيهر ڀريا هيا ۽ مونکي ٻانهن مان وٺي سٽ ڏيندي پنهنجي جهولي ۾ ڪيرائيندي چيائين: مون تولاءِ هيڏو ڪجهہ ڪيو آ تنهنجي هن عاشق چوري جي حياتي بچائي اٿم، تون مون لاءِ ايترو بہ نہ ڪندينءَ؟ ٻڌ حور تون تي ڏينهن منهنجي مهمان آهين ۽ مان تنهنجو مالڪ آهيان، جيئن وٽندو تيئن ڪندس نہ تہ سمجهين ٿي مان ڇا ٿو ڪري سگهان ...!!

ٻيهر خوف ورائي ويو هئم. شاهد جو نماڻو چهرو اکين آڏو اچي ويو هو ۽ اهو گلاس هن زوري منهنجي وات تي آندو هيو ۽ پوءِ هن پنهنجي جسم تي پيل سمورا ڪپڙا لاهي مون ڏانهن وڌيو هو ۽ مونکي کڻي بيڊ تي اڇليو هئائين. منهنجو سڄو جسم ڏڪي رهيو هو هن جو هيبتناڪ بت ڏسي ۽ پوءِ خبر تڏهن پئي هئي جڏهن صبح جو اٿيس تہ منهنجو وجود ڪپڙن جي بنا بستر تي پيل هو ۽ منهنجي پر ۾ اهو جانور بہ بنا ڪپڙن جي ستل هيو، بستر تان اٿي پريان پيل ڪپڙا کڻڻ جي ڪوشش ڪيم تہ ٿيڙ اچي ويا هئا ۽ هيٺ فرش تي ويهي رهي هيس منهنجي ٽنگن ۾ ساهہ نہ هيو ۽ بستري جي اڇي چادر تي رت ڦڙا ڏسي دهلجي وئي هيس، منهنجو سڀ ڪجهہ نيلام ٿي چڪو هيو. پيار جي ان اڻ ڏٺل راهن تي پنهنجي وجود کان نفرت ٿيڻ لڳي هئي ۽ سڏڪڻ لڳي هئس جو هو وحشي بہ اٿيو هو ۽ منهنجي ڪپڙن بنا وجود کي کڻي ٻيهر بيڊ تي رکيو هئائين مان ٽڏي گوشت جيان وٺي هن کي ڏسي رهي هئس، جنهن منهنجي جوڀن کي مروڙي ڇڏيو هيو ۽ ائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پورا تي ڏينهن هو مون تي ظلم جا پهاڙ ڪيرائيندو رهيو هو ۽ مان بت بڻجي سڀ ڪجهه سهندي رهي هيس. ٽن ڏينهن ڪانپوءِ منهنجي لاش ٿيل وجود تي ڳاڙهو ويس پارائي نڪاح وڌو ويو هو ۽ مان پنهنجي پيءُ جيڏي عمر جي شخص سان پرڻجي وئي هيس. جيڪو به ان سردار زادي جيان بدبودار ۽ وحشي هيو. سردار جي ان ڪوٺ مان جڏهن ٻاهر نڪتي هيس ڏٺم بابو سامهون بيٺو هيو. مونکي ڏسندي ئي ڪنڌ جهڪائي منهنجي ويجهو آيو هو ۽ مونکي ڀاڪر ۾ ڀري سڏڪڻ لڳو هو. مگر منهنجي اکين مان ڳوڙها ڪڏهوڪا ڪپي چڪا هيا ۽ پوءِ مونکي ماءُ پيءُ جي گهر آڻڻ بجاءِ وڏيري ابراهيم جي ڳوٺ ٻاهران بنگلي تي اچي ڇڏيو ويو هو. جتي ان به منهنجي جسم کي ڪتن جيان نوچيو هو ۽ پوءِ مونکي ٿاڦيل مڙس رمضان به وحشين جيان لتاڙيو هيو پر هاڻ منهنجو جسم ٿڌو گوشت هيو ۽ مونکي اهو سهڻ جي جڻ عادت ٿي وئي هُئي. بابو به ان واقعي ڪانپوءِ صدمو برداشت نه ڪندي رب کي وڃي پرتو هيو. امان ته اڳ ئي لوڪ جي مهڻن ڪان ڪي ٿي سال مونسان ملڻ به نه ايندي هئي. نيٺ ماءُ جو آ آئون ٿي ان ڏي ايندي هيس، پر هوءَ به مونکان وڏيڪ ميڻ آ روئي روئي پاند پسائي ويهندي آ. يلا غريب گهراڻي جا فرد انهن وڏيرن ۽ سردارن جي آڏو ڇاتي ڪري سگهيا.

ڏٺم حور جي ڏرا ڏئي ويل اکين مان لڙڪن جون لارون وهي ان جي سيني تائين پهتيون هيون ۽ مان اٿي ان جي مٿي تان لٿل رئو هن جي مٿي تي رکيو هيو. اهو ئي ٿيو هيو حور سان جنهن جو مونکي خدشو هيو، سوچڻ لڳو هيس تعليم کان وانجهيل ماڻهن جون نياڻيون آخر ڪيسيتائين اجڙنديون رهنديون ۽ عزت مآب انسانن جي لباسن ۾ لڪيل وحشي جانور ڪيستائين انهن جي جسم جي گوشت کي ٿڌو ڪندا رهندا؟"

ان ويل ڪومل ماني آڌو اچي رکي هئي نه ڇاهيندي به حور ٿوري ماني کائي اٿي بيٺي هئي، ڪومل کي بي اختيار ڀاڪر ۾ ڀري موڪلائيندي چيو هئائين رت جي رشتن کان وڌيڪ عزت ۽ پيار لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان مشڪور آهيان ۽ سر منهنجي هي ڪهاڻي ڪاغذ جي صفحن تي ضرورو اوتجو جيئن ڪچڙا ذهن رڪندڙ مون جهڙيون حورون ۽ ڪيترائي شاهد من بچي پون ۽ عشق جي آويءَ ۾ اچڻ کان اڳ پاڻ سنڀالي وجن ۽ نہ ئي وري ڪا پريمڪا پنهنجي پريمي کي بچائيندي ٽڏو گوشت بڻجي پنهنجو پاڻ لاءِ ئي نفرت بڻجي وجي.

ڏنم هوءَ ٻاهرين در ڏانهن وجي رهي هئي ۽ آءٌ سندس وجود کي ڏسي رهيو هئس. معصوميت وڃايل ان ڇوڪريءَ کي جيڪا پاڻ سان چتن ڪتن جا ڏنل زخم کڻي. يادن جي سهاري ڪنهن اجڙيل کنڊر جيان آهستي آهستي پري رهي هئي...!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# خوابن ۾ ملنداسين

شام ويلي سرنهن جي پيلن گلن جون پنکڙيون اڏائيندو پنهنجي منهن الڻ فقير جو ”تڙي پوندا تارئين جڏهن ڳاڙها گل الا تڏهن ملنداسين“ ڪلام جهونگاريندو هلندو پئي آيس، جو سامهون شبير نظر آيو. شبير جنهن جو نانءُ شبير مان ڪبر رکي ڇڏيو هيم هاٽي ڳوٺ ۾ هرڪو هن کي شبير بدران ”ڪبر“ ڪري سڏ ڪندو هو. هن جو بدن صفا ڪمزو هو ۽ ائين لڳندو هو، جڻ هو قوڪ ڏيڍ سان اڏامي ويندو. وارن کان خالي لونڊڙيون سدائين تيل سان چمڪنديون رهنديون هئس.

”ڪهڙا حال اٿئي ڪبر صاحب؟“ پرسان بيهندي چيومانس

مونکي ڏسندي ئي بوٽينڊي جيترو منهن خراب ٿي ويو هئس ڪاوڙ مان ڏسندي چيائين، ”يار ساجن تون سدائين ڪباب ۾ هڏي بڻجندو آهين.“

”ڪباب ۾ هڏي“ هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي چيم .

اچانڪ پرپرو سرنهن جي پيلين ڦلڙين جي اوٽ ۾ گڏيءَ کي ڏٺم، نالو گڏي هئس ۽ ڏسڻ ۾ ڪبر جهڙي هئي صفا سنهڙي.

واهه سائين شبير عرف ڪبر صاحب تنهنجو عشق ۽ تنهنجي هنيانءُ ڦاڙيندڙ گڏي، واهه سائين واهه جوڙ جوڙ سان مليو آهي. اڙي چمندي توکي ۽ تنهنجي گڏيءَ کي ٻلي نه ڪٽي وئي.“ اهو ٻڌندي ويتر موڊ آف ٿي ويس، ڪاوڙ مان چيائين وڪي منهنجي پل بي عزتي ڪر پر منهنجي گڏيءَ جي نالي ڪجهه به نه چئجانءِ آئون پنهنجي سامهون پنهنجي گڏيءَ جي بي عزتي برداشت نه ٿو ڪري سگهان، سمجهيئي وڪي عرف وقار صاحب.

حاضر سائين حاضر آئنده هن حور جي نانءُ ڪجهه به نه چوندس، هن ڏانهن ڏسندي چيومانس...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻ اکين آڏو ترندين به يا..؟
ها ها ويندس پر منهنجي وجڻ جي رشوت!"
ها ها وٺ کيسي مان به سونف سوپاريون ڪڍي مون کي ڏيندي چيو هئائين "وڪي چڙهين ته اندر کي صفا ساڙي ٿو پر ڇا ڪريان توکي سوپاريون ڏيڻ منهنجي مجبوري به آهي."
ائين چئي تيل سان چمڪندڙ لوندڙين کي مهٽڻ لڳو هو ۽ آئون شبير جون ڏنل سونف سوپاريون کائيندو، ڳوٺ ٻاهران نواب جي هوٽل تي اچي وينو هئس. اچا پنج منٽ به ڪونه گذريا هئا، جو عاشق اچي کلهي تي هٿ رکيو هو.
"واهه سائين واهه چئبو اڄ چانهه ڪيڪ سان گڏ ملندي تنهنجي خرچ تي..." عاشق پرسان ويهندي چيو هو...
بلڪل غلط آ تنهنجو خيال عاشق سائين، اڄ منهنجي کيسي تي سڄائي جو قبضو آ ڪاٽن جا اڇا ڪلف ٿيل ڪپڙا ڏسي نه پلج آخري تاريخون آهن. ادو جاويد به شهر مان پگهار وٺي ناهي آيو. اچا تائين، پنهنجو حال ٻڌائيندي چيومانس.
ويچارو عاشق وسامي ويو هو منهنجيون ڳالهيون ٻڌي منهن تي ڪاوڙ جا تيور چڙهي ويا هئس. اکيون ڪرڙيون ڪندي چيائين "اڙي وقار ڪڏهن ائين چيئي ته اڄ سنگت کي آئون چانهه پياريان ٻيلي دل تي هٿ رکي ڳالهه ڪر."
"اڙي توهان دوست ڪم نه ايندو ته ٻيو ڪير ڪم ايندو ڏس عاشق آئون هينئر بيروزگار آهيان تون نوڪري وارو ماڻهو ۽ هو اسان جو يار ڪبر "شبير" ٽيلر ماستر ۽ آئون واندو بيروزگار ياڻرن جي خرچ تي ، ڏيو پل ميارون نيٺ ته نوڪري ملندي" منهن خراب ڪندي ڪاوڙجڻ جي ايڪٽنگ ڪندي چيو هئم.
اڙي وقار مون ته مذاق پئي ڪيو مذاق ۾ جلد ڪاوڙجي وئين..!!
نواب وقار لاءِ ۽ مون لاءِ به ڦتاڦٽ ڪڙڪ چانهيون تيار ڪر ۽ ها به ڪيڪ به...
عاشق نواب کي چانهين ۽ ڪيڪن جو آرڊر ڏيندي چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ويل ٿهڪ نڪري ويو هو پنهي ڪان پر اهو ٿهڪ جلد غائب ٿي ويو شبير ڪي ڏسي جيڪو ور مٿي ۾ هٿن ۾ پراڻي چمپل ڪنيو تيزيءَ سان ڊوڙندو پئي آيو ۽ اسان جي پر ۾ بيهي چمپل پيرن ۾ پائي ويهي سهڪڻ لڳو...

ڏيئ خبر ڪبر صاحب خير تہ آهي جو سئو سٺ جي رفتار سان پيو ٿو سهڪين. " خير عافيت پڇندي پڇيومانس...

چڏ ڙي نياڳا سدائين منهنجي پويان پيو ڪم ئي ڪونہ ٿئي اج تہ ويتر منهنجو سر ئي ڪنيو هيئي...

نيٺ چا ٿيو اٿئي شبير؟ عاشق حال احوال پڇندي چيس...

بس يار عاشق ڳالهہ نہ پڇ موت جي منهن مان بچي نڪتو آهيان، نہ تہ سياڻي واري اخبار ۾ اصل ابتو ڦوٽو هجي ها..

ابتو ڦوٽو سو بہ اخبار ۾ نيٺ چا ٿيو شبير ؟ عاشق بيهر پڇيس.

يار عاشق گڏي مشڪل سان ملڻ لاءِ چيو هو آئون بہ گڏي سان ملڻ لاءِ ان جي پويان بنيءَ تي ويس جتي هوءَ گاهہ ڪندي آ رومال منهن تي ويڙهي گڏيءَ ڏانهن ويس ان لاءِ تہ متان ڪو سڃاڻي نہ جڏهن گڏيءَ جي پرسان پهتس تہ هن اچي دانهون ڪيون ۽ پوءِ وٺي پڳس پويان بنيءَ تي ڪم ڪندڙ هاري بہ پويان پيا، پر آئون انهن کان زوري ڀڄي آيس اهو سڀ هن جي ڪري ٿيو آهي، مونکي ڏائڻ وارين نظرن سان گهوريندي چيائين..

بس يار ڏس همراهہ جي جوڙجڪ وري هليو آ عشق ڪرڻ.. مون چيو

چڱو چڱو گهڻو نہ ڳالهاءِ چانهہ جو آرڊر ڏي، ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان.. پاڻيءَ جو سڄو گلاس هڪ ساهيءَ ۾ ڏوڪيندي چيائين...

چانهہ پي بس ڪئي سين، سج بہ ڪڏهوڪو لهي ويو هو، عاشق وچي بل پريو، هڪبئي کان موڪلائي گهر پئي آيس جو سامهون نيرين اکڙين واري فوزيہ بيٺي هئي. هن کي ڏسندي ئي ڪنڌ جهڪائي وڃڻ جي ڪيم جو سڌ ڪيائين وقار!

جي جي جي.... " هبڪندي چيومانس.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيڏانهن اچ وقار.. سڏ ڪندي چيائين...
پيرن ۾ ڏڪڻي وڻي وئي هئي، ٽنگون ٽڙڪڻ لڳيون هيون مشڪل سان فوزيہ جي پرسان پهتو هيس...
جي جي پرسان بيهندي چيومانس: وقار تون ڏاڍو سٺو آهين..
جهڪيل اکيون مٿي کڻي فوزيہ کي ڏٺم، جيڪا مونکي ڏسي مرڪي رهي هئي..
هي وٺ وقار چيگم ۽ ٽافيون مون ڏانهن وڌائيندي چيائين
نہ فوزيہ آئون چيگم ۽ ٽافيون ناهيان کائيندو..."
منهنجي ڪري کائڻا پوندئي وقار..
چيگم ۽ ٽافيون هٿن ۾ ڏيندي چيائين.
وقار سياڻي رات ٻارهين بجي اسان جي گهر جي پويان اچجانءِ آئون تنهنجو انتظار ڪندس... ائين چئي هوءَ هلي وئي پر آئون سوچن جي گهري پاتال ۾ گم ٿي ويو هئس .
گهر پهتس تہ ادا جاويد مونکي ڏسندي ئي سڏ ڪيو وقار هي وٺ سئو روپيا صبح جو ناني وارن کي ڳوٺ ڇڏي اچجانءِ، سياڻي مينهن جو گاهہ ڪٽان پئيسن تي آئون پاڻهئي وٺندس..
ناني کي ڳوٺ ڇڏي اچان پر هن نيرين اکين واري ڇوڪريءَ سان ڪيئن ملندس ؟؟
چا ٿو سوچين وڪي اچي وٺ پنجاهہ پيو بہ اجا چئين تہ پيا بہ ڏيانءِ..."
پيا بہ ... چرڪ پريندي چيومانس "ادا پوءِ تہ وهوا ٿي ويندي"
ڪيسي مان پنجاهہ پيو بہ ڪڍي ڏنائين اچي هاڻ پگهار ملڻ تائين پيسن جو آسرو نہ ڪجانءِ...
نوٽن کي مروڙي سروري پاسي واري ڪيسي ۾ رکي پريان ويٺل نانيءَ ڏانهن ڏٺو هئم. ناس جي دٻلي مان چپٽي پري ناسن کي ڏنائين مس جو نڇون شروع ٿي ويس. ناني مونکي ڏسندي ئي سڏ ڪيو، ابا وقار اچي وئين نہ ...
ها اچي ويس ناني....


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ابا صبح سوير مونکي ڳوٺ ڇڏي واپس هليو اچجانءِ ٺيڪ آ نہ..

حاضر حاضر ناني، اهو چئي پنهنجي ڪمري ۾ اچي ويٺس مس جو امان ماني اڳيان رکندي چيو وقار پٽ صبح امان کي تہ ڳوٺ ڇڏي اچجانءِ..

بلي معنيٰ تہ نانيءَ مان مون سميت سڀ گهر ڀاتي تنگ آهن، اندر ئي اندر ۾ چيو هئم...

ماني کائي پنهنجي ڪچي ڪمري جي ڪاٺين واري ڇت ۾ اکيون کپائي ڇڏيم. ڪي ئي ڪوريئڙا ڇت جي ڪاٺين ۾ پنهنجي وڃايل ڄار ۾ مکيون ۽ جيت ڦاسائي پنهنجا پيٽ ڀري رهيا هئا. اوچتو نيرين اکين واري فوزيہ جو چهرو ياد آيو. هوءَ ڪيڏي نہ سندر هئي هوءَ پشم جيان نرم ۽ نازڪ، پر هوءَ بنگلن ۾ رهڻ واري ۽ آئون مٽيءَ جي گهرن جو رهاڪو پوءِ آئون ڇا لاءِ فوزيہ جو متلاشي ٿو ٿيان... نہ نہ آئون ڪونہ ويندس سياڻي رات فوزيہ ڏي... ڇڻ ڪن پل ۾ هڪ فيصلو ڪيم...

صبح جو اٺي ٽائيم ڏنم ڇهہ ٿيا هئا، هٿ منهن ڌوئي ٻاهر آيس امان ۽ ناني ٻئي منهنجي انتظار ۾ هيون..

ابا وقار هلون پٽ ؟ ناني ڏسندي ئي چيو هو

ها ناني اٺ تہ هلون بس نڪري نہ وڃي..

اسٽاپ تي پهتاسين بس پهچي وئي، منجهند ڌاري ناني کي ڇڏي واپس ڳوٺ ڏانهن وريو هئس. ناني ۽ ماسي ڏاڍو چيو هو رات رهہ پر آئون تنهائي پسند ماڻهو نہ رهي سگهيو هئس. نانيءَ وٽ ۽ ڳوٺ جي بس ۾ چڙهي ويٺس هوا جي ٿڌن جهوٽن تي فوزيہ جي ياد تري آئي هئي اڄ رات هن ملڻ لاءِ بہ تہ چيو هو.... نہ نہ آئون غريب ماڻهو اسان جي خيالن ۽ هنن جي خيالن ۾ وڏو فرق آهي، وڏو فرق...

پر ملڻ ۾ ڇاهي هن سان ؟ ذهن ۾ خيال آيو هو...

نيٺ دل فوزيہ سان ملڻ جي حامي ڀري هئي ۽ مون بہ دل جي حڪم جي تڪميل ڪئي هئي...


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شام ڏاري ڳوٺ جي آزاد فضا ۾ پهتو هئس، سامهون هوٽل تي عاشق ۽ شبير عرف ڪبر صاحب ويٺا هئا.

اڄ اڄ يار وڪي توڪانسواءِ صفا سڄ آ. ڪو آرڊر ڏي چانهه وغيره جو. عاشق پري کان چيو هو..

ڪوڙ چانهيون ڪوڙ ڪيڪ اڙي هن وقار کي اوهان اجا آزمايو ڪاٿي آ دوستيءَ ۾ سر به سهائي سگهي ٿو هي وقار. سيني تي ڏک هڻندي چيم

ڏي ته خبر وڪي ڪنهن جا پيسا هٿ آيا اٿئي عاشق ڪيسي ڏانهن ڏسندي چيو..

اڙي دوست اڄ نانيءَ کي ڳوٺ ڇڏڻ ويس سو ادا جاويد ڪرايو ۽ سئو خرچ جو ڏنو نانيءَ کي ڀڏايم ئي ڪونه بس ۾ نانيءَ جي پويان وڃي ويٺس منشي اڳ ۾ ڪرايو ناني کان گهريو ناني منهنجو ڪرايو به ڏئي ڇڏيس. آئون پوين تاريخن ۾ سئو روپين جو مالڪ پر ڏي خبر ڪبر صاحب تون ڪيئن آهين؟ ڪلهي تي زوردار مڪ هڻندي چيومانس...

يار وڪي ائين اوچتو ڏک نه هڻندو ڪر الائي خيالن ۾ ڪاٿي وڃي پهتو هئس ..

شبير عرف ڪبر منهن خراب ڪندي چيو ته عاشق کان ٿهڪ نڪري ويو ڪبر صاحب جي حالت ڏسي.

اڙي يار ڪبر هڪ صلاح ڏيانءِ عشق جي باري ۾.

ها هي وڪي ڀڏاءِ يار آئون گڏيءَ واري معاملي ۾ ڏاڍو پريشان آهيان ڪالهه کان هوءَ نه ملي آ مونسان .

ڏس ڪبر ان گڏيءَ کان سنو اٿئي ته هن سامهون اينڊڙ ڪپوري باگڙياٽي سان لائين ملاءِ، گهٽ ۾ گهٽ ڪپوري سهٽي ته آهي.

ها يار وقار چوين سچ ٿو. عاشق ڪپوريءَ ڏانهن ڏسندي چيو هو.

هلو ڙي هلو ڪپوري گڏيءَ جي پيرن مٽ به ناهي، پنهنجي محبوبا گڏيءَ جي ساراهه ڪندي چيائين

بس يار لڳي تي لعنت آ جو گڏي به تولاءِ سهٽي..


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بس بس گهڻو ٿيو وڪي وڏيڪ اسان عاشقن جي بي عزتي نہ ڪر نہ تہ ...

چا ڙي نہ تہ .... ” داهو ڏيندي چيومانس

نہ تہ ... نہ تہ آئون پنهنجي چانهہ جا پيسا نواب ڪي ڏئي هليو ويندس... ٿنهي ڪان ٿهڪ نڪري ويا هئا.

ڪپوري باگڙياڻي اچي مٿان بيٺي هئي: ڪبر ڪي ڏسندي چيائين اي هي سبير تنهنجو دڪان ڇو بند هجي، مونکي چولو سبرائڻو هجي..

ڏي منهن ڪبر صاحب ڪپوريءَ کي اسان وجون ٽا..

چانهہ جو بل ڏئي گهر آيو هئس سج بہ لهڻ تي هو ”چڏي آئين امان ڪي، ڳوٺ ۾ خير هو امڙ ڳوٺ جو حال احوال پڇندي چيو هو

ها امان خير هو ڳوٺ ڏي سڀ ڏاڍا سلام پيا چون..

ماليڪم سلام ماليڪم سلام..

امان ماليڪم سلام ناهي چئبو

وعليڪم سلام چئبو آهي امان کي سمجهائيندي چيم..

ها پٽ وعليڪم سلام بس

امان چا چاڙهيو اٿئي ڏاڍي بک لڳي آ

چلهہ تي چڙهيل ديگڙي ڪي ڏسندي چيم

وقار اج تنهنجي پسند جو چانورن جي ماني ۽ مٽرن جو ڪٽو گرم گرم ساڳ چاڙهيو اٿم

مٽرن جي ساڳ جو نالو ٻڌي وات ۾ پاڻي پرجي ويو هو، وارو ڪر امان وارو ڪر بک برداشت نہ ٿي ٿئي. مون چيو تہ امان گرم گرم مٽرن جو ساڳ ۽ چانورن جي ماني آڏو رکي ۽ آئون ڏهن منٽن ۾ ساڳ جي پليٽ ختم ڪري ڪٽ تي آهلجي پيس ،جو ڳوٺ جي مسجدن مان سومهڻيءَ جي نماز جون آذانون اچڻ لڳيون. ايتري ۾ ادا جاويد بہ آيو ۽ ايندي ئي پڇيائين ”وقار ڳوٺ نانيءَ کي چڏي جلد موٽي بہ آئين رات تہ رهين ها گهٽ ۾ گهٽ اتي.

ها ادا رهان ها رات پر نانيءَ وارن وٽ مهمان گهڻا هئا سو هليو آيس. ادي جاويد سان ڪوڙ ڳالهائيندي چيم.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڱو آرام ڪر ٿڪل هوندين، ائين چوندو ادا جاويد هليو ويو نند اکين مان ڪوهين ڏور اڏامي وئي هئي. فوزيہ جو سندر چهرو ذهن ۾ گردش ڪري رهيو هو ٽيهن روپين واري پلاسٽڪ جي پٽي بنا گهڙيءَ ۾ ڏنم يارنهن ٿيا هئا رات جا، اجا فوزيہ جي ڏنل ٽائيم ۾ پورو ڪلاڪ هو. اهو ڪلاڪ جڻ ڪنهن وڏي عرصي جيان لڳو هو. نيٺ ساڍي يارهين ڌاري ڪٽ تان اٿيس تہ ڪٽ ڪان چيڪٽ نڪري ويا، دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي هئي. ڪمري مان نڪري ٻاهر آيس ڪافي ٿڌ هئي. آهستي آهستي پير پير ۾ ملائيندو ادا جاويد جي ڪمري جي ٻاهران اچي بينس در جي وٿين مان جهاتي پاتم ادا ۽ ڀاڄائي گهري ننڊ ۾ ستل هيا. آهستي آهستي امان جي ڪمري جي دروازي مان جهاتي پاتم امان بہ ننڊ ۾ هئي. پوءِ ٿڙڪندي ٿڙڪندي گهر جو دروازو اورانگهي ٻاهر نڪتو هئس. الائي ڇو دل فوزيہ سان ملڻ لاءِ ايڏو مجبور ڪيو هو. هلڪي چانڊوڪي هر طرف ڇانيل هئي خاموشيءَ جي ماحول ۾ اڪيلو ڀهريون دفعو نڪتو هيس ڪنهن ڪنهن پل اچانڪ چرڪ نڪري پيو وجي جڏهن اوچتو ڪتن جي ڀونڪڻ جو آواز پئي آيو. نيٺ فوزيہ جي گهر ٻاهران پهتس. ڏنم فوزيہ اڳ ۾ ئي منهنجي اوسيئڙي ۾ هئي، گلابي رنگ جا ڪپڙا ان چانڊوڪيءَ رات ۾ بدن تي ڏاڍو ٺهي رهيا هئس. گهرين اکين ۾ سرمي جون سرايون عيان هيس.

مون کي يقين هو وقار تون ضرور ايندين مرڪندي پنهنجي وڏن وارن ۾ آڱريون ڦيريندي چيائين.

فوزيہ هيئن رات ۾ گهر مان ٻاهر اڪيلي هوندي ڊپ نٿو لڳئي گهوريندي چيومانس؟

ڊپ ! هلڪو ٽهڪ ڏنائين جڻ ان ماحول ۾ ساز ڪڙي ويا هئا، وقار تنهنجي هوندي ڀلا آءُ ڊڄنديس. سيني تي نازڪ هٿ رکندي چيائين.

فوزيہ مونکي ڇالاءِ گهرايو اٿئي؟

ڄاڻندي بہ پڇيو هئومانس.

ايڏو بہ اڻڄاڻ نہ ٿي وقار هڪ ڇوڪريءَ سان مالڪن ڪان چوريءَ چوريءَ رات جو ملڻ آيو آهين وري اچڻ جو سبب ٿو پڇين..!!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ فوزيہ جيئن تو سوچيو آ ائين بلڪل ناهي، هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي چيومانس.

ڇا بہ ڇئين تون وقار پر پر مون پنهنجي دل پنهنجي محبت پنهنجي زندگي سڀ ڪجهہ تنهنجي نانءُ ڪري ڇڏي آ وقار...!

نہ فوزيہ نہ ائين نہ ڇئو پنهنجي دل پنهنجي محبت پنهنجي زندگي مون ڪي اربڻ کان اڳ ۾ اهو سوچ آئون هڪ غريب ۽ مڊل ڪلاس جو ماڻهو ڇنل ڪتولن تي سمهڻ وارو ۽ سادو کائڻ جو هيراڪ ۽ تون بنگلن ۾ رهندڙ آرامده فومن جي گدن تي آرام ڪندڙ امير ناري.

وقار ائين سوچيندين تہ محبت جي توهين ٿيندي، ڏس تولاءِ سڀ آرام بنگلا ڇڏي هن ويرانيءَ ۾ صرف تولاءِ آئي آهيان، صرف تولاءِ وقار..

فوزيہ زندگي جڏهن اٽانگي ٻڻجي پٿريلن ۽ ڪنڊيدار پيچرن تي هلڻ لڳندي آ تہ ان ويل هيءَ محبت ۽ گڏ جيئڻ مرڻ جون سڀ آسون اميدون پنهنجو پاڻ ئي خودڪشي ڪري ڇڏينديون آهن..!!

فوزيہ ڏس منهجن هنن هٿن جي لڪيرن ڪي جن ۾ سواءِ بک مفلسي ۽ غربت کانسواءِ ڪجهہ بہ ناهي لکيل، پوءِ ڇا لاءِ ٿي اهڙي بدنصيب سان ناتو ڳنڍيين فوزيہ جيڪو توکي پاڻ لاءِ ڪڏهن بہ قيمتي وڳا، رهڻ لاءِ آرام ۽ زندگي گذارڻ لاءِ آسائشون فراهم نہ ڪري سگهي.

خبر اٿئي وقار جنهن سان جيءَ جڙي ويندو آ نہ تہ اها دل عيش عشرت سڀ ڀلائي ڇڏيندي آ. آئون توسانءَ ڪکائين جهوپڙين ۾ رهڻ لاءِ بہ تيار آهيان، ڇريا عورت محبت ۾ ڪڏهن ڪڏهن وفاداريءَ جي ان حد تائين پهچندي آ، جو رت جا سمورا رشتا بہ ڇڏي ڏيندي آ، پر پيار کي جهڪڻ اصل ناهي ڏيندي. اها عورت پيار ۾ ايڏي تہ انڌي ٿي ويندي آ جو جنم ڏئي وڏو ڪندڙ ماءُ پيءُ جي لولين جو ڀرم بہ ناهي رکي سگهندي، فوزيہ ٿڏو ساهہ ڀريندي چيو..

ميان ٿو فوزيہ آئون عورت جي ان عظمت کي پر پنج ئي آڱريون ڪڏهن برابر ٿورئي ٿينديون آهن..!!

شڪ نہ ڪر وقار هن فوزيہ کي آزمائي وٺ توکان هي فوزيہ جان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بہ نہ رڪنديءَ، فوزيہ گهوريندي چيو هو.

اوچتو ڪُڪڙن بانگون ڏيڻ شروع ڪيون هيون، چنڊ بہ پنهنجي منزل ڏانهن ڊوڙندو پئي ويو تڏهن فوزيہ گلاب جو گل ڏيندي پنجن راتين بعد رات جو هن ٽائيم تي اچڻ جو چئي موڪلايو هو.

ڪيئن نہ ڪن پل ۾ پنهنجي دل فوزيہ جي حوالي ڪري ڇڏي هيم، ڪيئن نہ هن سان گڏ جيئڻ مرڻ جا وچن ڪري ويٺو هئس. سوچيندي سوچيندي چوري چوري گهر پهتس. اکين تي فوزيہ جي تصوير ڇائنجي وئي هئي، جو آڳر تي مينهن جي ڪلي سان ٽڪرائجي وڃي ٺُهڪو ڪيو هئم.

منهنجي ڪرڻ جي آواز تي ادا ۽ امان اٿي ٻاهر آيا هئا ڪير آ ڪير آ امان اکيون مهٽيندي چيو هو.

امان آئون آهيان وقار پيشاب ڪرڻ جي لاءِ اٿيس مينهن جي ڪلي سان ٽاڪرجي ويس، ڳالهہ کي جلد ٽاهيندي چيم

پٽ ڏڪ تہ نہ لڳئي نہ، امڙ پرسان مٿي تي هٿ رکندي چيو تہ ماءُ جي اهڙي ممتا تي ٿڌو ساهہ نڪري ويو

نہ جيجل نہ ڏڪ ڪونہ لڳو..

چڱو پٽ هلي سمهہ رات اجا رات ڪافي آ امڙ آسمان تي چمڪندڙ تارن کي ڏسندي چيو..

پوءِ پاڻ کي اچي بستري تي اڇليو هئم. فوزيہ جي نيرين اکين جي گهائيندڙ گهور ياد آئي هئي. ڇپن ۾ ئي مرڪي پيو هئس. خبر ئي نہ پئي هئي ننڊ ڪيڏي مهل قبضو ڪيو هو.

صبح جو امان زروريءَ اٿاريو هو اوچاڳي سبب مٿي ۾ سور ٿي پيو هو. آرس ڀڃندي هڪ وڏي اوٻاسي ڏني هئم امڙ آڌو چانهہ جو پيالو ۽ پاپا رکي وئي هئي، ٿڙندو ٿڙندو اٿيو هئس، گلاس پاڻيءَ جو منهن تي وسائي اچي چانهہ پاپن تي حملو ڪيو هئم. پوءِ ڏاٽو پوتي ڪٽي گاهہ ڪرڻ لاءِ نڪري پيو هئس. الائي ڇو من ۾ اڻ ڄاتل خوشيءَ جو عجيب نشو ڇائنجي ويو هو جو ڇپن تي مرڪ ئي مرڪ ڇانيل هئي.

فوزيہ سان نينهن جي ناتي منهنجي زندگيءَ ۾ نوان موڙ آڻي نروار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيا هئا، ڏاڍو پڪو ڪيو هئم پاڻ کي تہ فوزيہ سان پيچ نہ پائيندس پر خبر ئي نہ پئي هئي فوزيہ جي نيرين اکين اهڙو تہ جادو ڪيو هو جو پنهنجي دل ڪڏي فوزيہ جي هٿن ۾ رکي ڇڏي هيم. پيير رستي ۾ پيل ٿڌي سان ٽڪرائجي ويو هو، جلدي ۾ اٿي هيڏانهن هوڏانهن ڏٺم پويان رڳو چاچو ليمون نظر آيو هو، جنهن کان ٿهڪ نڪري ويو هو.

هڪل ڪري چاچي ليمي چيو نياڻا ڏينهن جو بہ خواب ٿو لهين ڇا؟

ڏاڍو غصو آيو هو پنهنجو پاڻ تي، پنهنجي خيالن تي ۽ چاچي ليمي جي ٽهڪ تي. پوءِ ڳاهہ ڪري اچي گهر اچليم ۽ هٿ منهن ڌوئي ڦٽي ڏئي شبير جي درزڪي دڪان تي آيس جيڪو اڪيلو ويٺو هو.

ڪيئن آهين مجنون ؟ اسٽول تي ويهندي پڇيومانس.

ٺيڪ آهيان يار وڪي، قميص ۾ بٽڻ ٽانڪيندي چيائين..

ڏي خبر ڪبر صاحب ڪالهہ ڪپوري باگڙياڻي سان لائين ملايئي يا نہ؟؟؟ مذاق ڪندي چيومانس

وڪي هاڻي بئي ڪنهن سان لائين ٿورئي ملندي، زندگيءَ ۽ دل جا ڪنيڪشن جو گڏيءَ سان ڳنڍجي ويا آهن، ٿڌو ساهہ ڀريندي چيائين.

ڪبر صاحب ڇا تون واقعي گڏيءَ کي ايڏو ٿو چاهين؟.

ها وڪي! جيڪڏهن هن پنهنجي هٿن ۾ منهنجي نالي جي ميندي نہ لڳائي تہ آئون پاڻ کان جيئڻ جو حق کسي ڇڏيندس..!!

مشين تي قميص کي رکندي چيائين

يار هونئن سنگت ۾ اها ڳالهہ ڪبي تہ تنهنجو ۽ گڏي جو جوڙ ٺيندو..

واقعي وڪي !! خوش ٿيندي چيائين

ها ڪبر صاحب واقعي..

يار وڪي هڪ ڳالهہ چوانءِ ناراض تہ نہ ٿيندين نہ... اڳيان ويهندي چيائين

ها ها ڇئو دوست کان ناراض ٿورئي ٿبو آ..



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏس وقار آئنده مونکي ڪڀر نانءُ سان نہ سڏيندو ڪر، چريا ٺورو سوچ ان نانءَ سان منھنجي اسٽينڊرڊ ۾ ڪيڏو فرق ٿو پوي ۽ ھوئنن بہ ھينئر وڏا ٿي ويا آھيون زندگي بہ اسٽائلش ٿي وئي آھي.

ٺھڪ نڪري ويو ھو ڪبر صاحب جي ان ڳالھائڻ واري ادا تي ...

ڪل نہ وقار آئون سيريس ٿو چوان مذاق نہ سمجھہ، منھن پيلڙو ڪندي چيائين.

حاضر سائين آئنده اوھان کي شبير صاحب چوندس ٺيڪ آ نہ !!

واعدو ڪر، پڪ ڪندي پڇيائين

ھا واعدو ڪبر صاحب

"وري"؟

او سوري شبير صاحب ہنھي کان ٺھڪ نڪري ويو ھو

يلا عاشق جي ڪر خبر ڪاٿي ملندو ؟

خبر ناھي صبح کان ناھي مليو اوہاسي ڏيندي چيائين..

چڱو شبير آئون وڃان ٿو منجھند ڪچھري ڪبي..

شبير کان موڪلائي گھر ڏانھن پئي آيس جو رستي ۾ شبير جي گڏي ملي وئي ھئي، مون کي ڏسندي اسٽائيل ھٽڻ لڳي، ھنيانءُ سڙي ويو پرسان بيھندي پنھنجي منھن چيم

ھاڻ اسان جي ڳوٺ ۾ ڪارٽون بہ آيا آھن ائين چئي ڪڙين تي زور رکيم. ڪافي اڳتي وڃي ڏٺم گڏي ڪاوڙ مان ڏسي رھي ھئي مون کي پري کان پاڻ ڏي ڏسندي چہرا ڪيڙڻ شروع ڪيا ھئائين، ان وقت گڏي واقعي مونکي ڪارٽون مثل لڳي ھئي..

گڏيءَ کي نظرانداز ڪري گھر ڏانھن رخ ڪيم، سامھون فوزيہ وارن جي گھر جو وڏو لوھي گيٽ ڏٺم جيڪو ھڪ نوڪر کوليون بيٺو ھيو. ان در مان اڇي رنگ جي ڪار نڪتي، ڪار ۾ اڳيان فوزيہ جو پيءُ سيٺ وزير ويٺو ھيو. پوئين سيٽ تي فوزيہ جي سندر چھري جو ديدار نصيب ٿيو. فوزيہ سان گڏ ان جي ماءُ ويٺي ھئي، فوزيہ جي نظر بہ اچي مون تائين پھتي ھئي ان ويل لال لبڙن تي ھڪ گھري مرڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چائنجي وئي هئس.

فوزيه جي ان منڙي مرڪڻ تي خوشيءَ جو واس ورتو هئم ۽ پوءِ اها ڪار منهنجي اکين آڏو گهڻو ڏور تي وئي هئي.

الائي ڇو هاڻي فوزيه سان ملڻ لاءِ دل ۾ تانگهه وڌي وئي هئي. بيچينيءَ سان ان رات جو اوسيئڙو ڪرڻ لڳو هئس پر ان رات ۾ اڃا چار راتيون هيون. اهي چار راتيون مون لاءِ صدين جي برابر ٿي ويون هيون نيٺ انتظار جي ان ڪيفيت مان گذرندو، ان رات جي اونداهيءَ ۾ فوزيه جي گهر ٻاهران اچي بيٺو هئس. چانڊوڪي نروار هئي وڻن جا پاڇا ان رات ڪيڏا نه ڀيانڪ لڳا هيا. اچانڪ هڪ پاڇي کي ڏسي ڏڪڻي وٺي وئي هئي جسم ۾ خوف ڇائنجي ويو هو پر جلد ئي اهو خوف وري خوشي ۾ تبديل ٿي ويو هو. منهنجي اکين آڏو فوزيه اچي وڳي ۾ اچي بيٺي هئي ۽ پوءِ ٻئي ڄڻا هڪ وڻ جي پاڇي هيٺان اچي ويٺاهئاسين.

هٿن جي آڱر مان هڪ منڊي لاهي منهنجي چيچ ۾ پارائي هئائين. ان ويل مون مٿان اداسي ڇائنجي وئي هئي ان اداسيءَ کي پروڙيندي فوزيه پڇيو هو، وقار ڇو اداس ٿي وئين هي منڊي پائڻ تي...!!

ها فوزيه سوچيان ٿو ان منڊيءَ جي بدلي توکي ڇا پارايان مون وٽ اهي سونيون منڊيون ڪونهن فوزيه! ڪنڌ کي جهڪائيندي چيو مانس.

اڃان به پرايو ٿو سمجهين وقار..!! گهوريندي چيائين

نه نه فوزيه، نه ائين ناهي..

پوءِ پنهنجي هٿن مان اها منڊي مونکي پاراءِ نه، منهنجي هٿن ۾ پاتل چاندي ۾ مڙهيل پٿر جي منڊيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيائين.

فوزيه سون جي منڊين جي هيراڪ آڱرين کي پٿرن ۾ جڪڙڻ سٺو نه ٿو لڳي..

نه وقار ائين نه چئو مون لاءِ هيرا جواهر سون چاندي ڪا به معنيٰ نه ٿا رکن، مون لاءِ ته سڀ ڪجهه تون آهين وقار...

پنهنجي آڱر مان اها منڊي لاهي ڪيس آڱر ۾ پارائيندي چيومانس، فوزيه هن رشتي جو ڀرم رکجانءِ...!!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن پل لاءِ انهن نيرين اکين سان گهوريندي رهي هئي، مونکي ڪائنات جو سمورو حسن ساري خوبصورتي فوزيہ جي اکڙين ۾ سمايل نظر آئي هئي، خبر ئي نہ پئي هئي جو رات ڪٽي وئي هئي. رات ڪٽڻ سان اسان جي منفرد ملاقات بہ پڄاڻي تي پهتي هئي فوزيہ موڪلائيندي چيو هو وقار هيءُ رات ياد رکجانءِ وري زندگيءَ جو ڏيئو روشن رهيو تہ هن رات ۾ ملنداسين.

صبح جو دهل شرنائين جي سازن تي اکيون مهٽيندي اٿيو هئس هٿ منهن ڌوئڻ ڪانسواءِ ئي گهر جو دروازو ٽپي اچي ٻاهر بيٺس. ڏٺم شبير جي محبوبا گڏيءَ جي گهر جي ٻاهران هڪ وين بيٺل هئي ۽ پرسان رکيل ڪٽولن تي ويٺل ماڻهو ٺهڪ ڏئي رهيا هئا. مڱڻهار دهل شرناين سان من موهيندڙ ڌنون ڪڍي رهيا هئا. جو اوچتو منهنجي اک ڪجيءَ جي ٽڙ جي اوٽ ۾ لڪيل شبير تي وڃي پئي جنهن جي اکين مان لڙڪن جون لارون برسي رهيون هيون، مان ڊوڙندو هڪ ساهيءَ ۾ شبير وٽ پهتس جيڪو مونکي ڏسندي ئي سڏڪا ڀري سيني سان چنبڙي روئڻ لڳو هو ۽ روئيندي روئيندي چيائين ڏس وقار هوءَ گڏي ڪيڏي نہ بي وفائي ڪيو ٿي وڃي، روڪ وڃي ان کي وقار مان تنهنجي پيرين ٿو پوان، جهل ان کي ٻئي ڪنهن سان لانئون نہ لهي آئون هن ڪانسواءِ زندگي اڪيلي نہ گذاري سگهندس وڃ نہ وقار وڃ گڏيءَ کي سمجهاءِ وقار وڃ...

شبير اوچنگارون ڏئي چوڻ لڳو....

گڏيءَ جي اوچتو شادي ٿي رهي هئي، پاڙي ۾ ڪنهن کي دعوت بہ نہ ڏني وئي هئي. آئون سوچڻ لڳو هيس جو ان ويل فضا ۾ بندوق جا بہ فائر ٿيا، وڻن تي ويٺل پکي ٿاهہ ڪائي اڏامي ويا هئا. صبح جي ٽائيم ۾ ڪانءِ ڪانءِ ڪندڙن ڪانون جا جا ولر اڏامڻ لڳا هئا. ان بندوق جي آواز تي شبير بہ ڇرڪ ڀري ان طرف ڏسڻ لڳو، سامهون گڏي پنهنجي گهوٽ سان لانئون لهي پنهنجي اصل گهر ڏانهن وڃي رهي هئي. فضا ۾ ان شاديءَ جي خوشي تي وري ٻيهر فائر گونجڻ لڳا هئا ..

شبير ڏانهن ڏٺم شبير مٿي کي هٿ ڏئي لڙڪن سان آليون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪيون ڪٽي گڏيءَ جي ان ٻاڙهي جوڙي کي ڏسي رهيو هو. جڄ ڪنوار کي وٺي وڃي رهي هئي، وين جي سائلنسر مان دونهون نڪتو هو. ان ويل شبير تيزيءَ سان ان ويندڙ وين پٺيان ڊوڙيو هو. پر وين هن کي ڪافي پوئتي ڇڏي هن جي اکين کان اوجهل ٿي وئي هئي..

رڙيون ڪندي شبير پنهنجي گهر ڏانهن ڊوڙيو هو ۽ آئون ڪجيءَ جي ان وڻ کي ٽيڪ ڏئي ههڙي هاجي تي افسوس ڪري رهيو هئس، جو ادا جاويد سڏ ڪيو هو. وقار اچ چانهه پي گاهه تي وچ.

ڇرڪ ڀري ٿڪل قدم کڻي گهر پهتو هئس، ياجائي ڪٽڪ جو اوقراتو ۽ چانهه جو پيالو آڏو رکيو هو. چانهه مان نڪرندڙ ٻاڦ جي دونهين ۾ شبير جو پنل پنل چهرو ڏسڻ لڳو هئس، مون کي گم صم ڏسي امان چيو ”پٽ وقار طبيعت ته ٺيڪ اٿئي نه“

ان ويل ڇرڪ ڀري امان کي چيم ها امان طبيعت ٺيڪ آهي...

اجا چانهه مان هڪ ڍڪ ڀريم، جو شبير جي ننڍڙي ڀيڻ ڊوڙندي آئي منهنجي سامهون سهڪندي روئي چوڻ لڳي ادا وقار ادي شبير کي الائي ڇا ٿي ويو آ وات مان رت.....

چانهه جو پيالو ڇڏي شبير وارن جي گهر ڏانهن ڊوڙيس سامهون کٽ تي شبير ڦٿڪي رهيو هو. سندس ماءُ زاروقطار روئي رهي هئي، پاڙي جي عورتن ۽ مردن جو انبوهه بيهي شبير کي ڦٿڪندي ڏسي رهيو هو. ڊوڙندو شبير جي مٿان پهتو هئس، کٽ جي سيراندي ويهي شبير جو مٿو جهوليءَ ۾ رکيو هئم. سندس وات مان رت جا گرڙا نڪري رهيا هئا ان ويل اکيون کڻي مونڏانهن ڏٺو هئائين، اکين مان لڙڪن جون لارون روان هئس سڏڪندي چيائين ”وقار آءٌ گڏي کانسواءِ ڪيئن زنده رهان ها. دوست مون کان برداشت نه ٿيو هن جو ٻئي ڪنهن جو جيون ساٿي بڻجڻ ان لاءِ جيت مار دوا اندر ۾ اوتيم.

يار هي تو ڇا ڪيو شبير هي ڇا ڪيئي اسان کي ته روئاريو نه وڃ شبير

نه وقار ائين نه چئو

آخري ڀيرو چپن تي گڏيءَ جو نانءُ گونجيو ۽ پوءِ شبير ٿڌو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيندو ويو ۽ نيٺ سندس اکيون هڪ هنڌ ساڪت ٿي ويون هيون.

شبير جي امڙ ۽ پاڙي جي گڏ ٿيل عورتن اوچنگارون ۽ اڀ ڏاريندڙ دانهون ڪرڻ شروع ڪيون هيون. منهنجي اکين مان لڙڪن جون لارون ڳڙي شبير جي بي جان وجود تي ڪريون هيون. ڏڪندڙ هٿن سان شبير جي کليل اکين کي بند ڪيو هئم، ذهن ۾ شبير جا چيل لفظ گونجڻ لڳا هئا ”وڪي جيڪڏهن گڏي مونکانسواءِ ڪنهن ٻئي کي اپنايو ته پاڻ ماري ڇڏيندس“.

ٽن دوستن جي جوڙ مان شبير هليو ويو هيو عاشق ۽ آءٌ اداس اداس رهڻ لڳا هئاسين. شبير سان ڪيل مذاق ۽ انهن مذاقن مان جنميل ٽهڪ ياد ڪري اکين ۾ لڙڪ اچي ويندا هيا.

آهستي آهستي عاشق به ناتو ڇني ويو هيو. دوستيءَ جي پرم کي ڇيهو رسائي ڇڏيو هئائين، مون کي ڏسي رستو مٽائي هليو ويندو هيو ۽ آئون خالي خالي حسرت سان پريل بيوس اکڙيون دوستيءَ جي ان رشتي ۾ اٽڪائيندو زندگيءَ جا پل گهاريندو رهيو هئس.

فوزيه سان هر هفتي ملاقات ٿيندي هئي ان ويل شبير جا چيل لفظ زبان تي تري ايندا هئا ”جيڪڏهن تو مونکي ڇڏي ٻئي ڪنهن کي اپنايو ته آئون پاڻ کي زنده نه رکي سگهندس“

ان ويل هوءَ پنهنجا نرم ۽ نفيس نازڪ هٿڙا منهنجي پياسن چپن تي رکي چوندي هئي ”وقار ائين نه چئو توکانسواءِ زنده رهڻ جو آئون تصور به نه ٿي ڪري سگهان“ .

هڪ رات چانڊوڪيءَ ۾ فوزيه جو اوسيئڙو ڪري رهيو هئس جو فوزيه آئي هئي لال لبڙن تي مرڪ بدران اداسائين جا گهرا پاڇا ڇانيل هئس. اکين ۾ شوخي بدران لڙڪن جون لارون هئس سڏڪندي منهنجي سيني سان چنبڙي وئي هئي. فوزيه کي سڏڪندو ڏسي دل دهلجي وئي هئي ۽ من اباڻڪو ٿي ويو هو.

جنجهوڙيندي چيومانس، فوزيه او فوزيه ائين ته نه روءِ ڪٿي منهنجو هنياءُ نه ڦاٽي پوي.

ان ويل سيني تان منهن مٿي ڪٽي سڏڪندي چيو هئائين ”وقار


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئون توکانسواءِ نہ رهي سگهندس وقار“ .
آخر ڇا ٿيو آ فوزيہ؟ پاڻهن مان وٺي جنجهوڙيندي ڇيومانس .
وقار ان کان اڳ جو بابا منهنجي شادي مشتاق سان ڪرائي آئون خودڪشي ...“
مشتاق... مشتاق... مشتاق، خودڪشي... خودڪشي... خودڪشي ...“
اهي لفظ ذهن ۾ پڙاڏو بڻجي گونجڻ لڳا هئا. پوءِ بي اختيار هڪ زوردار ٿڦڙ فوزيہ جي نازڪ ڳلن تي وهائيندي ڇيومانس ”فوزيہ آئنده خودڪشي جو نالو بہ زبان تي نہ آڻجانءِ“.
ڇا ڪيان پوءِ، آءٌ ڇا ڪيان بڌاءِ وقار ڇا مشتاق جي نالي جي ميندي هٿن تي لڳايان، ڇا پنهنجا سڀ ارمان سڀ خواب، سڀ خوشيون پلائي پنهنجي ارمانن جو پنهنجي ئي هٿن سان خون ڪريان بڌاءِ بڌاءِ وقار ....!! روئندي چيو هئائين.
ان ويل آٿت ڏيندي چيومانس،
نہ فوزيہ نہ آءٌ ائين هرگز نہ ٿيڻ ڏيندس تون منهنجي آهين صرف منهنجي، فوزيہ آئون سڀاڻي امان ۽ ادا سان ڳالهائيندس تنهنجي باري ۾، اهي تنهنجي رشتي لاءِ تنهنجي ماءُ پيءُ وٽ ايندا ...
نہ وقار نہ موڪلجانءِ انهن کي بابا وارن تہ مشتاق جي پيءُ ماءُ سان ها ڪئي آهي هاڻ هو ڪڏهن بہ اهو برداشت نہ ڪندا تہ آئون مشتاق جي نہ پر تنهنجي ڪنوار بڻجان ٿورو سوچ وقار مشتاق امير ۽ تون غريب ماڻهو ڇا بابا وارا هڪ امير کي ڇڏي غريب سان ناتو جوڙيندا ... نہ نہ وقار هو ائين نہ ڪندا..
فوزيہ آءٌ مشتاق کي سمجهائيندس هو منهنجو دوست آهي ..
ڪجھ بہ نہ ٿيندو وقار ڪوبہ فائدو نہ ٿيندو اسان وٽ بس هڪ راهہ بچي آهي ڏاڍ ۽ معاشري کان بغاوت...!!
بغاوت !! نہ نہ فوزيہ اسان ائين نہ ڪنداسين اسان پاڻ خوشيون ماٽي پنهنجي پونئيرن کي داغ نہ لائينداسين.
فوزيہ جن پاليو نپايو نندي هوندي لوليون ڏنائون، منٿون منٿون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوليون اوجاڳا ڪيائون ڇا انهن کي ڇڏي هليا هلون؟
ڇا ڪيون باقي ڇا ڪيون وقار..؟
صبر ڪر فوزيہ صبر ڪر! هن مسئلي جو ڪو نہ ڪو حل ڪيندا سين
ائين نہ ٿئي وقار جو اسان هميشہ لاءِ الڳ ٿي وڃون.
نہ فوزيہ نہ! جن جا روح وارا رشتا هوندا آهن اهي ڪڏهن بہ الڳ ناهن ٿيندا ڇري ... ڳلن تي ٿڦڪي ڏيندي چيومانس ..
چڱو وقار هاڻ آءٌ وڃان ٿي پر منهنجي زندگيءَ جو سوچجانءِ..
ها فوزيہ توکان وڌيڪ مون کي اونو آ ان ڳالهہ جو..
فوزيہ هلي وئي هئي پر آءٌ ان جاءِ تي ويٺو رهيو هئس.
فوزيہ جي مشتاق سان شادي .... نہ نہ آئون ائين ٿيڻ نہ ڏيندس مشتاق دوست آ منهنجو، آءٌ ان کي فوزيہ جي ۽ پنهنجي باري ۾ ٻڌائيندس، هو ضرور ساٿ ڏيندو منهنجو.. پنهنجو پاڻ کي آٿت ڏيندي چيو هئم.
صبح جو ناشتو ڪرڻ بغير مشتاق جي در جي اڇي بيل وڄائي هئم، جو مشتاق جي ماءُ در اندران پڇيو هو ڪير ؟
امان آءٌ آهيان وقار مشتاق ۾ ٿورڙو ڪم آهي ان کي تہ ٻاهر موڪلجو..
ها پٽ موڪليانس ٿي ائين چئي مشتاق جي امڙ هلي وئي هئي.
ٻاهر بيهي مشتاق جي گهر جي لوهي دروازي کي ڏسي ان گهر کي غور سان ڏٺو هئم، هڪ عاليشان گهر هو، ڪجهہ دير ۾ مشتاق اکيون مهٽيندي گهر جي پرسان اوطاق جو دروازو اندران کوليو هو.
اڇ وقار اڇ ڪيئن آهين تون؟ هٿ ڏيندي چيائين،
ٺيڪ آهيان مشتاق تون ٻڌاءِ وقت ڪيئن پيو گذري ...
بلڪل ٺيڪ
نوٽ ڪيم اڳ مشتاق پاڪر پائڻ ڪانسواءِ نہ ملندو هو، اڄ خالي هٿ ڏنو هئائين..
ڏي حوال ڪيئن صبح صبح سان اچڻ ٿيو آ...؟؟ ڪيسي مان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگريٽ ڪڍي دکائيندي چيائين.

معنيٰ تہ سگريٽ بہ پيئڻ شروع ڪيا اٿئي مشتاق..؟

ها يار چا ڪجي سگريٽ ته پيان مزو نہ ٿو اچي، سگريٽ مان وڏو ڪش هڻي ان جو دونهون ٻاهر ڪڍندي چيائين..

مشتاق آءُ وڏي اميد سان دوستي جي ناتي تو وٽ من اندر هڪ آس سانڍي آيو آهيان، اها آس پوري ٿيندي الائي نہ...!!

گهوريندي چيائين وقار اها آس ٻڌاءِ ضرور پوري ٿيندي...

مشتاق... مشتاق آئون ۽ فوزيہ پيار ڪندا آهيون ۽ گڏ رهڻ....

بس بس وقار بس.... هڪ لفظ بہ وڌيڪ نہ چئجانءِ اڙي تنهنجي مجال جو فوزيہ جو نانءُ پنهنجي زبان تي آندو اٿئي، وقار خبر اٿئي فوزيہ سان منهنجي شادي ٿيڻ واري آ..؟؟ خبر اٿئي نہ...؟؟ ڪاوڙ مان ڏسندي چيائين..

ها مشتاق خبر آ شادي جي پر فوزيہ توسان گڏ رهي نہ سگهندي هوءَ ۽ مان پيار ڪندا آهيون سچو پيار...

ڏس وقار هليو وڃ هتان ۽ ها ٻيهر ڪڏهن بہ فوزيہ جو خيال بہ دل ۾ نہ آنجانءِ سمجهيئي تنهنجا اهي لفظ مون الائي ڇو ۽ ڪيئن برداشت ڪيا آهن ۽ ها ٻيهر فوزيہ جو سوچجانءِ بہ نہ سمجهيئي...

مشتاق ٿورو سوچ دوستيءَ جي رشتي جو تہ ڀرم رک منهنجي ۽ فوزيہ جي زندگيءَ جو سوال آ مشتاق.

چا جي دوستي ڪهڙي دوستي ٻڌي ڇڏ وقار اهڙو قدم کڻجان جيئن پڇتائڻو نہ پوئي...

بس بس مشتاق بس گهڻو ڳالهائي ويو آهين هاڻ منهنجي ڳالهہ بہ ٻڌي ڇڏ غريب ضرور آهيان پر اڃا تائين ڪڏهن بہ تنهنجي آڏو هٿ نہ ٽنگيو اٿم. ڏس مشتاق آئون اڄ فوزيہ خاطر تنهنجي آڏو هي جهولي جهلي رهيو آهيان. آئون فوزيہ کانسواءِ نہ رهي سگهندس مشتاق نہ رهي سگهندس، مشتاق آڏو ليلائيندي چيم ...

اڙي پنهنجي حيثيت ڏٺي اٿئي چانهہ لاءِ هلاڪ آهين وري هليو آهين بنگلن ۾ رهڻ واري فوزيہ کي اپنائڻ، ڪاوڙ مان اکيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦونداريندي چيائين...

ڏس مشتاق آئون تنهنجو اهو احسان ڪڏهن بہ نہ وساريندس بس فوزيہ جو نانءُ وساري ڇڏ...

هل اڙي هتان هل ... مشتاق ڌڪاءُ ڏئي اوطاق مان ٻاهر ڪڍيو هيو، دوستيءَ جي رشتي جو ڀرم ٽٽي ويو هو. ويساهہ ڪچي ويو هيو دوستين تان. مشتاق جي دوستيءَ جو روپ ڏسي ان ويل شبير جا چيل لفظ ذهن ۾ گونجڻ لڳا هئا ڏس وقار اسان غريب گهراڻي جا فرد ۽ مشتاق امير ماڻهو اها دوستي ڀلا هلندي. ان ويل مرحوم جا چيل لفظ سچ ثابت ٿيا هئا، مشتاق جي دوستي ڇڻ واريءَ تي لکيل لفظ بڻجي وئي هئي مون لاءِ اهو لفظ جيڪو تيز هوا لڳندي ئي ميسارجي ويو هو.

اندر ئي اندر ۾ ڳڻتي ڪائيندي پئي وئي، خيالن ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ گم ٿي ويندو هئس، سوچيندو هئس ڇا ڪريان فوزيہ کي اپنائڻ خاطر شفقت ڀري ماءُ ۽ وڏي ڀاءُ کان الڳ ٿيان يا نہ....؟

خيالن ئي خيالن ۾ پنهنجن کان جدا ٿيڻ جي خوف کان لرزي ويندو هئس. فوزيہ جي چاهت بہ جيءَ کي جهوري وجهندي هئي، ان سان ڪيل گڏ جيئڻ مرڻ جا واعدا وچن پنهنجي رت جي رشتن کان دور ٿي وڃڻ تي اڪسائيندا هئا..

”ڇا ڪريان آخر“ ؟؟؟؟ مٿي تي هٿ رکي پيو سوچيندو هئس..

نيٺ اها رات بہ آئي هئي فوزيہ اداس اچي پرسان ببيٺي هئي، هٿ هٿ ۾ ڏيندي چيائين ...

وقار خبر اٿئي ٻئي ڏينهن مونکي ونواهہ ۾ ويهاريو ويندو!.

ڇرڪي پيو هئس، فوزيہ جي انهن هنيانءُ جهوريندڙ لفظن تي ..

چيومانس نہ فوزيہ نہ تون منهنجي نانءُ جي ونواهہ ۾ ويهندينءَ....

سڏڪي پئي هئي ان ويل.

روئندي چيائين وقار بابا امان وارن کي مشتاق پنهنجي محبت جي باري ۾ ٻڌائي ڇڏيو آ، بابا جي اکين ۾ تولاءِ رت لٿل آ. هو ڪڏهن بہ توکي برداشت نہ ڪندا، ڪڏهن بہ نہ، ڪيڏي نہ اياڳي آهيان آئون اهو بہ نہ سوچيم ڪڏهن آسمان ۽ زمين برابر ناهن ٿيندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حوصلو رک فوزيہ حوصلو رک نہ رو فوزيہ، آئُٽ ڏينديُ چيومانس
کھڙو حوصلو رکان وقار کھڙو حوصلو. پر ڏينهن کانپوءِ
مشتاق جي نانءُ جي ونواھ ۾ ويھي رهان پڌاءِ...
نہ نہ ائين نہ ٿيڻ ڏيندس آءٌ فوزيہ اسان هليا هلنداسين هتان
هميشہ لاءِ الڳ دنيا آباد ڪنداسين. سچ وقار.!!!
ها فوزيہ سچ سڀاڻي رات جو آئون تنھنجو انتظار ڪندس پاڻ
ڪنهن ڏورانهين ماڳ هلي محبت جو پرم رکنداسين.
فوزيہ سيني سان چنبڙي وئي هئي چيائين وقار امان بابا جي گهر
مان صرف تن تي اوڊيل هي وڳو ڪڍنديس. متان ميار ڏين تہ هتان
ڪجھہ کڻي وئي، آئون ضرور ايندس وقار آئون ضرور ايندس..
ائين چئي موڪلايو هئائين فوزيہ کي ويندو ڏسي ٺڏا ساھہ کنيا
هئا...
گهر ڏانهن واپس موٽيو هئس جو رستي ۾ هڪ پاڇو ڏسي بجليءَ
جي پول جي اوٽ ۾ بيھي رهيس پاڇو هلندو رهيو هو ۽ آءٌ بي چيني
مان هن کي ڏسندو رهيس.
هڪ عورت سا بہ اڌ رات جو.؟
من ۾ خدشو وڌي ويو هو آهستي آهستي اها عورت گهرن کان دور
ٿيندي پئي وئي آئون بہ تجسس مان ان جي پويان پويان ويس اها عورت
اچانڪ هڪ هنڌ بيھي رهي ۽ آئون احتياطن هيٺ سمهي پيس
هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي اها عورت قبرستان واري رستي ڏانهن مڙي
هئي، ان ويل جسم ۾ ڪنبڻي اچي وئي هئي. ڪنهن اڻ ڄاتل خوف ۾
دل جو ڌڙڪو بہ وڌي ويو هو. من ۾ عجيب وسوسا پيدا ٿيا هئا،
چانڊوڪي رات ۾ ان عورت جو ڪارو وڳو کليل وڏا وار ۽ قبرستان
ڏانهن ويندو ڏسي واپس پنهنجي گهر ڏانهن ڊوڙڻ لاءِ تيار ٿيو هئس جو
ڪنهن طاقت راھہ روڪي وري بہ ان عورت پويان وڃڻ لاءِ مجبور
ڪري ڇڏيو. آهستي آهستي ان عورت جي پويان قبرستان ۾ داخل ٿيو
هئس، چانڊوڪي رات ۾ قبرن جا پاڇولا ڏسي ڊڄي ويو هئس، اها
عورت هلندي هلندي هڪ قبر جي مٿاب بيھي سڏڪڻ لڳي ۽ رئي ۾


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويڙهيل گلاب جا گل قبر جي مٿان رکي ان جي پيرن ۾ ويهي روئڻ لڳي، اهو ڏسي ذهن منجهي پيو هو، اها قبر منهنجي دوست شبير جي ئي هئي پر اها عورت ؟

آهستي آهستي بي اختيار اچي ان عورت جي مٿان بيٺس...

ڪير آهيو توهان؟

ڇرڪي منهن مٿي ڪنيائين اکين مان لڙڪن جا نير اٿلي هليا هئس مونکان ڇرڪ نڪري ويو

زبان تي بي اختيار لفظ نڪري آيا هئا گڏي تون...؟

سڏڪندي چيائين ها آئون بدنصيب گڏي هن شبير جي ڏوهاري گڏي.

واهه واهه گڏي منهنجي دوست کي ماري هينئر ان جي قبر مٿان زارو زار روئين ٿي آخر ڇو ؟

آخر ڪهڙو قصور هيو ان جو جو هن کي ٺڪرائي غير جي ميندي هٿن تي لاتئي ٻڌاءِ ؟

ماري ڇڏ مونکي گلو گهٽي ڇڏ منهنجو، آئون جيئڻ جي لائق ناهيان، ادا وقار جيئڻ جي لائق ناهيان، آئون، منهنجا هٿ وٺي پنهنجي ڳچيءَ تي رکندي چيائين.گڏي وقت کان اڳ منهنجي دوست شبير کي ماري هاڻ پاڻ مارڻ جون ڳالهيون ٿي ڪرين، رات جي اونداهي ۾ لڪي ڇپي گلن جون چند پنکڙيون هن قبر تي ڇٽي ٻه ڳوڙها ڳاڙي دل جو بار هلڪو ٿي ڪرين. ڏس گڏي شبير جي محبت! هن توڪانسواءِ جيئڻ کي به ترجيع نه ڏني ۽ ان جي محبت بدلي ڇا ڏنو تو هن کي..؟ ڏک ڏولاوا ۽ سورن جون سوغاتون زندگيءَ ۾ ڏنئيس بس ۽ هينئر گلن جون پنکڙيون ٿي ارپين شبير جي قبر کي، جيڪي تيز هوا ايندي ئي اڏامي وينديون، گڏي غير جي هٿن جي ميندي لائڻ کان اڳ ٿورو سوچئي به نه ته ڪنهن سان تنهنجو نينهن جو ناتو آ حيف اٿئي گڏي حيف اٿئي."

ها وقار آئون ڏوهاري آهيان هن جي ڏوهاري آهيان، روحاني رشتن کي مون نه سڃاتو آ، وقار سچي محبت کي نه سمجهيو، شبير



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪکن جي جهوپڙي ڏسي هن جي سچي پيار کي ٺڪرائي ڇڏيم، اڄ شبير ڪانسواءِ پنهنجي ور جا پڪا گهر ڏنگي رهيا آهن. ضمير بار بار ملامت ڪئي آ مون تي، آئون ڏوهاري آهيان، پيار جي ڏوهاري آهيان" ائين چئي وري سڏڪي پئي هئي ۽ پوءِ گهر ڏانهن ڊوڙ پاتي هئائين گڏي جي حالت ڏسي ڏاڍو ارمان ٿيو هو هن جي قسمت تي.

صبح جو سج کي چمڪندو ڏسي من بي چين ٿي ويو هو، امڙ اندر جي اڻ تڻ کي پرکيندي چيو هو

وقار ٺيڪ ته آهين نه پٽ؟

منجهندي چيومانس ها امان آئون ٺيڪ آهيان بلڪل ٺيڪ."

امان جي ان چوڻ تي ادا جاويد به مٿان آيو هو، شفقت مان مٿي تي هٿ رکندي چيائين وقار ڇا ٿيو آ توکي؟

ڪن پل لاءِ ساڪت ٿي ويو هئس ماءُ جو پيار ڏسي ادا جاويد ٻيهر پڇيو هو ڇا ٿيو آ توکي ٻڌائين ڇو نه ٿو؟

مون کي ڪجهه به نه ٿيو آ ادا ڪجهه به نه خيالن مان واپس ايندي چيم.

ڏس جاويد ڇا ڳالهه آ سچي ٻڌاءِ تون ڪجهه لڪائي رهيو آهين...

ان ويل اندر مان خوشيءَ ڪان خالي کوکلا ٽهڪ ڏئي امان ۽ ادا کي مطمئن ڪري ٻاهر نڪري آيو هئس. رستن تي ڀٽڪندي ڀٽڪندي مشتاق جي سامهون اچي ويو هئس مونکي ڏسندي ئي ڪاوڙ جا انيڪ ترورا ڇائنجي ويس، گاڏي کي پوئتي ورائيندي پرسان گذري ويو هو ۽ آئون بيٺو ان کي ڏسندو رهيو هئس...

سج لهي ويو هو، ماحول تي رات پنهنجو قبضو ڪري چنڊ تارن تي حڪم هلائڻ شروع ڪيا هئا. مانيءَ جا ٻه ٽي گرهه کائي سمهي پيو هئس. ڪوبه فيصلو نه ڪري سگهيو هئس زندگيءَ جي باري ۾.

هڪ پاسي محبت پري زندگي هئي فوزيه سان محبت جا ڪيل واعدا وچن هئا ته ٻئي پاسي ماءُ جون من مهڪيل منڙيون لوليون ۽ ادا جاويد جو پيار."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ سان الجهندو رهيو هئس انهن سوچن ۾...
رات جا ٻارنهن ٿي ويا هئا ۽ نيٺ ڪٿ تان اٿيس جڻ ڪٿ احتجاج ڪيو چيڪٽ ڪندي تہ وقار نہ وڃ...
پير پير ۾ ڏئي امان جي مامتا سان پريل ۽ شفقت پريئي ڇهري ڪي ڏسي گهران نڪري ان جاءِ تي پهتو هئس ڏٺم فوزيہ مون کان اڳ ئي ويٺي هئي...
پرسان ويهندي چيومانس فوزيہ خوش آهين نہ...
چيائين ها وقار توسان گڏ خوش آهيان
ڪن پل لاءِ خاموش فوزيہ ڪي تڪيندو رهيو هئس خاموشيءَ ڪي ٽوڙيندي چيو هئائين وقار ڇا فيصلو ڪيو اٿئي؟
مجنهندي چيومانس
فوزيہ ماءُ جي مامتا جي لولين ۽ پياءُ جي پيار جي سرحدن ڪي پار ڪرڻ کان اڳ ئي منهنجا قدم جڪڙجي پيا آهن، هينئر آءٌ هڪ قدم بہ ڳوٺ جي سرحدن کان ٻاهر نڪري نہ ٿو سگهان.
معاشري جي ڏاڍ کان ڊڄين ٿو وقار جڻ معيار ڏيندي چيو هئائين نہ نہ فوزيہ تو غلط سمجهيو آ ڇري، هي معاشري جو ڏاڍ اسان پيار جي پانڌيئڙن آڏو ڪابہ معني نہ ٿو رکي پر پر فوزيہ آءٌ رت جي رشتن جو معياري ٿيڻ نہ ٿو گهران..
”خبر بہ اٿئي وقار روحاني رشتا رت جي رشتن کان بہ وڌيڪ اعليٰ ۽ اُتم هوندا آهن.
پر ماءُ جي مامتا ۽ ان جي شفقت ان جو پيار ۽ پاٻوهہ آڏو سڀ رشتا جهڪي پوندا اٿئي.. تڏو ساهہ پريندي چيومانس.
ان ويل اباڻڪي ٿي هيٺ ويهي رهي هئي ۽ آئون بہ سندس پر ۾ ويهي رهيو هئس...
وقار مونکي وساري سگهندين؟ جهيٽي لهجي ۾ ڪنڌ جهڪائيندي چيائين
ڇري پلا ڪنهن کان پنهنجا ساهہ بہ وسرندا آهن ڇا ؟
ان ويل سڏڪي پئي هئي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڏڪندي چيائين وقار ڏس تولاءِ اڄ هي فوزيہ بنگلا ڪارون آرام عيش عشرت سڀ ڇڏي آئي آ
ڏس وقار آءُ صرف تنهنجي آهيان صرف تنهنجي. آئون ٻئي جي
ٿيڻ ڪان اڳ زهر بہ ڪائي سگهان ٿي هي ڏس وقار زهر جي
شيشي ڏيکاريندي چيائين
زهر جي شيشي ڦريندي هڪ ٺڦڙ ڳلن تي هنئي مانس ويتر سڏڪي پئي هئي سڏڪندي چيائين وقار آئون توڪانسواءِ جيئڻ جو تصور ڪيئن ڪيان؟
ڪيس سيني ۾ سمائيندي هن سان گڏ آءُ بہ روئڻ لڳو هئس، ٻنهي روئندي روئندي اکين مان ڇڻ لڙڪ ڪپائي ڇڏيا هئا..
ڪافي خاموشي ڪانپوءِ هڪبئي کي ڏسندي ڏسندي هوءِ اٿي بيٺي هئي ۽ درد جي شدت مان
اٿندي چيائين ”چڱو وقار آئنده خوابن ۾ ملنداسين“
ٻيهر سڏڪا نڪري ويا هئا ۽ بچيل لڙڪ بہ لاڙڻ لڳا هئاسين
سڏڪندي چيومانس فوزيہ مون کي معاف ڪجانءِ فوزيہ آئون پيار جو پرم نہ رکي سگهيس مونکي معاف ڪجانءِ فوزيہ! نوڙي پيرن تي هٿ رکڻ جي ڪوشش ڪندي چيومانس
ان ويل ڇرڪي پوئتي هٽي وئي هئي. ٻانهن مان وٺندي چيائين نہ وقار نہ تنهنجي جاءِ پيرن ۾ نہ منهنجي هن من اندر آ ...
منهنجي ڳلڙن تي ڦهلجي ويل لڙڪ اگهندي چيائين
چڱو وقار مان هلان ٿي هٿ هٿن مان ڇڏائڻ جي ڪيائين ۽ پوءِ آهستي آهستي هن جو هٿ منهنجي هٿ مان نڪري ويو ۽ هوءَ اونداهيءَ ۾ وڃائجي وئي ۽ آءُ اڪيلو اڪيلو فوزيہ ڪانسواءِ سڏڪندو رهجي ويو هيس!!!!

*(ماهوار نئين زندگي جي آگسٽ . سيپٽمبر 2006 جي شماري ۾ شايع ٿيل)*

# شهرت جي بلندين تان ڪريل شخص

هن جڏهن مئٽرڪ ۾ انٽر جا پيپر ڏنا هيا تہ بلاڪ ۾ ڊيوٽي تي بيٺل استاد هن کي سوالن جا جواب حل ڪري پئي ڏنا ۾ انسپيڪشن تي آيل آفيسر ٻين شاگردن جي تلاشي ورتي هئي پر هن جي مٿان اچي مسڪرائي هليا پئي ويا.

اهوئي سبب هيو جو نادر مئٽرڪ ۾ اي ون گريڊ ۾ انٽر ۾ اي گريڊ ۾ پاس ٿيو هيو، چاڪاڻ تہ سندس پيءُ راشد ماستر هجڻ سان گڏوگڏ اخباري نمائندو جو هيو ۾ ان جو وڏو دٻدٻو هوندو هيو، ضلعي سطح ڪان ويندي سياسي ماڻهن توڙي تر جي پوتارن ۾ هن کي وڏي پذيرائي مليل هئي، جڏهن تہ آفيسر شاهي بہ هن جو گهڻو خيال رکندي هئي ۾ خيال ڪيئن نہ رکن هن ان وڏي اخبار کي زندگيءَ جا ڏهہ سال ڏنا هيا ۾ اخباري دنيا ڪانپوءِ اليڪٽرانڪ ميڊيا جيئن ئي متعارف ٿي تہ هن جا اجا وار نيارا ٿي ويا هئا ۾ راشد جو دٻدٻو اجا وڏي ويو هيو.

ڪو وقت هوندو هيو جو راشد بيروزگار هيو. پڻس مئٽرڪ ڪانپوءِ گهر جي گذر سفر خاطر ڪيس وڏيڪ پڙهائي ڪونہ سگهيو هئس ۾ پنهنجي دوست عيدن جي اخبارن جي دڪان تي لڳايو هئائينس، جتان صبح ملي ٻانگ مهل اخبارن جا بنڊل کولي دڪانن تي ڏيڻ ويندو هيو، جنهن مان هنن جي گهر جو گاڏو پيو هلندو هيو پر پوءِ اخباري رپورٽرن جا نت ڏسي پاڻ بہ هڪ اخبار جو صحافي بڻجي ويو هيو ۾ هاڻ هن اخبارون بہ ڪپائڻ ڇڏي ڏنيون هيون ۾ هاڻ هي سرڪاري آفيسن جا پيو چڪر ڏيندو هيو ۾ هڪ دفعي تہ هڪ صوبيدار ڪان پيسا گهرپائين جنهن تي صوبيدار داٻو ڏنس تہ پوليس ڪان منٿلي ٿو وٺين، پر هن جو ڊپ تہ ڪڏهوڪو مري چڪو هيو ۾ هي چڱي پلي کي بہ نہ ليکيندو هيو، ڪرسيءَ کي ٽيڪ ڏيندي چيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿائين صوبيدار صاحب باقي اسان گذارو ڪٿان ڪنداسين ۽ پوءِ همراهہ سڄي رات لاڪ اپ ۾ گذاري هئي پر هو لاڪ اپ ڪان نڪرڻ ڪانپوءِ بہ اڳي ڪان اڳرو ٿي نڪتو هيو ۽ نيٺ هن پنهنجي ان فيلڊ جو پورو فائدو وٺندي ضلعي جي تعليمي آفيسر ڪان ماستريءَ جو آرڊر بہ ورتو هيو ۽ هاڻ ان ماستريءَ سان گڏ رپورٽر جو ڪم بہ ڪندو هيو. مارڪيٽ ۾ جيئن جيئن ننڍيون اخبارون ۽ نيوز چينل ايندا پئي ويا تيئن تيئن شهر ۾ بہ رپورٽرن جو تعداد وڌندو پئي ويو ۽ پوءِ رپورٽرن جي گهٽائي سبب هن جو گذر سفر بہ مشڪل ٿيڻ لڳو. هيڊ آفيس مان وقت بہ وقت ٿيندڙ ڳريون فرمائشون ۽ ايزي لوڊن جي ڊيماندن هن کي منجهائي ڇڏيو هيو تہ وري سندس شهر ۾ ايندڙ ڊيسڪ تي ڪم ڪندڙ دوستن جي رات جي سامان بہ سندس ٿيندڙ انڪم ڪان وڏيڪ ڪاٿو ڏيڪاريس پئي. ان جي ڪري هو پنهنجي جاءِ تي پنهنجي پٽ نادر کي رپورٽر مقرر ڪرائي پاڻ اچي ڪراچيءَ ۾ هڪ ٽي وي چينل جو رپورٽر بڻيو هيو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي اتي جلدي نالو ڪمائي ورتو هيائين. هاڻ هن جا تعلقات منسٽر ليول ڪان ويندي بيوروڪريٽن تائين وڃي پهتا هيا. ڪراچي جهڙي شهر ۾ هاڻ هن جو روح اهڙو تہ رلي ويو هيو جو ڳوٺ بہ ورلي موٽ ڪندو هيو. هاڻ تہ ڀراڙيءَ جي هن ڳوناٺي جون راتيون شراب ۽ شباب جي بغير گذرڻ ناممڪن هيون. سندس ورتل نئين فليٽ تي روز رات جو رنگين محفلون هونديون هيون ۽ وسڪين جا ڪريٽ خالي ٿيندا هيا. ۽ هاڻ هي رنگين دوستن ڪانسواءِ نہ پئي گذاري سگهيو. انهن خدمتن عيوض مختلف ادارن ۾ ويٺل سندس دوست ڪيس سينئر سڏڻ لڳا هيا تہ وري پوئتي ڳوٺ ۾ سندس پٽس بہ هن جون سڪون پئي لاٿيون اصل پيءُ ڪان بہ بہ قدم اڳتي هيو ۽ هن صحافت سان گڏ وائين شاپ بہ کولي ورتو هيو جنهن سان سندس آمدني سوني تي سهاڳي جو ڪم پئي ڪيو ۽ ان حرام جي ڪمائي مان مهانگو گهر بہ خريد ڪري ورتو هين ۽ هاڻ هنن جي اٿڻي ويهڻي بہ اميرن ۾ شمار ٿي وئي هئي.

ڪراچي جي راڄڌاني ۾ اهڙا صحافي بہ هيا جن پنهنجيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگيءَ جون جوانيءَ واريون سموريون بهارون صحافت کي ارپيون هيون، ڪنهن کي بليڪ ميلنگ تہ ٿهيو پر پنهنجي ڪيريئر ۾ ڪڏهن ڪنهن بہ ڪرسي تي ويٺل آڏو هٿ نہ ٽنگيو هين، هنن تہ اداري مان ملندڙ پگهار مان گهر جو چرخو هلايو هيو ۽ پنهنجي اولاد کي حلال حرام جي تميز ۽ بلند اخلاقيات جي تربيت ڏني هئي ۽ ڪڏهن بہ حرام جو گرهہ پاڻ ۽ پنهنجي اولاد کي نہ کارايو هو اهوئي سبب هيو جو هو جڏهن رات جو رپورٽنگ ڪري گهرن ڏانهن واپس ورندا هيا تہ سادن ڪپڙن ۾ ملبوس هي اصول پسند شخصيتون روڊ جي پاسي اڪثر پبلڪ ٽرانسپورٽ جي اوسيئڙي ۾ بيٺل نظر ايندڙيون هيون، پر هنن جي آڏو آيل نوان چهرا لگزري گاڏين ۾ پيا ايندا ويندا هيا.

۽ پوءِ هڪ ڏينهن سندس پٽ نادر جي فون جي گهنٽي وڄي ۽ سندس پيءُ جي هڪ دوست ڪيس ٻڌايو تہ پڻهس ڪراچي جي اسپتال ۾ ايڊمٽ آهي ۽ اها خبر ٻڌندي ئي نادر ۽ سندس گهر ڀاتي اچي ڪراچي پهتا هيا، شهر جي مهانگي اسپتال جي بيڊ تي راشد بي حال ليٽيل هيو. پر هن جي مٿان ڪير بہ نہ هيو ساڻس گڏ رنگينيون ملهائيندڙ دوست واندڪائي مهل ايندا هيا ۽ رسمي طور چند گهڙيون ويهي سيلفيون ڪڍي هليا ويندا هيا.

بيماريءَ جي ان جهٽڪي راشد کي ڇنيءَ جو ڪير ياد ڏياري ڇڏيو هيو، ڇاڪاڻ تہ اهڙو جهٽڪو آيو هيس جو پريس ڪلب جي فرش تي ٻئي هٿ پيٽ تي رکي ڦٿڪڻ لڳو هيو ۽ پوءِ پاڻ کي اسپتال جي بستر تي پيل ڏٺو هئائين....

راشد جون مڪمل ٽيسٽون ڪرايون ويون هيون ۽ انهن ٽيسٽن جي رزلٽ ويتر خوف برپا ڪري ڇڏيو هيس، ماحول پنهنجي سامهون گول ڦرندو نظر پئي آيس، سندس انهن ٽيسٽن ۾ گهڻو شراب واپرائڻ سبب سندس گڙدا مڪمل فيل جي رزلٽ آئي هئي، ۽ دل جا وال بہ بند هجڻ جي تصديق ٿي هئي."

ان ڪيفيت ۾ راشد کان رنگينيون وسري ويون هيون، ڏينهون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن ڳرندو پئي ويو. سندس اڪائونٽ ۾ جمع ٿيل سموري ميڙي چونڊي ختم ٿي وئي هئي، ڪراچيءَ ۾ شوق مان ورتل ڪار به مجبورن کپائي هئائين. هفتي ۾ هڪ ڀيرو ڊائلاسز هن کي هئڊو ڪري ڇڏيو هيو، دوستن يارن ته مرڳوئي ڀيرو ڀڄڻ ڇڏي ڏنو هئس مگر پيالي ڀائي هڪ مدد ضرور ڪنداهيس وقت به وقت هن کي سينئر صحافي ڄاڻائي حڪومت کي علاج ڪرائڻ جون اپيلون ڪندا پئي رهيا...!!

راشد جي گهر واري ۽ سندس پٽ نادر ۽ سندس معصوم نياڻيون هن جي مٿان نراس ويڙهل نظر انيديون هيون ۽ راشد جي اکين مان جڏهن پڇتاءُ جا لڙڪ وهي نڪرندا هيا ۽ انهن معصوم نياڻين ۽ گهر واري جو اونو ٿيندو هيس ته روئي پوندو هيو ۽ هن سان گڏ سندس معصوم نياڻيون به کيس چنبڙي روئي پونديون هيون ۽ پرسان ويٺل ماءُ کان پڇنديون هيون امان بابا ڇو ٿو روئي، ته راشد جي گهر واريءَ جي اکين جا بند به ٽٽي پوندا هيا...!

راشد جنهن اداري ۾ ڪم ڪندو هيو اتي به هن جي جاءِ تي ٻيو ماڻهو پرتي ڪري ڇڏيو هيو پر ان کان وڌيڪ ستم ظريفي ڪهڙي ڇئبي جو اداري جي مالڪ عيادت لاءِ اچڻ ته نهيو فون تي به حال احوال نه ورتا هيس جنهن جو به هن کي ڏاڍو ڏک هيو ڇو جو هن ان مالڪ کي رپورٽنگ سان گڏ پنهنجي تجربي آڌار ججهو بزنس پڻ ڪمائي ڏنو هيو. هن کان پڇڻ ته اها ڊانسر نيلم به ڪونه آئي هئي جيڪا هن سان مرڻ جيئڻ جا وچن ڪندي هئي ۽ هن ان کي ڪراچي جي مهانگي علائقي ۾ فليٽ به وٺي ڏنو هيو جتي هر ٻي رات هن جو وڃڻ معمول هوندو هيو ۽ ديسي شراب سان گڏ ان نيلم جي ڊانس دوران ان جي ريڙ جهڙي جسم جا ونگ وڪڙ ۽ جوڀن ڏسي پاڻ کي دنيا جو خوشنصيب شخص سمجهندو هيو ۽ سڄي رات جو نيلم سان گڏ گذاري صبح جو جڏهن فيلڊ ۾ واپس ورندو هيو ته تصور ۾ نيلم سان گذاريل گهڙين جو سواد هوندو هيس ۽ هڪ ڏينهن ته ٻنهي شادي ڪرڻ جو به فيصلو ڪري ورتو هيو پر ان کان اڳ ئي اچانڪ راشد اسپتال پيڙو ٿي ويو هيو جتي به مهينا گذرڻ وارا هيس...!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻ هن کي پنهنجيون رنگينيون ياد ڪري انهن سيني مطلبي يارن کان نفرت ٿيڻ لڳي هئي جيڪي وسڪي جا ڍڪ ڀري هن کي ڳلن تي چميون ڏيندا هيا، مٿن مائٽن کان ته هن گهڻو وقت اڳ ئي پاڻ ئي پيرو پيچي ڇڏيو هو، ڇاڪاڻ ته هن جي ۽ هن جي غريب مائٽن وچ ۾ زمين آسمان جو فرق جو محسوس ڪيو هيائين. دولت جي نشي هن کي جڙ انڌو ڪري ڇڏيو هيو جو رت جا رشتا به ڀلائي ويٺو هيو...!

هاڻ ته پٽس وٽ به پيل سمورا پيسا ختم ٿي چڪا هيا ۽ نيٺ هن کي ان پرائيويٽ اسپتال مان ڪڍي سرڪاري اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو هيو ۽ راشد پنهنجي زندگيءَ جا پويان پساهه ڪٽي رهيو هو. ڊاڪٽر فيصلو نه ڪري سگهيا هيا ته ڇاڪجي هن جي دل به صفا ڪمزور ٿي وئي هئي، ته چمڙي هڏن سان چنبڙي وئي هئس ته گڙدا به فيل هيس، ۽ پوءِ آخرڪار شهرت جي بلندين تي پهتل هن شخص زندگيءَ جا آخري پساهه ان سرڪاري اسپتال ۾ پورا ڪيا هئا ۽ پنهنجو پاڻ سان دنيا جون رنگينيون، چالبازيون ۽ ڪيل ڪرتوت ڪٽي راهه رباني ورتي هئائين....!!!!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# يادن ۾ وڃائجي ويل شخص

ڪيڏو نہ هن پاڻ ڪي عشق جي اڏمن ۾ ڳاري ڇڏيو هو. هر پل مرڪندڙ چهرو اڄ مايوسين جي ور چڙهي ويو هو ڪاليج ۾ سڀ ڪان وڌيڪ خوبصورت سڏجندڙ سجاد جو شاداب چهرو ڪنهن پياسي سڪل ٿوٽ زمين جيان ٿي ويو هو. حد ڪان وڌيل ڏاڙهي، ميرا ڪپڙا، چمڪندڙ وارن جي جاءِ تي مٽيءَ سان ڀريل گهنڊ ڪري ويل وار نمايان هئا.

ڪاليج جي دور سجاد هر ڪنهن ڇوڪريءَ جي نظرن جو مرڪز هوندو هو. پر هي سيني سندرين ڪان بي نياز پنهنجي پڙهائي ۾ مشغول هوندو هو. هن کي ڪاليج ۾ هرڪو ڪتابن جو ڪيڙو چوندو هو. واقعي هوندو بہ تہ ڪتابن جو ڪيڙو هو. نہ ڪاڏي گهمڻ نہ ڪنهن سان مذاق ڪرڻ نہ ئي راند روند ڪرڻ ۽ نہ ئي وري تفريحي جاين تي وڃڻ. بس هن جو من تہ ڪتابن سان لڳي ويو هو.

هڪ ڏينهن سجاد جيئن ئي ڪاليج جو گيٽ ٽپي ڪلاس روم ڏانهن پئي آيو تہ هن جون نظرون هڪ ڇوڪريءَ جي چهري ۾ جمي ويون. اها ڇوڪري ڪاليج ۾ نئين آئي هئي. جڏهن ان ڇوڪريءَ نگاهون کڻي سامهون ڏٺو تہ هوءَ بہ سجاد جي اکين ۾ وڃائجي وئي. ڪن پل لاءِ هڪ ٻئي کي گهورڻ لڳا جو اچانڪ ڇوڪرن جي آواز تي اها حسين ناري سجاد ڏانهن مرڪ جا تيز تير اڇلائي هلي وئي ۽ سجاد هن کي ويندو ڏسي گهورڻ لڳو. نيٺ اها حسينہ هن جي اکين کان اوجهل ٿي وئي.

هرپل ڪتابن کي گهورڻ وارو سجاد اڄ تصور ۾ ئي ان مورت کي گهورڻ لڳو. هاڻ هن جي دل ڪتابن ۾ نہ پئي لڳي: هلندڙ پيرڊ مان نڪري ٻاهر لان تي ويهي ڇوڪرين واري ڪلاس ڏانهن گهورڻ لڳو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو، هن جي اهڙي رويي تي استادن سميت ڪاليج جا سڀ ڇوڪرا حيرت ۾ پئجي ويا هئا.

موڪل ٽيڻ مهل سجاد جون اکيون ڪلاس مان نڪرندڙ ڇوڪرين مان ان حسين ڇهري کي ڳولي رهيو هيون ۽ نيٺ اها سهڻي صورت ظاهر ٿي. هنن جون اکيون اکين ۾ اٽڪي هڪ هنڌ ساڪت ٿي ويون هيون. ڪلاس مان نڪرندڙ ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا هنن کي ڏسي مرڪندا پئي ويا، ڪيترين ئي ڇوڪريون جيڪي سجاد جي هڪ گهور لاءِ سڪنديون هيون، اهي اڄ ان نازنين کي حسرت مان ڏسي رهيون هيون ۽ نہ ڄاڻ ڪهڙا ڪهڙا جملا چونديون هليون ويون، پر هي ٻئي هڪٻئي کي تڪي رهيا هئا.

اچانڪ هڪ هٿ جي ڇهاءَ سجاد کي ڇرڪائي ڇڏيو. هن جون نظرون ان ناريءَ جي ڇهري کان نڪري پوئتي نهارڻ لڳيون هيون سجاد جي نگاهن سامهون سليم بيٺو مرڪي رهيو هو.

”تہ ڇئبو جناب عشق جي بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي ويو آ.“ سليم ان حسينہ ڏانهن نهاريندي چيو.

”ڇڏ يار سليم سڄو مزو ئي وڃائي ڇڏيئي“ سجاد منهن خراب ڪندي سليم کي چئي ڏنو.

”ڏس سليم هوءَ هلي وئي نہ صرف تنهنجي ڪري.“

”منهنجي ڪري، ڇو مان ايڏو خراب آهيان ڇا جو منهنجي ڪري هوءَ هلي وئي، ڏس توکان وڌيڪ خوبصورت آهيان اصل شهزادو پيو لڳان، پر يار اسان جو تہ ڀاڳ ئي خراب آهي، نہ تہ اصل مون لاءِ ڇوڪريون سڪن ها“ سليم چيو

”اڙي لنگور تون ڀاڳ کي خراب ٿو چئين هن مهل تہ تنهنجو سڄو سارو وجود مون لاءِ خراب آهي، تہ اکين آڏو منهنجو ٽينشن نہ وڌي وڃي.“ سجاد منهن خراب ڪندي چيس.

”يار سجاد مان توکي ايڏو خراب ٿو لڳان تہ آئنده ڪڏهن بہ تنهنجي اڳيان نہ ايندس.“ سليم ڪاوڙ ۾ چيو.

”اڙي يار سليم ننڍين ننڍين ڳالهين تي مائينڊ ٿو ڪرين.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجاد ٻچيءَ ۾ ياڪر پريندي چيس.

يار سجاد مائينڊ ڪيئن نہ ڪيان مون جهڙي ينگ ۽ هينڊسم لاءِ تون لفظ ئي اهڙا استعمال ٿو ڪرين نہ. ”سليم پري هٽندي چيس.

ها منهنجا هينڊسم ۽ ينگ پيارا دوست تون واقعي سهڻو آهين. “

سجاد سليم کي پرچائيندي چيو.

”اتي اچ نہ، مجئي نہ منهنجي سونهن کي آهيان نہ هينڊسم، تڏهن تہ چوان ٿو بس ٿورو ياڳ خراب آهي. “ سليم چيو

سجاد کان هڪ زوردار ٽهڪ نڪري وجي ٿو ۽ سليم بہ هن سان گڏ کلڻ شروع ڪري ٿو.

”يار سجاد، تنهنجي قسمت ڏاڍي ڀلي آهي، واهہ جو ان سان تنهنجي جوڙي ٺهندي، اصل ٻئي هيرا آهيو هيرا. تڏهن تہ چوندو آهيان سڄي ڪاليج ۾ هر ڪنهن سان گڏ گرل فرينڊ آهي پر اجا تائين رهيل ٺي مان آهيان.

بس شايد ٿورو ياڳ خراب آهي. چڱو دوست دير پئي ٿي هاڻ آءُ هلان ٿو”سليم سجاد جي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو.

سجاد بہ آهستي آهستي گهر ڏانهن اچڻ لڳو هو، جو اچانڪ هن کي ڪتابن جو خيال آيو جيڪي هن کان ڪاليج جي پارڪ ۾ ئي وسري ويا هئا.

تڪڙو تڪڙو ڪاليج ڏانهن آيو ڏٺائين پارڪ ۾ ڪتاب پيل هئا. ڪتاب کڻي گهر اچي پاڻ کي بيڊ تي اڇلايائين ۽ تصور ۾ ان سهڻي صورت کي اکين ۾ آڻڻ لڳو جو ماءُ جي آواز تي تصوراتي دنيا مان نڪري حقيقي دنيا ۾ اچي پهتو.

سجاد پٽ تنهنجي طبيعت تہ ٺيڪ آهي نہ الائي ڇو اڄ منجهيل ٿو لڳين. “ ماڻس پڇيس.

”نہ امان نہ مان منجهيل ڪاٿي آهيان“ سجاد وراڻيو.

”پٽ پوءِ پڪ تون پنهنجي ماءُ سان ناراض آهينجوهونءَ اچڻ شرط چوندو آهين امان ماني ڏي بک لڳي آ ڏاڍي، پر اڄ خاموش خاموش وڃين پنهنجي ڪمري ۾ سمهي پئين ڇا ڳالهہ آ پٽ؟“ ماڻس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري پڇيس.

جيجل ڪاڳ ڳالهه ڪانهي دراصل اڄ بک نہ لڳي آ. سجاد ماءُ کي ڀاڪر پائيندي چيو.

”ٺيڪ آهي ماني ڪائي وڃي آرام ڪر. شام جو ادا وارن ڏي هلنداسين ٿورو ڪم آهي.“

ماڻس چيس.

ماڻس ماني آڏو رکي هلي ويس. ذهن ۾ وري اها حسين صورت اڀري آيس. مانيءَ جا ٻہ ٽي گرهہ هڻي پنهنجي ڪمري ۾ اچي ليٽي پيو. پر اهائي صورت اهائي مرڪ هن جي ذهن تي حاوي هئي. خبر ئي نہ پئي هئس شام ٿي وئي هئي. ماڻس تيار ٿيڻ لاءِ چيس.

سجاد تيار ٿي پنهنجي ماءُ سان گڏ پنهنجي چاچي آصف وٽ اچي پهتو هيو. سندس چاچي ڀاڪر ۾ ڀريندي پيشانيءَ تي چمي ڏئي چيو هو سجاد پٽ تون ڏاڍو وڏو ٿي ويو آهين“.

چاچيءَ بہ وڏي اچي ڳراٽڙي پاتي هئس.

پٽ پرهہ او پرهہ مهمانن لاءِ ڪاڏي جو بندوبست تہ ڪري وٺ.“ پرهہ کي ماءُ چيو

”جيءُ امان .“ اندران پرهہ سندر آواز ۾ چيو ۽ ڪمري مان ٻاهر نڪري آئي.

پرهہ بہ سورنهن سالن جي هڪ سهڻي ڇوڪري هئي. سجاد جي ماءُ پرهہ کي پنهنجي ننهن بنائڻ جو سوچي ڇڏيو هو. تڏهن تہ اڄ سجاد کي بہ پاڻ سان آندو هئائين تہ جيئن هو پرهہ کي ڏسي ۽ پسند ڪري. پرهہ ۽ سجاد ننڍا ٿي وڏا ٿيا هئا. پر ڪافي وقت کان هڪ ٻئي کي ڪو نہ ڏٺو هئائون.

سجاد جي ماءُ کي ڪهڙي خبر تہ سجاد پنهنجي اندر ۾ ٻي ڪنهن سندري کي سجائي ڇڏيو آهي.

پرهہ جيئن ئي هنن جي ويجهو آئي تہ سجاد جي ماءُ جي چهري تي مرڪ تري آئي ۽ هن پرهہ کي ڀاڪر ۾ ڀري ورتو.

”ڪيئن آهين پرهہ؟“ سجاد جي ماءُ پڇيس


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”چاچي آءٌ بلڪل خوش آهيان.“ پرهہ هلڪو ٽهڪ ڏيندي چيو
”پٽ سجاد هي آهي پرهہ ڏاڍي سيبتي ۽ سٺي ڇوڪري آهي،
سجاد جي ماءُ مسڪرائيندي چيو
ان ويل پرهہ شرمائجي ڪائڻ لاءِ شيون آڻڻ جو بهانو ٺاهي هلي
وئي، پر سجاد جي دل ۾ محبت بجاءِ نفرتن جو لاوو ٻاري وئي هئي.
سجاد سوچڻ لڳو ڪهڙي ڇوڪري آهي مونکي ڪيڪاريائين بہ
ڪونہ پر سجاد کي ڪيڪار جي ڪهڙي ضرورت هئي. هن لاءِ تہ سندر
ناري جي هڪ مرڪ اکين جي محبت ڀري گهور ئي ڪافي هئي.
”پٽ سجاد ڪهڙن خيالن ۾ گم ٿي ويو آهين، سندس چاچي
آصف ان سندريءَ جي سوچن کان آزاد ڪرائيندي پڇيس.
چاچا سائين بس ڪا ڳالهہ ياد اچي وئي هئي، سجاد ڇرڪ
ڀريندي چيو.
فون جي گهنٽي وڄندي ئي سندس چاچو فون ڏانهن وڌي ويو.
سجاد جي ماءُ ۽ سندس چاچي گفتگو ۾ محو هيون سجاد اڪيلو
پنهنجي ماءُ ۽ چاچي کي ڳالهائيندي ڏسي رهيو هو. اڪيلائي هن کي
ڏنگڻ لڳي هئي، ويهي ويهي بوريت وڌي وئي هيس جو ڀيهر پرهہ نمودار
ٿي هن جي هٿ ۾ سجايل ڊش ۾ قسمين قسمين شيون هيون، ڪونج
جيان ٽلندي ٽلندي اچي اهي سموريون شيون هن جي آڏو رکيون
هيائين.
اڻ چاٽائي ۾ سجاد جون اکيون پرهہ جي چهري ۾ کپي ويون،
انهن نگاهن کي پرهہ جلد ئي پرکي ورتو هو. هاڻ پرهہ سجاد جي آڏو
ناز ۽ نخرا بہ ڪري رهي هئي.
سجاد کي پرهہ جي انهن ادائن تي چڙ اچي وئي ۽ ڪنڌ
جهڪائي کاڌو کائڻ ۾ محو ٿي ويو.
کاڌو کائڻ کانپوءِ سجاد جي ماءُ پنهنجي ڀيڻ ۽ ڏيراڻيءَ کان
موڪلايو هو، ان ويل دل ئي دل ۾ سجاد شڪر ادا ڪيو هو. نيٺ سيني
کان موڪلائي گهر اچي پهتا هيا.
صبح جو وهنجي تيار ٿي سجاد سوبل ئي ڪاليج پيڙو ٿيو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچانڪ رستي تي ان سندري کي پنهنجو منتظر پائيو هئائين. جنهن کي خيالن ئي خيالن ۾ پنهنجي زندگيءَ جو همسفر بہ بڻائي ڇڏيو هئائين. سجاد جي دل جو ڌڙڪو حد کان وڌي ويو هو، من اندر همت ساري ان سندري ڏانهن وڌي ويو هيو، همت ئي نہ پئي ٿيس تہ ڇا ڳالهائي اڄ زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڪنهن آڏو پاڻ کي بيوس بڻجندي محسوس ڪيو هئائين. سجاد جي ڳالهائڻ کان اڳ ئي ان ناريءَ پنهنجي منٺڙي آواز سان سجاد کي سلام ڪيو.

ان جو منٺڙو آواز ٻڌي سجاد ويتر مدهوش ٿي ويو، هن کي سلام جو جواب ڏيڻ بہ وسري ويو هوس، گهڙي گهور مان ان کي گهوري رهيو هو جو وري ان سندري ناري سلام ڪيس جو سجاد ڇرڪجي ان سلام جو جواب ڏنو هو.

اهو ڏينهن سجاد جي لاءِ ڀاڳوند ثابت ٿيو، ان ڏينهن هن کي اڻ ڪٿ محبتون مليون هيون زندگيءَ جو هڪ همسفر مليو هئس.

جوانيءَ جي انهن ڏينهن ۾ سجاد تي محبت جو نشو طاري ٿي ويو هو، هن کي سڄي دنيا جون خوشيون پنهنجي جهول ۾ پيل محسوس ٿيڻ لڳيون هيون ڇهري تي گلن جا رابيل ٽڙي پيا هئس پاڻ کي خوشيءَ جي فضا ۾ اڏامندو محسوس ڪيو هئائين، ان خوشيءَ جي فضا ۾ هن سان مومل گڏ هئي.

هر روز ڪڏهن ڪنهن پارڪ ۾ تہ ڪڏهن ڪنهن هوٽل جي ڪنڊ تي ڪڏهن وري هٿ هٿن ۾ ڏئي سجاد ۽ مومل گڏ گڏ نظر ايندا هيا. ٻئي ڄڻا هاڻ هٿن ۾ ڪتابن جي بدران روزانو گلاب جي گلن جون ڪنواريون پنکڙيون کڻي هڪٻئي جي آجيان ڪندا هئا، هنن ٻنهي جي محبت ڪاليج ۾ هڪ مثالي محبت جو روپ اختيار ڪري ورتو هو.

خبر ئي نہ پئي هئي وقت جي جو هنن کي امتحانن جون سلپون مليون هيون ٻئي ڄڻا وائڙا ٿي ڪيڏي مهل انهن امتحاني سلپن کي گهورڻ لڳا تہ ڪيڏي مهل نشيلا نيڻ کڻي هڪٻئي کي تڪڻ لڳا هئا.

”سجاد !!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مومل!

”سجاد امتحانن ۾ باقي هڪ هفتو وجي بچيو آهي ۽ اسان اڃا تائين ڪاٻه تياري نہ ڪئي آهي.“ مومل پريشانيءَ مان سجاد کي چئي ڏنو.

منهنجي مومل اسان کي ڪنهن تياري جي ضرورت ناهي اسان انگلش جي پيپر ۾ پنهنجي پيار جا ڪامياب نظريہ پيش ڪنداسين، بائيولاجي جي پيپر ۾ سچي محبت ۽ سچي چاهت سان پنهنجي پيار جي اسٽوري لکنداسين ۽ سنڌي ۾ هونئن بہ پڙ آهيون، مومل راڻي جو قصو هير رانجهو ليلا مجنون سهڻي ميهار جو قصو لکنداسين سئو مان نوانوي مارڪون اسان کي ملن ئي ملن پياري. سجاد مومل کي ڳلن تي هٿ سان ٿڦڪي ڏيندي چيو.

سجاد ڇڏ مذاق ڪجهہ سيريس ٿي امتحانن لاءِ ڪجهہ سوچ، مومل موڊ آف ڪندي چيو.

آ ها آها...“ سجاد رڙ ڪندي چيو.

ڇا ٿيو وري ايڏي رڙ ڪئي اٿئي مومل سجاد کان پڇيو.

امتحانن جي مشڪل آسان ٿي وئي پياري، سجاد چيو

اهو وري ڪيئن مومل تعجب مان چيو.

”ڏس مومل اسان کي جيڪڏهن امتحانن ۾ پاس ٿيڻو آهي تہ اسان کي گئس پيپرن مان ڪم وٺڻو پوندو، سجاد مومل جي چهري کي تڪيندي چيو.

”سجاد اسان ڪڏهن بہ ڪاپي نہ ڪنداسين پل چو نہ ناڪام ٿيون اڄ کانپوءِ ميل ملاقات بند امتحانن جي ڀرپور تياري شروع اوڪي..

ائين چئي مومل سامهون رڪشا ۾ وڃي ويٺي سجاد رڙ ڪئي پر ان کان اڳ ئي رڪشا تيزيءَ سان هلڻ لڳو ۽ ان مان بہ نازڪ نفيس سهڻا هٿ لڏڻ لڳا ۽ سجاد بہ هٿ لوڏي مومل کي الوداع ڪيو.

سجاد جو من منجهڻ لڳو هو ۽ مومل سان مليئي پورا چار ڏينهن ٿي ويا هئس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امتحانن ۾ باقي ٻہ ڏينهن وڃي بچيا هئا پر سجاد بلڪل تياري نہ ڪئي هئي سارو وقت مومل کي سارڻ لڳو هو.

اڄ پهريون پيپر شروع ٿيڻ وارو هو سجاد ٻہ سنبري اچي گيٽ وٽ بيٺو هيو مومل کي ڏسڻ جي اوسيئڙي ۾، هن کي پيپر جي ڪا پرواهہ نہ هئي پرواهہ هيس تہ صرف مومل جي جنهن کي پورو هفتو نہ ڏٺو هئائين.

اچانڪ هڪ اڇي ڪرولا ڪار زوزرات ڪندي اچي هن جي پرسان بيٺي هئي. سجاد چرڪجي ڪار ڏانهن ڏٺو فرنٽ سيٽ تي ويٺل مومل کي ڏسي چهرو ٻهڪي پيو هئس، جيئن ئي مومل دروازو کوليو تہ سجاد هن ڏانهن آيو سجاد سڪ ۽ اڪير مان پنهنجو هٿ مومل ڏانهن وڌايو پر بدلي ۾ مومل صرف هيلو چئي امتحاني بلاڪ ڏانهن وڌي وئي.

سجاد جو مٿو پوانٽيون کائڻ لڳو، مومل جي اهڙي لاپرواهي ۽ بي رخي ڏسي هن جي ذهن ۾ شڪ ۽ وسوسا جنم وٺي ويا، ڪنڌ ورائي پيهر ان ڪار ڏانهن ڏٺائين ڊرائيونگ سيٽ تي ويٺل هڪ نوجوان هٿ لوڏي سامهون امتحاني بلاڪ جي آڏو بيٺل مومل کي الوداع چئي رهيو هو ۽ هن بہ هٿ ڪڍي کيس الوداع ڪيو.

سجاد تيزيءَ سان چوڪرين واري بلاڪ ۾ پهتو سيني ڪان الڳ مومل پوئين سيٽ تي ويٺل نظر آيس.

مومل هي ڪهڙو طريقو اپنايو اٿئي؟

هي سڀ ڪجهہ ڇا آهي ٻڌاءِ مومل ؟ سجاد جذباتي انداز ۾ پڇيس.

سجاد صاحب، توهان کي همت ڪيئن ٿي مون ڏانهن هن چوڪرين واري بلاڪ ۾ اچڻ جي؟ مومل ڇڙٻ ڏيندي چيس.

سجاد هڪ ڀيرو ٻيهر چڪرائجي ويو.

مومل تون هي ڇا پئي چوين مومل؟ مان تنهنجو پيار آهيان تون منهنجو پيار آهين مان تنهنجو اهوئي سجاد آهيان پر تنهنجي هي بي رخي ڇا لاءِ ؟ سجاد کيس ايلاز ڪرڻ لڳو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بس ڪر... بس مسٽر سجاد تون منهنجو ڪجهه به نه آهين نه ئي وري منهنجو ڪو توسان رشتو آهي ڇا جو پيار ڪهڙو پيار ڪٿان جو پيار ۽ ها مان مومل ناهيان سمجهيئي ۽ ها آئنده مونکي هرو ڀرو پريشان نه ڪجانءِ ورنه ...؟ مومل رڙ ڪندي چيس.

سجاد جي من ۾ لاتعداد ڀالا ڪپي ويا هئا رڳ رڳ ۾ مومل جي بيرخيءَ تي درد جاڳي اٿيو هئس پاڻ کي ڪنهن پراڻي ڪنڊر جيان پرندي محسوس ڪيو هئائين، ائين لڳس ڄڻ هزارين مڻ پٿر هن جي مٿان وسايا ويا هجن. ٽڙندو ٽاٻڙندو ڇوڪرين جي ان بلاڪ مان ٻاهر نڪتو، اکين جي ڪٽورين مان لڙڪ لارون ڪري هن جي ڳلن تي ڦهلجڻ لڳا.

سجاد جي خوبصورت چهري تي اڄ مايوسين گهيرو ڪري ورتو هو، هو اندر ئي اندر ۾ پڇڻ لڳو هو. امتحاني ڪاپيءَ تي سوالن جي جواب بجاءِ مومل جو نانءُ اتارڻ لڳو هيو خبر ئي نه پيس تي ڪلاڪ گذري ويا. مومل جي نانءُ سان پر ٿيل ڪاپي بلاڪ ۾ ڊيوٽي استاد کي ڏئي اچي ان گيٽ وٽ پهتو، جتي ساڳي ڪار ۽ اهو نوجوان بيٺل نظر آيس.

ڇوڪرين جي رش ٻاهر نڪرڻ لڳي انهن ۾ مومل به شامل هئي جيڪا سجاد جي پرسان گذري ان ڪلين شيو نوجوان سان هٿ ملائي ڪار ۾ ويهي سجاد جي نظرن کان غائب ٿي وئي هئي ۽ هي پنهنجو ٽٽل وجود گهليندو اچي گهر پيڙو ٿيو، پنهنجو برو حال بنائي ڇڏيو هئائين. مومل جي ياد ۾ پاڪيٽ پرس ۾ مومل جي سجيل تصوير کي بس گهوريندو رهيو هو جو ماڻس ڪمري ۾ آئي.

پٽ سجاد ڪا مومل نالي ڇوڪري توسان ملڻ لاءِ آئي آهي ڇرڪ نڪري ويس.

امان مومل آئي آهي سا به هتي؟“ سجاد خوشيءَ وچان چيو ۽ تيزي سان ڪٽ تان اٿي پيرن ۾ چپل پائڻ جي بغير مومل ڏانهن آيو هو.

مومل تون اچي وئين نه، مون ڏانهن اچي وئين نه مومل مومل اڄ اڄ ويهه مومل اڄ ويهه سجاد مومل کي ويجهو ويندي چيو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽ سجاد هيءَ ڪير آهي؟
سجاد جي ماءُ مومل جي چهري ۾ گهوريندي چيو.
امان.. امان ... هيءَ مومل آهي مونسان گڏ پڙهندي آهي. سجاد ڪيس چيو
امان گهور وجانءَ جي آئين ڀلي آئين! پٽ هي تنهنجو پنهنجو ئي گهر آهي سجاد جي ماءُ مومل جي مٿي تي هٿ ڦيريندي چيو.
پٽ مان توهان لاءِ چانهه ناهي اچان پوءِ ٿا حال احوال اوريون. اهو چئي سجاد جي ماءُ ٻنهي کي اڪيلو ڇڏي چانهه ناهڻ لاءِ رڌڻي ڏانهن وڌي وئي.
مومل تون ڪيئن آهين؟"
سجاد مومل جي چهري ۾ گهوريندي چيو
"مان بلڪل ٺيڪ آهيان" مومل هٻڪندي چيو.
شابس هجئي مومل اهڙو مذاق ڪبو آ ڏس منهنجو ته ذري گهٽ ساهه نڪتو هو."
سجاد مومل جو هٿ پڪڙي پنهنجي سيني تي رکندي چيو.
سجاد... سجاد اهو مذاق نه هو مومل پنهنجو هٿ ڇڏائيندي چيو.
سجاد جي وجود ۾ هڪ زوردار زلزلو آيو سڄو لرزي ويو.
"اهو ڇا پئي چوين مومل". سجاد هٻڪندي چيو.
"ها سجاد وساري ڇڏ سڀ ڳالهيون، مان توسان گڏ نه ٿي رهي سگهان اسان صرف دوست هياسين، مونکي اها خبر ئي نه هئي ته منهنجو نڪاح ننڍي هوندي ئي الطاف سان ڪيو ويو هيو، هاڻ مان ان جي امانت آهيان جلد اسان جي رخصتي به ٿيڻ واري آ مان مجبور آهيان سجاد مان مجبور آهيان، مونکي معاف ڪر مان تنهنجي ڏوهاري آهيان مان تنهنجي دل ٽوڙي آهي ۽ هاڻ منهنجي زندگيءَ ۾ صرف الطاف آهي، مان پنهنجي ماءُ پيءُ سان بغاوت نه ٿي ڪري سگهان ۽ نه ئي انهن جي نافرماني. سجاد ڏس مان تنهنجي آڏو ٻانهون ٻڌي ٻڌان معاف ڪري ڇڏ ۽ مونکي وساري ڇڏ" مومل روئڻهارڪي لهجي ۾ چيس.
مومل تون هميشه مسڪرائيندي رهجانءِ، ڏاڍي سٺي لڳندي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهين اها اداسي مونکي سٺي نٿي لڳي. ”سجاد ڦڪي مرڪ مرڪندي چيو.

ان ويل سجاد جي ماءُ چانهہ کڻي آئي، اچي پٽ چانهہ.

سجاد چانهہ جو ڪوپ کڻي مومل جي هٿن ۾ ڏنو ۽ پاڻ بہ چانهہ کڻي پيئڻ لڳو هيو.

”پٽ اوهان ٻنهي جي جوڙي ڪيڏي نہ پياري ٿي لڳي. “ سجاد جي ماءُ چيو

ان ويل سجاد جي هٿن مان چانهہ جو ڪپ ڇڏائجي ويو هوءِ مومل پڻ ڇرڪجي وئي هئي.

ڇڱو ماسي آءٌ هلان ٿي. “ مومل اٿندي چيو هو

پٽ ايڏو جلدي وڃي ٿي ڪجهہ گهڙيون ويهہ تہ سهي! “ سجاد جي ماءُ جڻ منٿ پرئي لهجي ۾ چيس.

نہ ماسي ٿورو جلدي آهي وري ڪڏهن ٻئي پيري ايندس. مومل چيو

ان ويل سجاد جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا، پر انهن لڙڪن کي پنهنجي اندر ۾ جذب ڪري ڇڏيو هئائين.

ڇڱو ماسي.... ڇڱو سجاد خدا حافظ مومل ائين چئي در ڏانهن وڌي وئي.

خدا حافظ مومل شل سدائين خوشيون ماڻين، اهو چوندي سجاد کان اوچنگار نڪري وئي هئي خبر ئي نہ پئي هئس مومل اکين آڏو هميشہ جي لاءِ اوجهل ٿي وئي هئس...

ان کانپوءِ ئي سجاد پاڻ کي مومل جي يادن ۾ وڃائي ڇڏيو هميشہ هميشہ هميشہ جي لاءِ.....!!!!

*(ماهوار هالار 2004 جي شماري ۾ شايع ٿيل.)*


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عيد

رات جو هڪ ٿي چڪو هيو پر ننڊ هن جي اکين کان ڪوهين ڏور هئي. سوچن جي ڪشمڪش ۾ خبر ئي نہ پئي هيس جو هڪ وڃي چڪو هو.

۽ پوءِ اڌوهي ڪاڌل ڪرسي تان اٿي پنهنجي بستري تي اچي آهلجي اکيون ٻوٽي ٿو ڇڏي پر ننڊ هن کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ اجا بہ تيار نہ هئي بستري تي پاسا ورائي ٻيهر اٿي ويهي ٿو رهي ۽ هيٺ زبون حال فرش تي پيل پنهنجي هوائي چپل کي ڏسندو رهي ٿو، جنهن جي هڪ ڪهي ڇڄڻ تي اچي پهتي هئي ۽ ترو گسي گسي صفا هن جيان زبون ٿي ويو هيو.

هو بستري تان اٿي ڪمري جي پراڻي دري تي پيل پردو هٽائي ٻاهر جهاتي پائي ٿو. سامهون وڻ سان زنجيرن ۾ ٻيڪڙيل هن جو هن جيان پراڻو ٿي ويل اسڪوٽر بيٺو هو ۽ ان جي پرسان بہ ٽي رولو ڪتا اگهور ننڊ ستل هيا، جن مان ڪو ڪيڏي مهل ڪنهن سرٻات تي جاڳي اونائي وري سمهي رهي ٿو ۽ هي انهن ڪتن جي اسڪوٽر جي پرسان موجودگيءَ ۾ پنهنجي اسڪوٽر کي اجا بہ وڌيڪ محفوظ سمجهي ٿو.

”ياڳل ٽيبل تان سگريٽ جي ڊٻيءَ مان سگريٽ ڪيڊي ان کي دکائي وري اچي دريءَ وٽ بيهي ٿو ۽ وڏا وڏا ڪش هڻي ان دونهين ۾ پنهنجي زندگيءَ جي گهاريل گهڙين جي ڪوهيڙي کي ڏسندو رهي ٿو ۽ سوچي ٿو زندگيءَ جا 50 سال گذري ويا، هو پنهنجي گهاريل زندگيءَ جي انهن سالن کي ان دونهين جيان غائب ٿيندي ڏسي ٿو ۽ ان سگريٽ مان نڪتل خاڪ جا ڦلا فرش تي وکيريندو رهي ٿو ۽ پوءِ ٻيهر ان وڻ سان ٻڌل اسڪوٽر جي گديءَ کي ڏسي ٿو جنهن جي پويان ڪڏهن هن سان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گڏ اها عروسا بہ ويهندي هئي، جيڪا هن تي گهور ويندي هئي ۽ ڪيس چوندي هئي ”پاڳل توڪانسواء مان ڪيئن جي سگهندس پلا ڏس ؟“

۽ پوءِ اهائي عروسا هن جي آڏو ڪنهن ٻئي جي جيون ساٿياڻي بڻجي هن جي زندگي مان هميشہ جي لاءِ هلي وئي هئي ۽ پاڳل پنهنجي گهر جي ان پراڻي دري ڪان ٻيهي پنل اکين سان عروسا کي ڏسندو رهجي ويو هيو ۽ پوءِ جڏهن بہ ان جي ياد جنجهوڙيندي هئس تہ سگريٽ مان وڏا ڪش هڻي ان جي دونهين ۾ عروسا جي وڃايل عڪس کي پيو تلاشيندو هيو ۽ ڪي ئي گهڙيون ان موٽر سائيڪل جي گدي کي پيو ڏسندو هيو جتي ڪڏهن عروسا هن سان ٻک هڻي ويهندي هئي ۽ هن جي ڪنن ۾ سرٻاٽ ڪندي رهندي هئي. اهڙا مڌر سرٻاٽ جن جي سحر مان اڄ بہ پاڳل نہ نڪري سگهيو هيو...!

سگريٽ جو ڪش هڻي پاڳل ان وڻ جي اوٽ پويان عروسا جي گهر ڏانهن جهاتي پائي تہ پر گگهہ اونداهہ ۾ ڏسي نہ ٿو سگهي ۽ پوءِ پنهنجي گهران نڪري دروازي کي ٻيڪڙي ان وڻ جي هيٺان اچي ٻيهي ٿو تہ سٽل ڪتن مان هڪ ڪتو هن کي ڏسي پونڪڻ لڳي ٿو ۽ پوءِ هن کي سڃاڻي وري ٻيهر سمهي ٿو پوي ۽ پاڳل عروسا جي گهر ڏانهن نهاري ٿو، جيڪو اونداهيءَ ۾ ڊنڊلو ڊنڊلو ڏسڻ ۾ اچيس ٿو ۽ پوءِ هن جا قدم بي اختيار ان دراوزي ڏانهن وڌن ٿا. ڏسي ٿو عروسا هن جي لاءِ جهاتيون پئي پائي ۽ هي بي اختيار هن ڏانهن وڌي ٿو، سندس پير ڪنهن شيءَ سان ٽڪرائجي وڃن ٿا ۽ هي ٿاٻڙجي ڪري پوي ٿو ۽ پوءِ جسم ۾ سموروست ساري اٿي ٻيهر دروازي ڏانهن وڌي ٿو، پر پوءِ هن جا دروازي ڏانهن وڌندڙ اهي قدم پاڻمرادو رڪجي وڃن ٿا.

عروسہ جو عڪس هن جي اکين کان اوجهل هيو ۽ گهر جو دروازو بند هيو...!!

پاڳل پنهنجو پاڻ سان پٽڪي ٿو

”ڪاڏي وئينءَ عروسا، تون ڪاڏي وئينءَ مان توسان ملڻ ٿو چاهيان، ملڻ ٿو چاهيان فقط هڪ ڀيرو“.

عروسا جي گهر جي دروازي تي آخري نظر وجهي پويان، پير



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ٿو ۽ واپس اچي ان وڻ جي هيٺان ويهي ٿو رهي. جتي وڻ ۾ ٻڌل اسڪوٽر سان گڏ ڪتا ستل هيا ۽ هي ويهر لوٽو ورائي دروزاي ڏانهن ڏسي ٿو جتي عروسا ڪونه هئي ۽ هي واپس پنهنجي ڪمري ۾ اچي ڪرسي تي ويهي سگريٽ دکائي ان مان وڏا ڪش هٽي ٿو.

سگريٽ جي دونهين ۾ جهاتي پائيندي هو پاڻ کي ان دونهين وچ ۾ گهوماتيون ڪائيندي محسوس ڪري ٿو ۽ پنهنجي زندگيءَ جا گذاريل لمحا ياد ڪندي ڪندي ويهر بستري تي آهلجي پوي ٿو پر ننڊ اچا بہ هن جي اکين مان ڪوهين ڏور هئي...!!

”ياد اٿئي عروسا! ڪڏهن توکي بہ تہ ننڊ نہ ايندي هئي مون کان سواءِ جيئن مونکي نہ ٿي اچي؟.“

”۽ ياد اٿئي تون بہ تہ چري هوندي هئينءَ مونسان ملڻ جي لاءِ جيئن مان هينئر چريو آهيان توبن..!

هو تصور ۾ پنهنجي سامهون ويٺل عروسا سان ڳالهائيندو رهي ٿو.

عروسا تو سنو ڪيو جو ڳاڙهي جوڙي ۾ سينگارجي هميشہ ياڳل جي پاڙي مان هلي وئين“ تو سنو ڪيو پلا مان توکي ڪتي خوش رکي سگهان ها بيروزگار ۽ واندو ماڻهو معاشري کان ڪٽيل...!

ڏس نہ عروسا توکي ڪيڏو سنو جيون ساٿي مليو. آفيسر ڪارن ۾ هلڻ وارو، بنگلن ۾ رهڻ وارو ۽ مون وٽ ڇا هيو؟ هڪ ڪمري وارو بدبودار پراڻو گهر، پراڻي موٽر سائيڪل ۽ بس...!

اکين مان لڙڪ ڪري پاڳل جي ڳلن تي پکڙجي ويا هيا. هن اهي ڳوڙها هٿ جي ترين سان اگهي، ڪمري جي ڪنڊ ۾ پيل پيتي مان عروسا جو فوٽو ڪڍي اچي پنهنجي بستري تي ويهي ان کي ڏسڻ لڳو ۽ ان کي چمندو رهيو. هو ان سان ڳالهيون ڪندو رهيو، هو ڪوڙ ساريون ڳالهيون ... اهي ڳالهيون جن ۾ ننڍپڻ کان جوانيءَ جي سرحدن تي پهتا هيا ٻئي...

۽ پوءِ ڳالهائي ڳالهائي خبر ناهي ڪنهن مهل ننڊ هن کي پنهنجي آغوش ۾ آهلائي ڇڏي تي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صبح جو دريءَ مان سج جا ترورا هن جي منهن تي لڳن ٿا تہ نہ چاهيندي بہ ٻوٽيل اکيون کوليندي اٿي ويهي ٿو ۽ پوءِ منهن تي پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻي دريءَ کان ٻاهر ڏسي ٿو.

ماڻهو ٻهڪندا عيد نماز پڙهڻ جي لاءِ مسجد ڏانهن وڃن پيا ۽ هي دريءَ کان هٽي تيزيءَ سان ڪمري جو دروازو کولي عروسا جي گهر ڏانهن ڊوڙ ڪري ٿو ۽ رڙيون ڪري ٿو

”اج عيد آهي“

”اج سيني جي عيد آهي“

”اج منهنجي بہ عيد آهي“

”اج مان بہ عيد ڪندس“

اج منهنجي عروسا آئي هوندي پنهنجي اباڻي گهر

۽ هو ڊوڙندو رهي ٿو عروسا جي گهر طرف جو اچانڪ زوردار بريڪ لڳي ٿي

۽ پاڳل جو ڏبرو جسم هوائن ۾ اڏري اچي ان وڻ جي هيٺان پوي ٿو، جتي سندس پراڻي موٽر سائيڪل وڻ جي ٿڙ سان ٻڌل هئي ۽ ان اسڪوٽر جي پرسان ستل ڪتا ڪينهاٽيون ڪندي ڀڄي وڃن ٿا...

پاڳل درد جي شدت مان پنهنجيون ٻوٽيل اکيون کٽي سامهون ڏسي ٿو هن جي گهر ۽ عروسا جي گهر وچ ۾ گذرندڙ روڊ تي ڪار بيٺل هئي جنهن جي ٽڪر ۾ هي اڏري ان وڻ هيٺان ڦٿڪيو پئي......!!

وري اکيون ٻوتجڻ لڳنس ٿيون جو ڌنڌلي عڪس ۾ سامهون پاڻ ڏانهن ڊوڙندڙ عروسا نظر اچيس ٿي، جيڪا هن ڏانهن ڊوڙندي اچي ٿي ...

هن کي هڪ جهٽڪو لڳي ٿو

”پاڳل“

ڪافي سالن کانپوءِ عروسا جي لبڙن تي پنهنجو نالو گونجندي ڏسي ٻوتجندڙ اکين کي کولڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ عروسا هن جي مٿان اچي پهچي ٿي. ان جي پويان عروسا جو مڙس بہ بيٺو هيو، جنهن کي ڪڏهن پاڳل عروسا کي ڳاڙهي جوڙي ۾ هٿ هٿن ۾ ڏئي وٺي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندي ڏنو هو...

اوڙي پاڙي وارا ان وڻ جي هيٺان رت ۾ لت پت پاڳل جي مٿان بيٺا هيا عروسا جو هٿ پاڳل جي هٿن ۾ هيو ۽ پاڳل مٿان بيٺل ماڻهن جي ميڙ کي ڏسي مٿان بيٺل عروسا جي مڙس ڏانهن ڏسي عروسا جي اکين ۾ جهاتي پائي ٿو جنهن ۾ لڙڪ هيا...!

پاڳل کي هڪ جهٽڪو لڳي ٿو ۽ وات مان نڪرندڙ رت کي چوسيندي چوي ٿو اڄ عيد آهي ۽ پوءِ هميشہ لاءِ اکيون ٻوٽجي وڃنس ٿيون...!!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ادا

مرڪ ڪيترو نہ سنو نانءُ آهي، ان نانءُ ڪي زبان تي آڻڻ سان آءٌ بہ مرڪي پوندو هيس ، الائي ڇو جو جنهن ڏينهن هو اسڪول نہ ايندي هئي تہ آءٌ اداس اداس رهندو هيس، اڪيلو اڪيلو بلڪل اڪيلو.

مرڪ جو مرڪڻ من کي موهي وجهندو هو. جنهن پل هوءَ مرڪي پنهنجا ڪينجهر جهڙا گهرا نيڻ کڻي ڏسندي هئي تہ آءٌ انهن اکين جو تاب نہ سهندي پنهنجيون اکيون جهڪائي ڇڏيندو هئس تہ هوءَ شرمائجي ڇوندي هئي.

”منصور اوهان مونکي ائين ڇو ڏسندا آهيو؟“ ان جي انهي سوال جا مون وٽ ڪي ئي جواب هوندا هئا. پر الائي ڇو اهي جواب ان جي اڳيان وسري ويندا هئا ۽ آئون خاموش خاموش ڪنڌ جهڪائي ويهي رهندو هئس.

هن کي ڪنهن ٻئي سان ڳالهائيندي ڏسندو هئس تہ ڏاڍي ڪاوڙ ايندي هئي، پر ان ڪاوڙ ۽ غصي کي اندر ۾ اوتي ڇڏيندو هئس، خبر ئي نہ پئي هئي تہ پنج سال ڪيئن گذري ويا هئا، هڪ ٻئي کي ڏسندي ڏسندي، دل جون ڳالهيون زبان تي ايندي ايندي وسري وينديون هيون، ڪڏهن بہ انهن جو اظهار هن جي اڳيان آءٌ نہ ڪري سگهيو هئس.

زندگيءَ جا پنج سال پنجن گهڙين جيان گذري ويا هئا، اڄ اسان جي هن اسڪول ۾ الوداعي پارٽي جو پروگرام ٿي رهيو هو من بيچين ٿي ويو هو. هڪٻئي کي گهورڻ وارو تصور ٽڙيائڻ لڳو هو. بي اختيار ڇوڪرين جي ميڙ ۾ منهنجا قدم هن ڏانهن وڌڻ لڳا هئا، ان تائين پهچندي پهچندي ڏڪجي پوئتي واپس وريو هئس. ٿڪل ٿڪل قدم ۽ مايوسين سان پريل اندر کڻي واپس ان فنڪشن جي ميڙ کان الڳ هڪ وڻ جي هيٺان اچي وينو هئس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرڪ پنهنجي ساهيڙين ۾ وڏا وڏا ٽهڪ ڏئي ان فنڪشن مان لطف اندوز ٿيڻ لڳي هئي ۽ هيڏانهن منهنجو من ان الوداعي فنڪشن تي سڏڪي رهيو هو، اڄ منهنجيون سڀ خوشيون سڀ خواهشون مونکان جڻ رسي ڪنهن الڳ نامعلوم ماڳ ڏانهن وڃڻ واريون هيون ۽ آئون ڪجهه به نه پئي ڪري سگهيس سواءِ ڦٿڪڻ ۽ تڙپڻ جي.

اچانڪ اسٽيج سيڪريٽري گيت ڳائڻ لاءِ مونکي اسٽيج تي سڏيو هو، آئون چرڪ پري اسٽيج ڏانهن وڌڻ لڳو هئس. هر ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جون اکيون مون ڪي گهورڻ لڳيون آءٌ اسٽيج تي پهتو هئس ته ڪافي شاگردن تاڙيون وڄائي حوصلا افزائي ڪئي هئي ۽ پوءِ انهن تاڙين بعد سموري پنڊال ۾ خاموشي ڇانئجي وئي هئي. جڻ خاموشيءَ جو ڪوراڪاس پنڊال ۾ پهچي ويو هجي.

مرڪ ڏانهن ڏٺم مرڪ به مونکي ڏسڻ رهي هئي ان مرڪ کي پرکي هڪ گيت زبان تي اچي ويو هيو تاڙين جي گونج ۾ اهو گيت ڳائي پورو ڪيم هرڪو داد ڏئي رهيو هو ۽ هوءَ به مرڪي مرڪي تاڙيون وڄائي رهي هئي.

دل چيو ته ان کي وڃي چوان ته هوءَ نه مرڪي ان مرڪ ئي ته ڪڏهن مونکي موهيو هو، پر ائين نه ڪري سگهيو هئس.

هرڪو شاگرد هڪٻئي کان موڪلائي رهيو هو الوداعي فنڪشن ختم تي چڪو هو، ڪجهه ڪلاس فيلو مون ڏانهن به وڌي آيا هئا، هڪ چيو يار منصور اڄ ته واهه جو گيت ٻڌايئي اصل دل خوش تي وئي.

تڙپي پيو هئس ان جي اهڙن جملن تي ”توکي خوشي تي پر خبر ٿئي منهنجي دل تي ڇا گذريو؟“ دل ئي دل ۾ چيم.

اڃا دوستن سان گڏ بيٺو هئس ته هڪ ننڍڙي ڇوڪري پرسان اچي چيو اوهان کي باجي واريون سڏن ٿيون.

دوستن کان موڪلائي سامهون پنهنجي ڪلاس فيلوز ڇوڪرين ڏانهن ويو هئس، جن سان گڏ مرڪ به بيٺي هئي، پهريائين ته سيني ڇوڪرين بهترين گيت ڳائڻ جي مبارڪباد ڏني، ڏاڍي ساراهه ڪئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئائون منهنجي ان الوداعي پارٽي ۾ ڳايل الوداعي گيت جي.
هڪ ڇوڪريءَ چيو ”ادا ڏاڍو درديلو آواز اٿو شايد اوهان ڪي....؟“
”نه نه پيڻ، اهڙي ڪا به ڳالهه ناهي“نتائيندي چيو هيم.
”ڳالهه آهي ادا نه ته اوهان ۾ اهڙو دردليو آواز ! ۽ سو به الوداعي پارٽي تي ؟ ڳالهه آهي ادا؟
”ڏس ادا منصور اسان کي معاف ڪجو پنج سال گڏ پڙهيا آهيون، جي غلطيون هجن ته اسان کي معاف ڪجو.“
”نه نه ادي مون کي شرمنده نه ڪيو.“ هٿ ٻڌي انهن جي اڳيان بيٺو هئس جو مرڪ سري اچي منهنجي پرسان بيٺي هئي، ايترو ويجهو جو هن جي ساهن جو هٻڪاءُ محسوس ڪري رهيو هئس، مرڪي مون ڏانهن ڏٺو هئائين، اکين ۾ اهي ئي منظر هيس جيڪي هرروز ڪلاس روم جي ڊيسڪن تي ويهي هن جي اکين ۾ ڏسندو هيس، اکيون اکين جو تاب نه سهي سگهيون هيون، مرڪ به اکيون جهڪائي ڇڏيون هيون.
۽ پوءِ پنهنجي سندر آواز ۾ چيائين ”مونکي به معاف ڪجو جيڪڏهن مون اوهان جي دل آزاري ڪئي هجي يا مونکان ڪا غلطي ٿي هجي.“
هن ڏانهن اکيون کڻي ڏٺم، هوءَ به مونڏانهن ڏسي رهي هئي
”معاف ڪندو نه ادا منصور.......“
ادا........ادا.........ادا.........ادا جو لفظ منهنجي ذهن ۾ گونجڻ لڳو، پيرن هيٺان زمين نڪري وئي هئي ۽ هوءَ پنهنجي ساهيڙين سان گڏ ٿهڪ ڏيندي هلي وئي هئي، منهنجي ذهن ۾ ادا... ادا جا لفظ گونجندا رهيا.

*( ماهوار هالار ڊائجيسٽ اپريل 2003 جي شماري ۾ شايع ٿيل).*


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# قتل پاڳ، ٽتل چوڙيون

زندگيءَ جي ويهين سال ۾ داخل ٿي چڪو هئس، باقي خبر نه هئي ته زندگيءَ جا باقي ڪيترا ڏينهن يا سال وڃي رهيا آهن، زندگي به اچانڪ بيوفائي ڪندي آهي. ان وقت اچانڪ ٻانهن ۾ ٻڌل گھڙيءَ گھنٽي وڄائي هئي، شام جا پنج ٿي رهيا هئا. ان گھنٽيءَ سان گڏوگڏ منهنجي زندگيءُ جون گھڙيون ڪٽي ويون هيون.

آرس پيچي هڪ وڏي اوٻاسي ڏئي پڪو بند ڪري ڪمري مان نڪري سڌو چاچي مزن جي هوٽل تي اچي بيدمشڪ جي وڻ هيٺان اچي ويهي رهيو هئس، جو هوٽل تي بيٺل منهنجي ننڍڙي دوست سليم جنهن جو نالو مون پيار مجنهان جهرڪي رکيو هو پاٽيءَ جو جڳ اچي منهنجي سامهون رکيو هو.

”يار جهرڪي ! چاچي مزن کي چئو ڪا سٺي چانهه ناهي ڪجهه دماغ فريش ٿئي، مون چيو.

”حاضر واندا صاحب! ٻيو حڪم؟“ مون تي به ٺٺول ڪندي چيائين.

سليم مون کي واندا صاحب جي نانءُ سان مخاطب ٿيندو هو ۽ آءُ وري ان کي جهرڪي ڪري سڏ ڪندو هئس.

بيد مشڪ جي هيٺان وينو پرپرو رسٽي تان ايندڙ ويندڙ ماڻهن کي گهوريندي گهوريندي اچانڪ منهنجي نظر چيلهه تي گهڙو رکي مور جهڙي چال هلندڙ پنهنجي پاڙي واري روبينه تي وڃي پئي هئي اکيون تڪ ٻڌي روبينه کي گھوريندي رهيون هيون.

”اچي واندا صاحب! ڦتافت اسپيشل گرم گرم تازي چانهه“ جهرڪيءَ اڳيان چانهه جو ڪپ رکندي چيو هو.

”چا ڳالهه آهي واندا صاحب! اڄ ڀلا خاموش خاموش آهيو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طبيعت تہ ٺيڪ آهي نہ...“ مرڪندي چيو هئائين.
”ها يار جهرڪي آئون ٺيڪ آهيان بلڪل ٺيڪ آهيان“. مون وراڻيوهو.
چاچي مزن رڙ ڪري جهرڪي کي سڏ ڪيو هو. هو هليو ويو ۽ آءُ ڪوپ مان چانهہ جون چسڪيون پريندو روبينہ جو عڪس اکين ۾ سجائيندو رهيو هئس. نيٺ چانهہ جو ڪوپ خالي ٿي ويو ۽ روبينہ جو عڪس بہ اکين مان اڏامي ويو هو.
ڪيسي مان ڊينگلا ٿي روپيہ ڪڍي چاچي مزن کي ڏئي پنهنجي ڳوٺ جي ڳلين ۾ اجايو هيڏانهن هوڏانهن چڪر لڳائيندو پئي رهيس، فقط ان اميد سان تہ متان روبينہ جو ديدار ٿي وڃي ۽ پياسين اکين جي پياس پوري ٿي وڃي. روبينہ جنهن کي خيالن ئي خيالن ۾ پنهنجي زندگيءَ جو همسفر بڻائي چڏيو هيم، ان جو اخلاق ، ان جي سيرت، ان جي سونهن ۽ سوپيا کي ڏسي حيرت ٿيندي هئي. مون تہ ڳوٺ جي اڪثر ڇوڪرين کي مٿي اگهاڙو ڏٺو هيو پر روبينہ جي وارن کي ڪڏهن بہ رئي بنا نہ ڏٺو هيم ۽ ٻين ڇوڪرين جيان ڪڏهن بہ ان کي ميڪ اپ بہ ٿيل ڪونہ ڏٺو هيم، پر پوءِ بہ هوءَ سونهن ۾ سيني کان سرس ۽ سيرت ۾ سٺي هئي. سيني کان سرس بيحد سٺي ۽ سندر.
گهٽيءَ ۾ پٽڪندي رولو نظرون بہ پٽڪي رهيون هيون، پر روبينہ کي نہ ڏسي سگهيون هيون. سج بہ پنهنجي جوڀن جون گهڙيون لٽائي غائب ٿيڻ وارو هيو جو منهنجي سامهون ثمينہ اچي بيٺي هئي.
”ڪيئن آهين ذلفي؟“ مرڪندي پڇيائين... ان ويل بلڊ پريشر هاءِ ٿي ويو هو، اندر مان نہ چاڻ ڇو ثمينہ لاءِ غصي جو لاوو ابري اٿيو هو ، ڪاوڙ مان چيومانس: گهڻا دفعا چيو اٿمانءِ مونسان ائين کلي عام رستي تي نہ بيهي ڳالهائيندي ڪر ماڻهو ڇا چوندا اهو بہ ڪڏهن سوچيندي ڪر؟“
”ڇا ڪندا ماڻهو، ڇا وڃي انهن جو اسان جي وچ ۾ ذلفي انهن ماڻهن جو؟ آخر توهان مونسان سدائين ڪاوڙ مان ڇو ڳالهائيندا آهيو؟ ڪڏهن ڪڏهن تہ کلي ڳالهائيندا ڪريو ذلفي“ ڇڻ ميار


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيندي چيائين. ذلفي آخر آئون بہ توسان.....“

جملو پورو ئي نہ ڪيو هئائين تيزيءَ سان هن کان دور ٿي ويو هئس. ڪافي پرپرو وڃڻ ڪانپوءِ پوئتي هن ڏانهن ڏٺم ثمينہ مون ڏانهن اداس نيڻن جون اڻ ڪٿ نهارون کڻي نهاري رهي هئي.

ثمينہ جيڪا پهرين درجي کان وٺي مون سان گڏ زندگيءَ جا ڏهہ سال گڏ هڪ ئي اسڪول ۾ پڙهي هئي، هن جون شرارتون اڄ بہ منهنجي ذهن جي اسڪرين تي فيڊ ٿيل آهن ڪيئن نہ منهنجي ٽيلهي ۾ هوءِ رسيس مهل سوپاريون ٽافيون ۽ پيون شيون رکندي هئي. چوري، منهنجي ٿوري ڪاوڙ ۽ دڙڪن تي ڊيسڪ تي ويٺي اڪيلي اڪيلي پئي روئيندي هئي. الائي ڇو ان روئندڙ ۽ حساس ڇوڪريءَ کي منهنجي دل ڪڏهن بہ نہ قبوليو هيو ڪڏهن بہ نہ. جڏهن کان روبينہ سان اکڙيون اڙيون هيون، بس ذهن ۾ رڳو روبينہ جو چهرو ڇنڇجي ويو هو.

رات جو ماني کائي پين پنو کڻي روبينہ ڏانهن خط لکي دل جو اظهار ڪرڻ جو اٽل ارادو ڪري لفظ لکڻ ويٺو هئس، ڪافي دير تائين خط لکي ان کي پنهنجي کيسي ۾ لڪائي ڇڏيو هئم. پوءِ خبر ئي نہ پئي ننڊ اکين تي حاوي ٿي وئي هئي.

صبح جو امان ننڊ مان اٿاريو هو ”اٿ پٽ ذلفي اٿ! تنڌ ۾ وڃي شهر مان سيڌو سامان وٺي اچ.“

ڇرڪ نڪري ويو هو ”شهر ، اڙي مونکي تہ واقعي اڄ شهر وڃڻو آهي، منصور سان بہ واعدو ڪيو هئم تہ آچر ڏهاڙي آءُ ضرور ايندس.

جلديءَ ۾ نيرن ڪري امڙ کان پيسا وٺي بس اسٽاپ ڏانهن پئي آيس جو سامهون ثمينہ نظر آئي، ان کان نٽائڻ لاءِ گهٽي مٿايم پر هوءَ بہ منهنجو اڳ وٺي بلڪل سامهون اچي بيٺي.

”سائين جن جي شهر تياري آ، ائين نہ؟“ مرڪندي چيائين.

”ها تياري آ تنهنجو ڪهڙو ڪم؟ جيڏي ڪيڏي مهل ٽيڙا ڏند بنا ليول جي ڪڍيو بيٺي آهين.“ منهنجي ٽوڪ ڪرڻ تي اداس ٿي وئي. مرڪڻ وسري ويو هئس.

دل ۾ پڪي ڪندي چيائين ”ذلفي شهر مان مون لاءِ چوڙيون تہ وٺيو اچجانءِ.“

”چوڙيون سويہ تولاءِ، نہ بابا نہ آءٌ تہ چوڙيون ڪنهن ٻئي لاءِ وٺندس سويہ ضرور.“ ائين چئي اچي بس اسٽاپ تي هلندڙ بس ۾ چڙهيو هئس. هيڏانهن هوڏانهن ڏٺم جو منهنجي نظر اجرڪ جي ڦلڙين ۾ ويڙهيل روبينہ جي سندر چهري تي پئي، پرسان سندس ماءُ ۽ ننڍو ڀاءُ ويٺا هئا، آءٌ بہ انهن جي پرسان خالي پيل سيٽ تي ويٺس، دل ڌڪڪي رهي هئي بار بار اکيون روبينہ ڏانهن کڄي پئي ويون، پر هوءَ ڪنڌ جهڪايو ويٺي هئي، مون دل ئي دل ۾ ڏاڍيون دعائون گهريون تہ هوءَ هڪ ڀيرو مونڏانهن ڏسي تہ سهي صرف هڪ ڀيرو، اها دعا منهنجي اگهامي وئي هئي، نيڻ نيڻن سان ٽڪرجي پيا، ڪن پل لاءِ وقت ۽ زماني جي خبر ئي نہ پئي نيٺ بس جي زوردار بريڪ لڳڻ تي هڪ جهٽڪو لڳو ۽ روبينہ اکيون جهڪائي ڇڏيون. روبينہ لاءِ لکيل پيار سان ڀريل خط کيسي ۾ پيو هو، خبر ئي نہ پئي هئي بس اچي شهر جي اسٽاپ تي بيٺي هئي. بس مان لهي پرپرو ٿي بيٺو هئس، روبينہ بہ لٿي هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳي، مون تي نظر پوندي ئي مرڪي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيائين ”رڪشا جي زوردار آواز تي سرهين يادن جي پاتال مان ڇرڪ ڀري ٻاهر نڪري آيو هئس، ڏٺم روبينہ وارا رڪشي تي وڃي رهيا هئا، روبينہ پويان ڏسي رهي هئي، ازخود منهنجو هٿ هوا ۾ بلند ٿي ويو ۽ روبينہ کي الوداع ڪيو هئم. زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو من ۾ ڪنهن جي اوسيئڙي جي تڙپ سمائجي وئي هئي، اکيون بہ هاڻ ڪنهن لاءِ هرپل اتاوليون رهڻ لڳيون هيون، جيءُ بہ ڪنهن جي يادن ۾ گم رهڻ لڳو هو. آءٌ روبينہ جي يادن جي اڻ ڪٿ مجموعي کي اندر ۾ سهيڙي بازار ڏانهن وڌڻ لڳس ۽ نيٺ ان يادن جي مجموعي کي دل ۾ دفن ڪري سامهون ويٺل ٻچپن جي دوست منصور جي وڃي سيني سان لڳو هئس. ڪيڏو نہ سڪون مليو هو، اطمينان مليو هو منصور سان ملندي. واقعي سچي دوستي ۽ سچو دوست قدرت جي سڀ کان وڏي نعمت آهي، اها نعمت مونکي منصور جي روپ ۾ ملي هئي. جنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي من ۾ مون لاءِ بي انتها خلوص ۽ پنهجائپ جا چوليون هڻندڙ رشتا سمايل هئا.

”ڪيئن آهين ذلفي؟“ حال پڇندي چيائين.

”ٺيڪ دوست بلڪل ٺيڪ.“ مرڪندي چيومانس، ”تون ڪيئن آهين منصور؟“

”دوست آءُ بلڪل ٺيڪ آهيان.“ اداسيءَ مان چيائين.

”يلا هوءَ تنهنجي جويريا ڪيئن آهي؟“ شرارتي انداز مان پڇيومانس.

منصور جويريا جو نالو ٻڌندي ئي ٿڌو ساهه کنيو هو، مونکي منصور جي اکين ۾ اداسائي جا اڻ کٽ پاڇا نظر آيا هئا. اکيون کٽي گهوريندي چيائين ”ذلفي اڄڪلهه جي محبت الائي ڇو ڪوڪلي بڻجي وئي آهي.“

ذلفي ! جنهن ڇوڪريءَ جو عڪس منهنجيون هي اکڙيون پنهنجي اندر سجائي رکنديون هيون، اها ڇوڪري اڄ هنن اکڙين اندر ناهي رهي دوست ! جيڪا ڇوڪري سر قربان ڪرڻ جون ڳالهيون ڪندي هئي، اها هن دنيا جا عيش آرام بنگلا، ايئرڪنڊيشنر ۽ وڏيون وڏيون گاڏيون ڏسي سڀ ناتا ۽ رشتا هڪ پل ۾ ٽوڙي هلي وئي. يلا آءُ ننڍو دڪاندار هن کي ڇا ڏيان ها؟“ ڏٺم منصور جي اکين ۾ لڙڪن جون بوندون تري آيون هيون. ڪن پل جي خاموشيءَ ڪانپوءِ چيائين ”ذلفي ! اها جويريا هينئر مسز جميل بڻجي وئي آهي! خير ڇڏ انهن ڳالهين کي ڳوٺ جا حال احوال ڏي ڪيئن ٿو اتي وقت گذري؟“ منصور ڳالهه مٽائيندي چيو هو.

”ڏاڍو سٺو منصور ڏاڍو سٺو، پر يار منصور جويريا ايڏو دوکو ڪري وئي ايڏو وڏو دوکو، ها ! هوءَ به اڄڪلهه جون شهري فيشن ايبل ڇوڪريون ڪنهن ڏينهن ڪنهن سان ته وري ڪنهن ڏينهن...!“ مون چيو هو.

دڪان تي گراهڪ آيا هئا منصور انهن کي سامان ڏيڻ ۾ محو ٿي ويو هو. آئون پرپرو شوڪيس ۾ سجايل رنگ برنگي چوڙيون ڏسي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو هئس، منصور واندو ٿي اچي پرسان ويٺو، چيائين ”ڇا ٿو ڏسين ذلفي؟“

”هان!“ ڇرڪ ڀري چوڙين تان نظرون هٽايم، ”منصور ڏس هو چوڙيون ڪيڏيون نه سندر آهن.“ چوڙين ڏانهن اشارو ڪندي چيومانس.

”ها دوست! واقعي ڏاڍيون سندر چوڙيون آهن، اهي چوڙيون ان ڀهراڙيءَ جي وفادار ناريءَ جي ٻانهن ۾ ڏاڍيون ٺهنديون.“ منصور چيو هو.

”منصور ڪڏهن جويريا کي تو چوڙيون تحفي ۾ ڏنيون ۽ جي ڏنيون ته انهن چوڙين جي ڪنڪ توکي ڪيئن لڳندي هئي“ پڇيوهومانس.

”ها ذلفي! هڪ دفعو چوڙيون ڪٽي ويو هئس، بلڪل ساديون ڪائي واريون چوڙيون. جويريا وٺي رکي ٻانهون اهي چوڙيون ڪڏهن به ٻانهن ۾ نه پاتيون هئائين. شايد هن جون چوڙيون شيشي جي چوڙين بدران سون جي چوڙين جون خواهشمند هيون، تنهن ڪري انهن چوڙين جي ڪنڪ به نه ٻڌي سگهيو هئس، ”خبر اٿئي دوست هوءَ هڪ ڏينهن ٽاڪ منجهند جو هتي آئي هئي، هٿن ۾ اهو ساڳيو چوڙين جو پاڪيٽ هئس، اهو پاڪيٽ واپس ڏيندي چيوهئائين، ”مسٽر منصور! هيءَ اوهان جي مون وٽ سستي امانت پيل هئي ۽ ها آئنده ڪڏهن به مونسان ملڻ جي ڪوشش نه ڪجانءِ.“ ان ويل جيءُ جهري پيو، وڏي جويريا جي ٻانهن ۾ هٿ وڌو هيم، پڇيومانس ”جويريا منهنجو ڪو ڏوهه ڪو قصور؟“ ٻانهن ڇڏائيندي چيائين ”آءٌ جويريا نه پر مسز جويريا جميل آهيان، اهو جميل جيڪو ڪارن جو وڏو ڊيلر آهي.“ ائين چئي هوءَ سامهون بيٺل ڪار ۾ چڙهي هلي وئي، وري اڄ تائين نظر ناهي آئي.“

ڏٺم منصور جي اکڙين ۾ لڙڪ تري آيا هئا، آٿت ڏيندي چيومانس دوست ڀلائي ڇڏ جويريا کي، ڪنهن غريب گهراڻي جي ڪا سٺي ڇوڪري ڏسي شادي ڪري ڇڏ!“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ها ذلفي ائين ئي ڪيو اٿم.“ ڪنڌ جهڪائيندي اکڙين ۾ تري آيل ڳوڙها هٿ جي ترين سان اگهندي چيائين.

”ائين ئي ڪيو اٿئي! ڇا مطلب آ تنهجو؟“ پڇيو هومانس.

”ها جويريا جي ڇڏي وڃڻ کان مهينو بعد مون هن شهر ۾ هڪ گل وڪڻندڙ غريب ڇوڪريءَ سان شادي ڪري ڇڏي آ. جنهن جو هن دنيا ۾ ڪوبہ نہ هو. ذلفي! ان گل وڪندڙ ڇوڪريءَ ايڏا تہ احسان ڪيا آهن مون تي جو زندگيءَ کي جيئڻ جو حوصلو مليو. نہ تہ دوست منهنجي زندگيءَ جو هي ڏيئو ڪڏهوڪو اجهامي چڪو هجي ها.“

تو شادي ڪري ڇڏي ٻڌايئي بہ نہ. واهہ جو دوستي نڀائي اٿئي دوست. مان بہ تہ تنهنجو پنهنجو هيس مون کي بہ وساري ڇڏيئي.“ چڻ ميار ڏيندي چيومانس.

”ڏس ذلفي! واقعي آءٌ سنگت ۾ تنهنجو مياري آهيان. پر ڇا ڪيان ها حالتون ئي ڪجهہ اهڙيون بڻجي ويون هيون جو پنهنجي شاديءَ ۾ ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڪري سگهيو هئس.“ منصور چڻ صفائي پيش ڪندي چيو هو.

دڪان تي ننڍڙو ٻالڪ ماني کڻي آيو هو. منصور ماني وٺي رکي ڇڏي هئي. ٻئي خاموش ٿي ويناهئاسين.

نيٺ خاموشيءَ کي ٽوڙيندي منصور چيو هو ”ذلفي! اڄ ماني کائون.“

”ڪونہ کائيندس آءٌ تنهنجي ماني منصور.“ ڪاوڙمان چيومانس. اٿي مون ڏانهن آيو هو اداس ٿيندي چيائين ذلفي! جيڪڏهن تون بہ ڪاوڙجي وئين تہ منهنجي زندگي جو هڪ ٻيو سهارو بہ کسجي ويندو.

”انهن لفظن تي جيءُ جهري پيو اٿي ڀاڪر ۾ پري ورتومانس ٻئي روئي پيا هئاسين. چيومانس منصور ائين نہ چئو مون توسان ڪڏهن ڪاوڙ گهڻو وقت ڪئي آهي ڇا؟“

”ڇڱو هاڻي ماني کاءُ“ مرڪندي چيائين.

”ذلفي پلا ڏي خبر پاڻ لاءِ بہ ڪا ڇوڪري ڳولي اٿئي يا ...؟

ماني کائيندي کائيندي منصور پڇيو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ها دوست! مون بہ هڪ سندري سان نينهن جا ناتا جوڙيا آهن.“
ٽڏو ساهہ پريندي چيومانس.
”ناتا جوڙيا اٿئي يا جڙي ويا آهن ؟“ گهوريندي چيائين
”جڙي ويا آهن دوست!“
”ذلفي ناتا ٻنهي پاسن ڏانهن جڙيل آهن يا رڳو تون...؟“
”نہ دوست مون کي تہ سئو سيڪڙو يقين آ تہ منهنجي لاءِ هن جي دل ۾ جاءِ آهي.“ چيو هئم.
”رڳو جاءِ معني! تہ اجا اظهار جون سرحدون بہ نہ اورانگهي سگهيو آهين.“
”ها دوست! بس ان اظهار جي سرحد جي بلڪل ويجهو پهچي ويو آهيان، بس هڪ موقعي جي تلاش ۾ آهيان.“
”جلدي ڪر ذلفي ! ڪٿي موقعي جي تلاش ۾ اظهار جي سرحد بہ اورانگهي نہ سگهين.“
”بس منصور يار دعا ڪر صرف هڪ ڀيرو هوءَ ڪٿي اڪيلي ملي وڃي.“ ٽڏو ساهہ پريندي چيومانس.
”هئي ڙي قسمت هئي، الائي ڪيسيتائين منهنجي دوست کي ٽڏا ساهہ پرائيندينءَ“ منصور ٽهڪ ڏيندي چيو.
ماني کاڌم، هٿ ڌوئڻ لاءِ دڪان کان ٻاهر نڪتم، نگاهون وري انهن رنگ برنگي چوڙين تي وڃي اٽڪيون هيون، هٿ ڌوئي انهن چوڙين واري شوڪيس تي اچي بيٺو هئس مختلف رنگ بگ رنگي چوڙين جا بہ ٻزن ورتا هئم پنهنجي روبينہ جي لاءِ.
”اچا تہ سائينجن ڪنهن لاءِ تحفو بہ ورتو آهي؟“ منصور پنن ۾ ويڙهيل چوڙين ڏانهن ڏسندي چيو هو.
مرڪندي چوڙيون ٿيلهي ۾ وجهي چڏيون هئم، آهستي آهستي گهر جو سمورو سيڏو سامان وٺي ڪم ڪار کان آجو ٿيو هئس، گهڙيءَ تي ڏنم ڳوٺ ڏانهن وڃڻ واري بس ۾ اجا ڏيڍ ڪلاڪ باقي هئو، منصور سان ڳالهين ئي ڳالهين ۾ ڪلاڪ گذري ويو هو.
”اٿندي منصور کي چيم ”چڱو منصور آءُ هلان ٿو.“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هلان ٿو ڪاڏي ٿو هلين جلدي؟ رات رهڻي پوندئي بابا منهنجي شادي جي دعوت ڪاٽي اٿئي رات“ منصور ٻانهن مان جهلي ويهاريندي چيو هو.

”ڏس منصور مون امان کي چيو هو اڄ ئي واپس ايندس، امڙ اوسيئڙي ۾ هوندي. تنهنجي دعوت جلد کائبي پر پهرين توکي ڏنڊ ۾ منهنجي شاديءَ جي دعوت کائڻي پوندي.“ چيومانس.

”تنهنجي شاديءَ جي دعوت.... “عجب کائيندي چيائين.

”ها دوست منهنجي شاديءَ جي دعوت، آءٌ پوءِ تنهنجي شادي جي دعوت کائيندس، چڱو آءٌ هلان ٿو.“ چيومانس.

ٻاڪر ۾ ڀريندي منصور چيو ”ذلفي! ڏس شاديءَ جي خوشيءَ ۾ مونکي وساري نہ ويهجانءِ، يار مان تہ تنهنجو مياري آهيان متان...“

”نہ منصور نہ دوستيءَ ۾ ليڪا ٿورئي ڪبا آهن.“

”چڱو منصور خدا حافظ.“ سامان رڪشا تي رکندي چيم.

”خداحافظ ذلفي ! هٿ لوڏي آخر ۾ الوداع ڪيو هئائين.

رڪشا زوزات ڪندي اچي بس اسٽاپ تي اچي بيٺي. سامان بس تي رکي ويٺس مس جو، بس بہ هلڻ لڳي. درياءَ ڪان شام جي پهر جي ٿڌي هوا ۾ روبينہ جي يادن جو وهڪرو ان ويل چرڪ ڀري ويٺس جڏهن بس جي منشيءَ ڪلهي تي هٿ رکي ڪرايو گهريو هو. ڪرايو ڏئي ٻيهر سوچن ۾ وڃائجي ويو هئس. منصور ۽ جويريا جو قصو اکين آڏو تري آيو هو.

”خيال آيو ڪٿي روبينہ بہ...!“

”نہ نہ روبينہ اهڙي نہ آهي، هوءَ ٻهراڙيءَ جي سچي سباجهڙي ڇوڪري آهي، هوءَ ائين نہ ڪندي.“

”متان روبينہ جي محبت جو انڪار....“

”نہ نہ... روبينہ جي اکين ۾ تہ منهنجي لاءِ پيار جو ساگر ڇوليون ٿو هڻي، هوءَ ائين نہ ٿي ڪري سگهي.“

”ڪٿي هن جا ماءُ پيءُ ملڻ تي ڪاوڙجن...“

نہ ڄاڻ ذهن ڇا ڇا سوچي رهيو هو. سوچيندي سوچيندي ڳوٺ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سرحدن ۾ اچي پهتو هئس.

سامان بس تان لاهي ڪلهي تي رکيو هئم، سج به الهي چڪو هو، اڃا گهر جي دروازي تي مس پهتو هيس جو ثمينه سامهون اچي بيٺي.

”ذلفي ! چوڙيون آندئي.“ گهوريندي پڇيائين.

”ها ! آنديون اٿم چوڙيون“ چيومانس.

”آنديون اٿئي سچ ! خوش ٿيندي ٿيلهي ۾ هٿ وڌائين.

”ها آنديون اٿم پر تولاءِ نه.“

”مون لاءِ نه...“ مايوس ٿيندي چيائين.

”ها ها تولاءِ نه پر...“

”چپ چو ٿي وئين ذلفي ٻڌاءِ نه مون لاءِ نه ته ٻيو ڪنهن جي لاءِ آنديون اٿئي چوڙيون؟“ چيائين

”ڪنهن کي ٻڌائيندين ءَ نه ثمينه ؟“

”تنهنجو قسم ذلفي !“

”ثمينه هي چوڙيون روبينه جي لاءِ آهن، روبينه جي لاءِ مان هن سان بي انتها پيار ڪندو آهيان.“ چيومانس.

اکين ۾ لڙڪ تري آيس، روئڻهارڪي لهجي ۾ چيائين ”ڏاڍو ڀاڳ وارو آهين ذلفي جو روبينه جهڙي....“ اڳتي نه چئي سگهي هئي، ۽ پوءِ رئو وات تي ڏيندي هلي وئي هئي.

امان منهنجي اوسيئڙي ۾ ويٺي هئي ”اچي وئين نه پٽ سامان هٿن مان وٺندي چيائين.

ها امان اچي ويس، کٽ تي ويهندي چيم.

اچانڪ چرڪ نڪري ويو، چوڙيون ٿيلهي ۾... ٿيلهو امان وٽ...“

”پٽ ذلفي ! چئبو ته هاڻ ماءُ کان به ڳالهيون لڪائڻ لڳو آهين نه ... امان اهي چوڙيون ٿيلهي مان ڪڍي ان چوڙين واري ٿيلهي کي ڏسندي چيو.

”نه امان نه توکان ڳالهه سو به آءٌ لڪايان، ائين ٿي ئي نه ٿو سگهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امان...“ مون وراڻيو

”پوءِ هي چوڙيون ...“ امان چوڙين ڏانهن اشارو ڪندي چيو

چوري پڪڙجي پئي هئي، ٺٺائيندي چيم امان اهي چوڙيون...!“

”ها هي چوڙيون ڇاهه ڪوڙ... سچي ٻڌاءِ ڪنهن لاءِ ورتيون اٿئي چوڙيون؟“ امڙ ڪن مان وٺندي چيو.

”امان .. امان... امان . . .“

”ها ٻڌاءِ ٻڌاءِ ڪجهه ٻڌائيندين يا رڳو امان... امان...“

”امان امان هوءَ آهي نه اسان جي پاڙي جي ڇوڪري...رو... روبينه آئون ان کي پسند ڪندو آهيان.“ اکيون بند ڪري امان کي چيو هئم.

”ايڏي وڏي ڳالهه مونکان لڪايون وينو آهين ذلفي ! بس آءُ سياڻي ئي تنهنجو بندوبست ٿي ڪريان.“ امان چيو

”بندوبست منهجو... !“

”ها تنهنجو تنهنجي لاءِ سياڻي ئي روبينه جي ماءُ پيءُ سان ڳالهايان ٿي.“

”سچ امان...“ خوشيءَ مان چيو هئم.

”ها پٽ ! تنهنجي خوشي منهنجي خوشي !“

خوشيءَ مان ٻاهر نڪري آيو هئس، ۽ چاچي مزن جي هوٽل تي کليل آسمان هيٺان پيل بينچ تي ويهي رهيو هئس. سامهون بينچ تي جهرڪي وينو هو. اڪيلو اڪيلو پر اداس.

”دوست جهرڪي ڇا ڳالهه آ ڪاوڙيو وينو آهين“ پڇيومانس.

”ادا ذلفي ! ادا ذلفي!“

”ادا ذلفي ! تنهنجي واتان.“ چيڙائيندي چيومانس.

”ڏس ادا ذلفي آءُ مذاق جي موڊ ۾ بلڪل ناهيان.“ منهن سڄائيندي چيائين.

ادا ذلفي ڪالهه بابي ڏاڍو ماريو آ مونکي...“ ائين چئي جهرڪي سڏڪڻ لڳو.

واقعي هن جي اکين مان لڙڪن جون لارون ٿمڻ لڳيون. منهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندر ۾ ڪهڪاءُ پيدا ٿيو هن جي روئڻ تي.
”چو سليم چاتان توکي پيءُ ماريو آ؟“ متي تي هٿ ڦيرائيندي چيومانس.
”ادا ذلفي ڪالهه هوٽل جي تاريخ جا پئسا ننڍي اديءَ کي ڪتابن لاءِ ڏنا هئم ان تان...!“
اکين ۾ اداسائي جا اٽانگا پاڇا هيس
”هوٽل جي تاريخ مان ڪتابن جا پئسا، پنهنجي پيٽ خاطر مار کائڻ...“ سليم جي سوچ تي تعجب وٺي ويو هو.
”سليم تون وڏيڪ پريشان نه ٿي سياڻي ٿيڻ ڏي مان تنهنجي پيءُ کي سمجهائيندس ٺيڪ آ...“ آٿت ڏيندي چيومانس.
”نه نه ادا ذلفي بابا کي ڪجهه نه چئجان هو رهندو ئي ماريندو.“ سليم چيو.
”چو ماريندو سليم توکي تنهنجو پيءُ.“
ادا بابو موالي آ نشو ڪندو آ هو، هوٽل جي اڌ تاريخ روزانو هن کي نه ڏيندس ته ماريندو آ هو مونکي.
”سليم تون پڙهين چو نه ٿو؟“ سليم کان سوال ڪيم.
”ڪيئن پڙهان ادا ! جي هوٽل جو ڪم نه ڪندس ته ادي ڪيئن پڙهندي؟ گهر ۾ ڪائينداسين ڇا؟“ ڪنڌ جهڪائيندي بيوسيءَ مان چيائين.
ننڍڙي سليم جي انهن سوالن جا جواب مون بيروزگار فرد وٽ به نه هئا. سليم کن پل پيرن جي آڱوٺي سان زمين کي کوٽيندو رهيو ۽ پوءِ چاچي مزن جي آواز تي چرڪ پري تيزيءَ سان هليو ويو هو ۽ آءُ سليم جي قسمت کي ميار ڏيڻ کانسواءِ ڪجهه نه ڪري سگهيو هئس. من اندران هڪ ٿڌو ساهه نڪري ويو هو. اونداهي به چوطرف ڦهلجي وئي هئي، گهر اچي ماني جا به ٽي گرهه هٽي سمهي پيو هئس. سليم جي اکين مان لڙڪن جون لارون ۽ سندس معصوم چهرو ذهن تي تري آيو ۽ پوءِ سوچيندي سوچيندي نه ڄاڻ ڪيڏي مهل ننڊ آغوش ۾ آهلائي ڇڏيو هو..

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صبح جو سوير اٽي روبينہ جي دروازي تي اچي بيٺو هئس، در کي تالو لڳل هو. صبح سان من ۾ مايوسيون سهيڙي واپس گهر آيو هئس.

”ڪڏهن ايندا روبينہ وارا ! اڄ ايندا“ دل ۾ خيال آيو هو. اڄا روبينہ جي انهن يادن ۾ مس الجهيو هئس جو امڙ سڏ ڪيو هو

”پٽ ذلفي ! هي دڪان تان مساڳ تہ وٺي اچ“ امڙ پنج روپيہ ڏيندي چيو هو.

پنج روپيہ وٺي ٻاهر آيو هئس، اڃا دڪان ڏانهن قدم مس وڌايم تہ سامهون ثمينہ اچي رهي هئي. مون کي ڏسندي ئي ڪنڌ جهڪائي پرسان گذري وئي هئي، آئون ان کي ڏسندو رهجي ويو هئس. مساڳ وٺي امڙ کي ڏئي چاچي مزن جي هوٽل تي اچي ويٺو هئس، سامهون جهرڪي ”سليم“ ويٺو هو. ڪيڪاريندي چيومانس ڪيئن آهين جهرڪي !“

چيائين ”ٺيڪ آهيان ادا ذلفي!“

”اڙي هاڻي تنهنجي زبان تي ادا ذلفي ڪيئن اچي ويو، واندو صاحب وسري ويئي ڇا؟“ چيومانس.

”ها ادا ذلفي هاڻي آءٌ اوهان کي واندو صاحب ڪڏهن بہ نہ سڏيندس.“

”ڇو؟“

”ادي ٻڌايو هو تہ وڏن جو ادب ڪرڻ گهرجي، اوهان مونکان وڏا آهيو نہ“.

”اڙي جهرڪي مذاق...!“

”نہ ادا ذلفي ! آئنده آءٌ اوهان سان مذاق نہ ڪندس.“ آهستگيءَ سان چيائين.

مون کي سليم جي اهڙن لفظن تي ڪيڏي نہ خوشي ٿي هئي، سڏي پنهنجي ڀر ۾ ويهاريندي چيومانس ”سليم تون ڏاڍو سٺو نينگر آهين.“

مرڪندي پرمان اٿي ويو هيو ۽ آءٌ هن کي ڏسندو رهيو هئس.

اڃا انهن ئي سوچن ۾ هئس جو چاچي مزن اچي هڪ خاڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفافو ڏيندي چيو هو ”ذلفي ! هي تنهنجو خط اج ٽپالي ڏئي ويو اٿئي !“

لفافي کي اٿلائي پٿلائي ڏٺم، پنج مهينا اڳ هڪ ڊپارٽمنٽ ۾ انٽرويو ڏنو هئم، انهن طرفان آفر ليٽر آيو هو ”خوشيءَ مان ٽپ ڏيندو گهر ڏانهن ڊوڙندو پئي ويس جو ثمينہ نظر آئي، خوشيءَ مان ثمينہ ڏانهن ويس لفافو ڏيکاريندي چيومانس ”ثمينہ ڏس مونکي نوڪري ملي وئي“ هي ڏس آفر ليٽر.“

اداسيءَ کي ٽوڙيندي خوشيءَ مان اهو آفر ليٽر پنهنجي هٿن ۾ وٺي پڙهڻ لڳي، پڙهڻ کانپوءِ چيائين ”ذلفي مبارڪ هجئي نوڪريءَ جي شال سدائين خوشيون ماڻين !“

ائين چئي ثمينہ هلي وئي هئي، آئون ڊوڙندو امان وٽ آيو هئس ”امان او امان! امان ڏس اج تنهنجا سمورا خواب حقيقت بڻجي ويا، امان اج تنهجيون دعائون اگهامي ويون.“

”چا ٿيو ذلفي ڏاڍو خوش پيو نظر اچين پٽ..؟ امان حيرت مان پڇيو.

”ها امان آهي ئي خوشي جهڙي ڳالهہ نہ !“

”خوشيءَ جهڙي ڳالهہ آهي تہ ٻڌاءِ نہ !“ امان انتظار جي ڪيفيت کي برداشت نہ ڪندي چيو.

”امان پوءِ اورتي اچ نہ!“

امان اچي پرسان بيٺي هئي ”چاهي؟“

امان جي پيرن تي هٿ رکي ٻڌايم ”امان او امان ! هي ڏس مونکي نوڪري ملي وئي، تنهنجي دعائن سان!“

”سچ پٽ ! امان خوشيءَ مان چيو.

”ها امان بلڪل خالص سچ...“

امان جي اکين ۾ خوشيءَ مان ڳوڙها تري آيا، پاڪر ۾ پيري ڪوڙ ساريون منيون ڏنيون هئائين.

”ها ذلفي پٽ ! اج منهنجا سپ سپنا ساپيان ٿي ويا آهن، بس باقي هڪ سپنو ساپيان ٿئي.“ امان چيو

”هڪ سپنو! ڪهڙو امان...؟“ گهوريندي پڇيومانس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”بس پٽ اهو ئي تہ تنهنجي هٿن تي ميندي، منهن تي موڙ ۽ توکي روبينہ سان لائون لهندي ڏسان...“ امان وراڻيو.
”امان اهو سپنو تہ تنهنجي هٿ ۾ آهي جڏهن ساپيان ڪرين پنهنجي مرضي سان“... مون چيو.
”ها پٽ اچڻ ڏي روبينہ وارن کي اهو سپنو بہ جلد ساپيان ٿيندو.
”ٺن ڏينهن ڪانپور ۾ شهر نوڪري جوائن ڪرڻي هئي، هر روز روبينہ جي راهن ۾ اکيون وڇايل هونديون هيون تہ ڪڏهن ٿي هوءَ واپس اچي، پر ٻن ڏينهن واري شام بہ الهي وئي هئي، هوءَ ڪونہ آئي هئي، اداس ٿي ويو هئس، ثمينہ ملي هئي رستي ۾ ”ثمينہ او ثمينہ“ سڏ ڪندي چيومانس.
قدم رڪجي ويا هئس.
”چو ذلفي اڄ پلجي ڪيئن ياد ڪيو اٿئي ؟ پهريان تہ ڪڏهن بہ...“
”ثمينہ تو ۾ هڪ ڪم آ ڏس سياڻي آئون نوڪري تي شهر هليو ويندس، هڪ امانت آ روبينہ وٽ پهچائيندينءَ؟“ چيومانس.
ڪنڌ جهڪي ويس، خاموش ٿي وئي هئي. ”ٻڌاءِ نہ ثمينہ!“ ڏس تون منهنجي سٺي دوست آهين، سڀ ڪان سٺي دوست ٻڌاءِ نہ ثمينہ!“
”ها ها ذلفي ضرور پچائيندس!“ آهستگيءَ سان چيائين.
”سچ ثمينہ!“
”ها ذلفي! بلڪل سچ آ۽ تنهنجي امانت ضرور پهچائيندس.“
جلدي ۾ گهر ڏانهن ڊوڙيس، پني ۾ ويڙهيل چوڙيون ڪٽي اچي ثمينہ جي هٿن تي رکيون هئم.
”هي ڇاهي ذلفي !“ پنن ۾ بند چوڙين کي گهوريندي چيائين.
”روبينہ لاءِ چوڙيون آهن!“
ڏنم ثمينہ جي گهرين اکين جي ڪتورين ۾ لڙڪن جون لارون تري آيون هيون، هيٺي لهجي ۾ چيائين ”ذلفي آئون هي امانت روبينہ تائين ضرور پهچائيندس، ضرور پهچائيندس!“
”ثمينہ شهر مان تولاءِ ڪجهہ آڻيان ؟“ گهوريندي پڇيومانس.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين ”نہ ذلفي! مون پنهنجي خواهشن کي ماري ڇڏيو آهي، هميشہ جي لاءِ....“

”ڇو ثمينہ خواهشن تنهنجو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو!؟“ پڇيومانس.

”ذلفي! خواهشون تہ ان جون پوريون ٿينديون آهن جن جي قسمت سٺي هوندي آهي، منهنجو تہ ڀاڳ ئي ڦٽل آهي....!“ ائين چئي هلي وئي ۽ آءٌ هن کي ڏسندو رهجي ويس.

وقت جون گهڙيون نہ ڄاڻ ڪيئن ڪن پل ۾ گذري ويون، آءٌ بہ ٽيلهوڪٽي امڙ کان موڪلائي بس اسٽاپ تي آيو هئس، ڏٺم ثمينہ پنهنجي گهر جي دروازي کان چوري چوري ڏسي وري لڪي پئي وئي.

امڙ، روبينہ، ثمينہ ۽ سليم جهڙن رشتن کان دور ٿيندو پئي ويس، سليم اسٽاپ تي مليو، دعائون ڏيندي چيائين ”ادا ذلفي اسان کي وساري نہ ڇڏجانءِ.“

ڳلن تي ٿڦڪي هڻندي چيومانس ”سليم ازلي رشتا بہ ڀلا ڪو وساريندو آهي ڇا؟“

بس اچي وئي هئي، ڳوٺ جي ڳلين تي نظر ڦيرائي سوار ٿيو هئس بس تي. من الائي ڇو منجهندو پئي ويو، جيئن جيئن ڳوٺ کان دور ٿيندو پئي ويس.

ڊيوٽي جوائن ڪندي هفتو گذري ويو هو، ماحول اوپرو اوپرو هو، پوءِ بہ آفيس جي هڪ هڪ شيءِ کي گهوريندو وقت گذاري ڇڏيندو هئس.

شهر ۾ اڪيلو اڪيلو موڪل ڪانپوءِ پٽڪندو وتندو هئس، شهر جي آزاد فضا جي نوخيز نارين جا ٿهڪ انهن جي جسم تي سنها سنها بلڪل سوڙها ڪپڙا ڏسي انهن جا وڏا وڏا وار هوائن ۾ لهرائيندو ڏسي هر شام روبينہ جي ياد سان گڏجي الهي ويندي هئي ۽ پوءِ نئين صبح، هڪ نئون سج، ان نئين صبح ۾ آفيس ۽ آفيس جو ڪم ۽ پوءِ ٻيهر هڪ نئين شام ۽ روبينہ جي يادن جو جهونڪو، تصور ۾ روبينہ سان گڏ گهمڻ ڦرڻ، ڇڙواڳ ٿهڪ ڏيڻ، رسڻ پرچڻ پر صرف اهو تصور ئي هوندو هو صرف تصور.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻن مهينن ڪانپوءِ آفيس مان ٻن مهينن جون پگهارون ۽ ٻن هفتن جي موڪل ملي وئي هئي، ڪوڙ ساريون سوڪڙيون وٺي خوش خوش ڳوٺ واري اسٽاپ تي آيو هيس.

اسٽاپ تي لهندي ئي سامهون سليم تي نظر پئي ، مون کي ڏسندي ڊوڙندو آيو، سليم کي ڀاڪر ۾ ڀري ورتم "ڪيئن آهين سليم؟"

"بلڪل خوش باش؟ ادا ذلفي توهان ٻڌايو توهان ڪيئن آهيو؟" سليم گهوريندي چيو.

آئون بہ بلڪل ٺيڪ آهيان تو جيان سليم." مرڪندي چيومانس.

"سليم آئون پوءِ اچان ٿو لاڳيتو ويهي ڪچهري ٿا ڪريون."

يلي ادا ذلفي! هينئر هوٽل جو ڪم بہ تمام گهڻو آهي، ائين بهتر رهندو." سليم چيو.

من ۾ خوشيءَ جو عجيب جهونڪو آيو ڄڻ خوشيءَ مان ذري گهٽ بيهوش ٿيڻ وارو هيس، روبينہ جي گهر جو دروازو ڏسي جيڪو ٿورو کليل هو.

"امان او امان!" امان منهنجو آواز ٻڌندي ئي ڊوڙندي آئي هئي.

"ڪيئن آهين ذلفي! تون اچي وئين نہ پٽ."

امان ڀاڪر ۾ ڀري خوب ڀاڪريون پاتيون هيون.

کٽ تي ويهندي کيسي مان پگهار جا بچيل سمورا پئسا امڙ جي هٿن ۾ رکندي چيو هئم.

"امڙ هي منهنجي پهرين پگهار تولاءِ!"

"ها هي ڏس تولاءِ چا چا آندو اٿم؟" ٿيلهي کي کوليندي چيم.

امان هي تولاءِ پنج وڳا، هي شاديءَ جو جوڙو روبينہ جي لاءِ، هي سينگار روبينہ جي لاءِ ۽ هي مٺائي نوڪريءَ جي خوشي ۾." مٺائي کوليندي رس گلو امان جي وات ۾ وجهڻ لاءِ هٿ وڌايم تہ حيران رهجي ويس.

"امان تنهنجي اکين ۾ لڙڪ ! چو امان چو؟ ٻڌاءِ نہ امان چا ٿيو؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ذلفي. . . ذلفي. . . روبينہ!“
”چا ٿيو امان روبينہ کي، ٻڌاءِ نہ امان؟“
”پٽ روبينہ جي شا... شادي ٿي وئي...!“
”روبينہ جي شادي...“ هٿن مان منائي جو ڊبو ڇڏائجي ويو، ذهن چڪرائجڻ لڳو، مٿي کي هٿ ڏئي ويهي رهيو هئس.
”ائين نٿو ٿي سگهي.. ائين نٿو ٿي سگهي امان، روبينہ جي شادي نٿي ٿي سگهي هوءَ تہ... نہ نہ ائين نٿو ٿي سگهي.“
”ها پٽ هوءَ پرڻجي وئي آ، تنهنجي وڃڻ کانپوءِ ٻئي ڏينهن تي روبينہ وارا آيا هئا، تنهنجي رشتي لاءِ انهن جي گهر ويس تہ خبر پئي تہ هوءَ پنهنجي سوٽ سان شادي ڪرڻ واري آ... امان اداسائي مان ٻڌايو.
”هن ائين ڇو ڪيو امان، هن ائين ڇو ڪيو؟ مان تہ هن کي... ڪيڏو نہ ياڳ دوکو ڪري ويو هو مونسان، منهنجو پيار منهنجي زندگي سڀ ڪجهہ کسي ويو هو...“
پٽ ذلفي! آئون تولاءِ لال ڪنوار آڻيندس روبينہ کان بہ وڌيڪ.“ امڙ آٿت ڏيندي چيو.
”ها امان لال ڪنوار ايندي مون لاءِ پر اها روبينہ جي جاءِ نہ والاري سگهندي دل ۾...!“ مون چيو.
شام آئي هئي مون لاءِ انيڪ اداسائيون پنهنجي فضا ۾ سمائي پنهنجو دامن کولي انهن اداسين کي سيني ۾ سمائڻ لاءِ ڇڏي ڏنو هئم ۽ نيٺ منهنجو دامن اداسائين سان ڀرجي ٿي ويو هو هميشہ لاءِ...!
ڳوٺ جا هڪ جيترا مليا هئا، سيني جي چهرن تي
مسڪراهٽ ۽ ٽهڪ چانيل هئا ۽ آءٌ اداس جڻ منهنجي چهري ۽ لبن تي نہ مسڪرائڻ ۽ نہ ٽهڪ ڏيڻ جو ليبل چنبڙايو ويو هو.
ڳوٺ وارن ماڻهن جو رايو ”ڇوڪري کي شهر ۾ عشق جو جهٽڪو لڳو آ، عشق جو جهٽڪو.“ سيني جا پنهنجا رايا ۽ منهنجي روبينہ ڪانسواءِ ڪوڪلي ۽ مئل سوچ.
هر شام اداسين ۾ گذرندي هئي، چاچي مزن جي هوٽل ۽ آءٌ هوٽل جي سامهون ٽهڪ ڏئي گذرندڙ ڳوٺ جون ناريون ۽ منهنجو روبينہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانسواءِ روئنڊڙ من!

هفتو ٿي ويو هو ثمينہ بہ نظر نہ آئي هئي الائي ڇو؟

باقي هفتو بچيو هو موڪل پوري ٿيڻ ۾ ءِ آءُ شدت سان اوسيئڙو ڪرڻ لڳو هئس موڪل پوري ٿيڻ جو...!

زندگي ڪيڏا نہ موڙ آندا هئا. منهنجي راهن ۾ اٽانگا موڙ رويينہ ! هڪ وچڙيل نانءُ ثمينہ! هڪ اميد جي چٽنگ. سوچيم ثمينہ ڪي اپنائيندس. هوءَ انيڪ پيار ڪندي آ مون سان گهٽ ۾ گهٽ زندگيءَ ڪي گذارڻ جو سهارو تہ ٿيندي هوءَ...! بچپن جون گهڙيون بہ تہ ثمينہ سان گهاريون هئم رسندي پرچندي...

”ها ٿينہ !“ ذهن الجهي ويو هو.

سج جي الهندي ئي آءُ گهر ڏانهن پئي آيس. اميدن جي احساس ڪان خالي خالي وجود ڪي گهليندو. جو پويان سڏ ٿيو هو ”ذلفي ذلفي!“

”ڏٺم ثمينہ در جي اوٽ ڪان بيهي سڏي رهي هئي. هٿن ۾ اهي ئي چوڙيون هئس.

”ذلفي ڪيئن آهين؟“ گهوريندي اداسيءَ مان چيائين.

جواب ڏئي نہ سگهيو هومانس اکين مان لڙڪ ٽمي نڪتا هئا.

چيائين”ذلفي! هي تنهنجي امانت. آئون ان امانت ڪي مالڪ تائين ڪٽي وئي هيس. ان انڪار ڪيو هو ونڻ ڪان چيو هئائين”پيڻ ثمينہ امانت اصل مالڪ ڪي ڏجانءِ ءِ چئجانس هاڻ آءُ ان جي لائق ناهيان رهي!“

ڏٺم ثمينہ چوڙيون پني ۾ ويڙهيل مون ڏانهن وڌايو بيٺي هئي!

”ثمينہ هڪ ڳالهہ چوانءِ چوڙيون وٺندي چيومانس.

”ها چئو ذلفي!“ گهوريندي چيائين.

چيم ”ثمينہ تون منهنجو ساٿ ڏئي سگهندينءَ منهنجي نانءَ جون چوڙيون پنهنجي ٻانهن ۾ سمائي سگهندينءَ.“

ثمينہ جي اکين مان زاروقطار لڙڪ لارون ڪري وهي نڪتا هڪيئي پويان. هٿن ڪي منهنجي آڏو نروار ڪري ڪوليو هئائين. ڏٺم سندس هٿ مينديءَ سان لال هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هي چاهي ثمينہ!“

ذلفي! مون ڪنهن ٻئي جي نانءُ جي ميندي هٿن تي سجائي آهي، آءٌ ڪنهن ٻئي جي ٻڌجي چڪي آهيان.“ ائين چوندي هو تيزيءَ سان هلي وئي.

منهنجي هٿن مان چوڙيون ڪري پيون، ذهن ڦرڻ لڳو، آڏو رنگ برنگي چوڙين جا ٽڪرا وڪريل وڪريل گردش ڪرڻ لڳا هئا ۽ آئون انهن چوڙين جي ٽڪرن کي ميڙڻ جي ڪوشش بہ نہ ڪري سگهيو هئس...!

*(ماهوار هالا ڊائجيسٽ ڊسمبر 2003ع جي شماري ۾ شايع ٿيل)*


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# قيامت چو نہ ٿي اچي

ذهن جي سلطنت تي هرروز جيان اڄ بہ خيالن جو حملو ٿيو آ ۽ ان حملي ۾ منهنجو ذهن مسلسل سوچن سان الجهيل رهيو آهي ۽ نيٺ بي ست ٿي انهن سوچن کان هميشہ جيان آخر اهو ئي سوال ڪري ويهي ٿو.“

”تہ آخر قيامت چو نہ ٿي اچي“.؟ ۽ هاڻ تہ قيامت کي اچڻ ئي گهرجي..؟“

انهن ئي خيالن منهنجي ذهن ۾ گهوماٽيون پئي ڪاڏيون هيون جو ڪنهن جي روئڻ جو آواز ڪنن تي پيو هو ۽ اهي ڪنهن ننڍڙي ٻار جيان چپ ڪري ويهي رهيا هئا.

”ڏنم مونکان ٿورو پريرو ٽريفڪ سگنل جي پاسي ۾ هڪ معصوم جيتامڙو وجود روئي رهيو هو ۽ پرسان وينل پريشان حال عورت مٽي کي هٿ ڏئي ڪنهن سوچ ۾ گم هئي ٽوڙي جو اتي ٽريفڪ جو شور پڻ هيو. پر هو پنهنجي ان جگر جي ٽڪري جي روئڻ جي آواز کان چڻ تہ بي نياز هئي يا تہ وري پنهنجي ان ٻار جي روئڻ جو آواز ٻڌڻ جي چڻ تہ عادي ٿڄي وئي هئي، هن جي پرسان وينل هن جي ڌيءُ بہ اينڊڙ ويندڙ گاڏين کي تڪي رهي هئي ۽ انهن گذر ڪري ويندڙ گاڏين ۾ وينل وجودن جون نگاهون ان عورت جي جوانيءَ ۾ پير پائيندڙ ان خوبصورت ڌيءُ جي وجود کي تڪي رهيون هيون....“

سگنل بند ٿيو تہ گاڏين جون قطارون بيهي رهيون هيون، عورت ۽ سندس پرسان وينل ڌيءُ ان روئندڙ ٻالڪ کي ڦٽ پاٽ تي ڇڏي گاڏين ڏانهن تڪڙي وک پاٽي ۽ هٿ وڏائي خيرات گهرڻ لڳيون هيون، گاڏين ۾ وينل اڪثر وجود ان پوڙهي عورت جي پيٽ ۾ سندس جوان ڌيءُ کي پيسا وڏيڪ ڏئي رهيا هيا.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنم چمڪندڙ ڪار ۾ ويٺل هڪ پڪي عمر جي شخص سئو جو ڪڙڪ نوٽ ڪڍي ان ڇوڪريءَ جي هٿ ۾ رکندي سندس پوري ۽ نازڪ هٿ کي پنهنجي گهنجيل هٿ ۾ وٺي پڪوڙيندي ڪجهه چيو هو ان ويل ان ڇوڪريءَ جو نگاهون زمين ۾ کپي ويون هيون، جڏهن ته سئو جو نوٽ ڏئي، ان پنندڙ جوان ڇوڪريءَ جو هٿ هاڻ ان پوڙهي جي گهنجيل هٿن مان آزاد ٿي چڪو هو پر ان ئي هٿ وري ان ڇوڪريءَ جي سيني جي اڀارن کي ڇهي ورتو هيو ۽ اها ڇوڪري پنهنجو ڪنڌ زمين ۾ ئي کپايون بيني هئي ۽ پوءِ پرپرو بيٺل سندس ماءُ ان پوڙهي جو هٿ پنهنجي ڌيءُ جي اڀارن تي ڏسي ورتو هيو ته هن بي اختيار ان ڪار ڏانهن ڊوڙ پاتي پر ٽريفڪ سگنل کلڻ سان گڏ گاڏيون ڊوڙڻ لڳيون هيون ۽ ماءُ ڌيءُ به اچي پيهر ان روئنڊڙ ٻار جي پرسان وينيون ۽ ماءُ ان ٻار کي هنج ۾ کڻي بس ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ ٻارڙو به ماءُ جي هنج ۾ اچي خاموش ٿي ويو هيو.

ماءُ جي پرسان خاموش خاموش ويٺل سندس ڌيءُ جنهن ويل اها پڪوڙيل مٺ کولي ماءُ جي اڳيان سڌي ڪئي ته ماٽس سئو جو نوٽ ڏسي مرڪي پئي. جڻ هن ڪان پنهنجي ڌيءُ جي ڇاتين تي ڪنهن غير مرد جي هٿ وارو منظر وسري چڪو هيو ۽ سندس ڌيءُ شور واري ماحول ڪان بي نياز ٿي آگرين سان ڦٽ پاٽ جي فرش تي پيل مٽيءَ تي ليڪا پائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي.

وري سوچن سان الجهي پيس.

”ڏنم منهنجي سامهون بيٺل انسانيت شرمائي رهي هئي..!!“ رت جا رشتا بي اثر ٿي ويا هئا ۽ مونکي ان ماءُ جي مامتا مرندي نظر آئي هئي ۽ مان سوچڻ لڳو هيس،

”آخر قيامت ڇو نه ٿي اچي.!“

ٽريفڪ سگنل کي ڪراس ڪري ان فقيرياڻي ڪان گهڻو پري نڪري آيو هيس. ذهن تي سوچن جا حملا بار بار ٿي رهيا هيا ۽ پوءِ هڪ زوردار بريڪ جي آواز تي انهن خيالن جي ڏيڻ مان نڪري ڏنم، منهنجي پويان هڪ ڪار وارو منهن ۾ گهڻد وجهيون ڪائيندڙ نظرن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان ڏسي رهيو هيو. مان شايد غلطي سان روڊ ڪراس ڪندي ان جي آڏو اچي ويو هيس؟

ڪار ۾ ويٺل ان همراهه چڙٻ ڏيندي چيو،

”اڙي انڌو آهين هيروئني ؟ مرڻو اٿئي ته پاڻ کي وڃي ريل گاڏيءَ جي هيٺان ڏي شريف ماڻهن جي ڪنڌ ۾ فلم چو ٿو وجهين..؟

ڏنم اهو رنگ جو ڪارو ماڻهو پنهنجي اندر جو به ڪارو هيو ۽ مسلسل بڙ بڙ ڪري رهيو هيو. مان سندس ڪار جي دريءَ وٽ سري آيس ڏٺم ان سان گڏ اڌ اگهاڙي لباس سان هڪ اپسرا به ويٺل هئي پر هو مسلسل بڙ بڙ ڪري رهيو هيو.

منهنجيون نظرون ان عورت تان هٽي ان ڪاري شخص جي ڪريپ ڏيارينڊڙ صورت تي پيون هيون. پانهون پڌندي چيومانس صاحب مان هيروئني ناهيان ، مونسان اڪثر خيالن جي جنگ رهندي آ ان لاءِ ههڙو حال آهي غلطيءَ جي معافي ٿو گهران.

منهنجي معافي گهرڻ جي باوجود ان اچي ڪار ۾ ويٺل ڪاري رنگ وارو ماڻهو اجان وڏيڪ بڙ بڙ ڪرڻ لڳو ۽ پوءِ پويان بيهي ويل گاڏين جا مسلسل هارن پڌي اکين تي ڪاري ڪلر جو چشمو چاڙهي اڳتي روانو ٿي ويو. منهنجي ذهن ۾ ان جا توهين آميز لفظ مسلسل گونجي رهيا هئا. ڏنم ماڻهن مان انسانيت موڪلائيندي پئي وڃي ۽ انسان جي برداشت ڪڏهوڪو ڪنهن ڏورانهين هنڌ لڪي ويهي رهي آهي. انسانيت جي انهن رشتن ۽ جذبن کي مرندو ڏسي هڪ ٿڌو ساهه نڪري ويو هيو ۽ ذهن پيهر سوچن سان الجهي پيو هيو

”آخر قيامت چو نه ٿي اچي“.

ڪي پل فٽ پاٿ تي پيل بينچ تي ويهي ۽ پوءِ اٿي هڪ پاسي هلندو پئي ويس. اندر ۾ هڪ مقصد هيو هڪ اهڙو مقصد جنهن ۾ مون هر حال ۾ ڪاميابي ماڻڻ پئي گهري، پر مونکي ائين پاسجي رهيو هيو، جڻ ناڪامي پلئه پوندي ۽ پوءِ منهنجي نظر جي ور اخبار جو هڪ ٽڪرو چڙهي ويو هيو. ان ۾ هڪ نوجوان ڇوڪريءَ جو فوٽو هيو عمر مشڪل سان 19 جي لڳ ڀڳ هيس ۽ ان اوڏوبهن سالن جي ڇوڪريءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پرسان هڪ پوڙهي شخص جو ڦوٽو هيو جيڪو مونکي پنجونجاهه سالن جي لڳ ڀڳ لڳي رهيو هيو. آءُ انهن تصويرن کي غور سان ڏسڻ کانپوءِ انهن جي هيٺان لکيل ڪئپشن پڙهڻ لڳس جنهن جي هيٺان لکيل هيو پيءُ جي هٿان جنسي درندگيءَ جو نشانو بڻيل..........!!

ان ويل ٻيهر ذهن گهوماٽيون کائڻ لڳو، منهن تي پگهر جا ڦڙا تري آيا. محسوس ڪيم جڻ آسمان ڪري پيو ۽ زمين ڦاٽي هجي پر اهو منهنجو خيال ئي هيو ۽ سوچي رهيو هيس ڇا هن ترقي يافته جديد دور ۾ انسان ٻيهر وحشي جانورن جو روپ ڌاري رهيا آهن...؟

۽ آءُ مسلسل سوچي رهيو هيس

”آخر قيامت ڇونه ٿي اچي“.

مان اوچتو ڪاٺ جي پرسان گذرندڙ ڇوڪريءَ سان ٽڪرائجي ويس..!

”انڌو آهين ڏسين ڪونه ٿو ڇا بدتميز، لوفر... ۽ نه ڄاڻ ٻيئي ٻيئي هڪ منٽ ۾ هو ڇا ڇا چئي وئي هئي. آءُ سامهون بيٺل ڇوڪريءَ کي گهورڻ لڳس،

ٻانهون ڪلهن تائين اگهاڙيون هيس ۽ هن جي سنهڙن ۽ سوڙهن ڪپڙن مان سندس جسم ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هيو جڻ. رئو ڪونه هيس شايد تڪڙ ۾ گهر وساري آئي هئي، سيني جي اڀارن تي پيل ڪاري رنگ جو بريزر به ڏسڻ ۾ پئي آيو صفا ماڊرن ڇوڪري هئي. مونکي خبر ئي نه هئي ته ڪو هن جي پويان سندس پيءُ ۽ نوجوان ڀاءُ به بيٺا آهن. جيڪي مونکي ڪروڌ مان ڏسي رهيا هئا..

ڇوڪريءَ ٻيهر چيو هو ”بي شرم بي حيا“

ڇوڪريءَ جي پيءُ چيو ”غنڊو، موالي“

۽ سندس پرسان بيٺل ان ڇوڪريءَ جي ڀاءُ چيو

”ڇڏيو لوفر کي هلو“

۽ پوءِ اهي اڳتي وڌي ويا ۽ آءُ ان اڌ اگهاڙي ڇوڪريءَ جي جسم کي ڏسي رهيو هيس جنهن سان ٿاٻڙجي ٽڪرائجڻ تي ڇوڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مونکي بي شرم ۽ بي حيا سڏيو هيو.!

ذهن پيهر سوچڻ سان الجهي گهوماٽيون کائڻ لڳو هيو، جيءُ ۾ آيو تہ ان ڇوڪريءَ سميت سندس پيءُ ۽ ڀاءُ کي روڪي چوان تہ بي شرم آءٌ نہ پر توهان آهيو، پر ائين ڪرڻ جو ست نہ ساري سگهيو هيس، ڏٺم هر ايندڙ ويندڙ جون نظرون ان ڇوڪريءَ جي جسم کي تڪينديون پئي ويون... ۽ آءٌ ان ويل سوچڻ لڳو هيس،

”آخر قيامت ڇو نہ ٿي اچي؟“.

۽ پوءِ آخر ٿڪجي هڪ پارڪ جي وڻ جي ڇانو هيٺان اچي ويٺو هيس ۽ ذهن اهو بار بار چئي رهيو هيو..

”جڏهن عورت پردو ڪرڻ ڇڏي ڏي، شرم ۽ حياءَ جو قتلام ٿي چڪو هجي، رشتن جو تقدس مسلسل پائمال ٿيندو هجي، انسان انسان هٿان مري رهيو هجي، فحاشي عام هجي، زنا، شراب ۽ بدڪاري جو سمنڊ ڇوليون هڻندو هجي، اهي ئي تہ قيامت جون نشانيون آهن...!!!

”اچانڪ ڇرڪ نڪري ويو، ڏٺم قيامت سامهون هئي ۽ اسان تيزيءَ سان ان قيامت ڏانهن وڌي رهيا آهيون، ڇاڪاڻ تہ قيامت کي اسان ڏي اچڻ ۾ دير ٿي رهي هئي.....!!!

# طنز

”صبح ساجهر گهران نڪري مسجد جو رخ ڪيو هيم، پڪڙين جون لاتيون ۽ ٿڌڙي هوا جا جهوٽا ماحول کي معطر ڪري رهيا هئا. اٿپوري ننڊ جي باعث اکيون ان ٿڌڙي هوا تي هر هر ٻوٽيون پئي ويون ۽ ڪيڏي مهل هلڪا ٿيڙڪائي پيو ويس“. جڏهن منهنجو لنگهه ولڻ جي گهر پرسان ٿيو ته اکيون پاٽمرادو سندس گهر جي دروازي ٻاهران ٽالهيءَ جي وڻ ڏانهن کڄي ويون هيون جتي ٿورڙو پرپرو ولڻ جو گڏهه گاڏي سان ٻڌل هوندو هيو ۽ ان گڏهه جي پرسان پلال ۽ ٻهه ٻه مال لاءِ پيل هوندو هيو، جنهن جي مٿان وري ولڻ جو پاليل ڪتو ستو پيو هوندو هيو جڻ اهو ان ٻهه ۽ پلال جي چوڪيداري تي مامور هجي ۽ ٽالهيءَ جي وڻ سان ٻڌل اڌ واٽيل پراٽي کٽ ٻه پيل هوندي هئي جنهن تي منجهند ٽاڪ جو ولڻ کي آهليل ڏسندو هيس يا وري ڳوٺ جا ڇوڪرا ان کٽ جي چوڏاري چدا پيا کيڏندا هيا ۽ آءٌ اڪثر فجر ڏاري ان کٽ جي ٿورڙو پريان ان وڻ جي اوٽ ۾ اها اداس ڇوڪري ٻيٺل ڏسندو هئس ۽ اڄ ٻه اها نظر آئي هئي ۽ معمول جيان نيڻ هڪٻئي سان ٽڪرائجي ويا هيا ۽ انهن نيڻن سان اٽڪجڻ جي ڪري هڪ عجيب الجهن من اندر ڪر کڻي ويهندي هئي ۽ پوءِ نيٺ هن جا نيڻ ٻه زمين ۾ پيوست ٿي ويندا هئا ۽ منهنجا نيڻ ٻه مسجد ڏانهن ويندڙ رستي ڏانهن گامزن ٿي ويا ويندا هيا ۽ اڄ ٻه ائين ئي ٿيو هو. معمول جيان اهي ساڳيا نيڻ نيڻن سان مليا جهڪيا ۽ پوءِ آءٌ اچي مسجد جي دروازي وٽ پهتس ۽ اڄ الائي ڇو ٻي اختيار نه چاهيندي ٻه پوئتي لوٽو هڻي هن ڇوڪريءَ ڏانهن ڏٺم، جيڪا ان ٽالهيءَ جي جهڳٽن جي اوٽ ۾ ڇيڻن جا مٽيا وجهي رهي هئي ۽ وري ٻي ڇينيءَ مان هيڏي هوڏي ٻه ڏسي رهي هئي. ان جي نظر جيئن ئي مون تي پئي ته وري چرڪجي تغاري ۾ پيل ڇيڻن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان مروڙيون ٺاهي هيٺ زمين تي وڃهڻ لڳي. ”جيءُ ۾ آيو تہ مسجد ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ واپس ان ڇوڪريءَ جي پير ۾ وڃان ۽ پڇانس توهان مونڏانهن ڇو ڏسندا آهيو...؟“

”پر پوءِ خيال آيو اگر هوءَ بہ مونکان اهو ساڳيو سوال پڇي ويهي تہ آءٌ ڪهڙو جواب ڏيندس....؟“

ڪنن تي تڪبير جو آواز پيو تڪڙو تڪڙو وضو ساري ٻہ رڪعتون سنت پڙهيم ۽ جماعت سان گڏ نماز ۾ اچي بيٺو هيس پر نماز دوران بہ ساڳي اها الجهيل تہ هوءَ اداس ڇوڪري آخر پريشاني مان مونکي ڇو ڏسندي آهي ۽ ان جي ڇهري جا تيور مونکي ڏسندي تڪا ڇو ٿي ويندا آهن. مونکان ان ويل ڇرڪ نڪري ويو جڏهن چاچي ولڻ اچي ڪلهي تي هٿ رکيو ڪن پل لاءِ حواس خطا ٿي ويا سمجهيم ڄڻ مونکي چاچي ولڻ پنهنجي ڏيءُ ڏانهن ڏسندي پڪڙي ورتو. هجي سڄو جسم ڏڪي ويو هيو. جو چاچي ولڻ جو آواز ڪنن سان ٽڪرايو هيو منهنجي ڪلهي تي پيل پنهنجي هٿ سان هلڪو زور ڏيندي چيو هئائين ”پٽ زاهد نماز ٻيهر ورائي پڙهہ تنهنجي نماز نہ ٿيندي تو هڪ رڪعت ادا ڪئي آ....“

ياد آيو واقعي مان ٻي رڪعت ۾ اچي شامل ٿيو هيس. ڏاڍي ڦڪائي محسوس ٿي چاچي ولڻ جي انهن لفظن تي. ڏٺم مسجد جا جماعتي مون ڏانهن ڏسي رهيا هئا انهن جون اهي گهوريندڙ نظرون پنهنجي اندر لهندي محسوس ڪيون هيم چاڪاڻ تہ انهن نظرن ۾ طنز ۽ ٽوڪ سمايل هئي..... ۽ پوءِ آءٌ ٿورڙو پريرو ٿيس ٻيهر نماز ادا ڪيم ۽ جماعت پٺرين تي صلوات پڙهي رهي هئي ۽ مان نظرون جهڪائي مسجد کان ٻاهر نڪري ئي رهيو هيس جو مسجد جي پيش امام پوپيان سڏ ڪيو ۽ صلوات پوري ڪري جماعت جي وڃڻ کانپوءِ ڏهہ منٽن تائين نماز صحيح نموني ادا ڪرڻ جون نصيحتون ڪندو رهيو ۽ آءٌ اهي نصيحتون هينئين سان هنڊائيندو رهيس پر پوءِ بہ آءٌ هر وقت اهو سوچيندو هيس تہ آخرڪار جڏهن مان نماز ۾ بيهان ٿو تہ دنيا جون ڳالهيون ذهن تي ڦيريون ڇو ڏينديون آهن....؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”منهنجين انهن ڳالهين تي ڪجهه دوستن چيو ته شيطان انسان کي ورغلائي ٿو ۽ ورغلائڻ جي ڪوشش ڪندو رهي ٿو ان جي ڪري ئي اڪثر ائين ٿيندو آهي“.

”سج جا ڪرڻا تيز ٿيندا پئي ويا ۽ اونهاري جي گرمي پنهنجي جوڀن ۾ ايندي پئي وئي. مون گهر جو دروازو اجا اورانگهيو ئي مس ته ڏٺم بابا جو چهرو مونکي ڏسي ڳاڙهو لعل ٿي ويو ۽ غصي ۾ تپي باهه ٿي ويو هيو ۽ ڏٺم سندس اکين ۾ به منهنجي لاءِ نفرت ۽ طنز سمايل هئي.“

”آيو اٿئي موڀي پٽ ماني آڏو رکينس ته کائي وري وڃي رلڻ..“

بابا جا اهي لفظ به اندر ۾ لهي ويا هئا، ائين پاسجي رهيو هيو چڻ ڪنهن اندر ۾ پالا لاٿا هجن ۽ آءُ ڪنڌ هيٺ ڪري وڃي پرڀرو کٽ تي هڪ پاسي ويهي رهيو هيس. امڙ چانهه ۽ اڦراٽو آڻي آڏو رکيو هيو، نه چاهيندي به به ٿي گرهه اندر ۾ لاٿا هيم، بابا اجا تائين پنهنجي منهن پڻ پڻ ڪري رهيو هيو منهنجا ننڍڙا ڀائر مونکي ڏسي مسڪرائي رهيا هئا.

”امڙ ڏانهن ڏٺم هن مونکي ڏسي اکيون جهڪائي ڇڏيون هيون گهر جي اڱڻ ۾ منهنجو ساهه ٻوساٽجڻ لڳو هو ۽ آءُ ٻاهر نڪري آيو هيس، بابي جا لفظ ذهن ۾ پڙاڏو بڻجي گونجي رهيا هئا، باقي سڄو ڏينهن گهر کان ٻاهر گذاريو هيم گهر وڃڻ لاءِ دل ئي نه پئي چوي، ڇڻ مون لاءِ گهر عذاب خانو ٿي ويو هجي. سوچي سوچي ٿڪجي پيس آخرڪار ڇا ڪيان ڪيستائين بيروزگاري جي باهه ۾ جلندو رهندس. هاڻ ته گهر وارن تي به بار بڻجي ويو آهيان، پنهنجا به طنز جي نظرن سان گهورڻ لڳا آهن ۽ پوءِ آخرڪار هڪ فيصلو ڪري ويٺو هيس ۽ اهو فيصلو ڳوٺ کي الوداع ڪرڻ جو هيون سوچيو هئم شهر وڃي محنت مزدوري ڪندس ۽ چار ڏوڪڙ ڪمائي گهر وارن ڏانهن به موڪليندس ۽ گهٽ ۾ گهٽ طنز وارين نظرن کان ته بچي پوندس.....“

سج جا پاچا ڪڏهوڪا گهرا ٿي ويا هئا ۽ نيٺ سڄي ڏينهن جو ٿڪل سج پنهنجي ماڳ تي وڃي آرامي ٿيو هيو ۽ رات اچي پنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاءِ والاري هئي، سومهڻي جي آذان اچڻ واري هئي ۽ آءٌ گهر وڃڻ لاءِ اٿيس مسجد جي سامهون جڏهن ان ٿالهيءَ جي وڻ پرسان گذر ٿيو تہ ان وڻ هينان اها ساڳي ڇوڪري ويٺي هئي ۽ پريشاني مان هيڏانهن هوڏانهن لوٽا هڻي رهي هئي، مون تي نظر پوندي ئي پنهنجي گهر ڏانهن ڊوڙ پاتائين ۽ اکين کان اوجهل ٿي وئي هئي....

مون پيهر گهر ڏانهن قدم وڌايا، ڳوٺ جي سانت ۾ ڪتن جي ڀونڪڻ جا آواز اچي رهيا هئا ۽ گهرن مان دکايل دونهين مان اڇي دونهين جون لاٽون آسمان ڏانهن بانبڙا پائي رهيون هيون. مون گهر جو دروازو اورانگهڻ لاءِ قدم رکيو ئي مس هيو جو سامهون گهٽيءَ ۾ هڪ وجود جو ڌنڌلو عڪس نظر آيو ۽ آءٌ در جي پرسان پيل ڪچين سرن جي اوٽ ۾ ويهي رهيو هيس. اهو وجود تيزيءَ سان منهنجي پرسان گذري ويو ۽ آءٌ ان کي ڏسي سوچڻ لڳس، آخر جاويد ٽڪڙو ٽڪڙو ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي ۽ پوءِ مان بہ نظرون بچائيندو گهر وڃڻ بدران جاويد پويان لڳي پيس. سومهڻي جي آذان اچي رهي هئي ۽ ڏٺم جاويد ان ٿالهيءَ جي وڻ پرسان پيل ٻهہ جي ننڍڙي ڏڙ جي اوٽ ۾ اچي ويٺو هيو ۽ ڪن پل ڪانپوءِ سامهون گهر جو دروازو کليو جنهن مان اڪثر ان سندر ڇوڪري کي نڪرندي ڏٺو هيم، پر اڄ ان جي بجاءِ سندس پيءُ ولڻ نڪتو هيو جنهن جي هٿ ۾ لٺ هئي ۽ هو آهستي آهستي مسجد ڏانهن وڃي رهيو هو، اسان جي ڳوٺ ۾ هنن ويڙهي وارن سان ڪنهن ڳالهہ تان ڪائڻ پيئڻ ڪافي وقت کان ختم ٿيل هو ۽ چاچي ولڻ سان بہ بابا وارن يا اسان جي ويڙهي وارن جي خوشي غمي ڪانہ هئي. اهو منظر ڏسي منهنجو جيءُ جهرندو هو پر وڏڙن جي دليلن آڏو ماٺ ٿي ويندو هيس."

چاچي ولڻ جو پاڇو اکين آڏو اوجهل ٿي ويو تہ اچانڪ پيهر در کليو ڏٺم هاڻ ان در مان اها ئي سندري نڪتي ۽ تيزيءَ سان ان ٻهہ جي ڏڙ جي اوٽ ۾ ويٺل جاويد ڏانهن وڌي آئي ۽ پوءِ اهي ٻئي وجود هڪ ٿي ويا هيا منهنجي دل جي ڌڙڪن تيز ٿي وئي هئي ۽ آءٌ اوٽ مان انهن کي ڏسي رهيو هيس. هو زماني کان لاپرواهہ ٿي هڪٻئي جي ٻانهن ۾

جڪڙيل هئا ۽ پوءِ آءُ سمجهي ويو هيس اها چوڪري مونکي ڏسي چو خوفزده ۽ اداس ٿي ويندي هئي گهڻو ڪري هو سومهڻي ۽ فجر جي اونداهيءَ ۾ پنهنجي پريميءَ سان ملڻ لاءِ بي تاب هوندي هئي ۽ منهنجو بيهي هن کي گهورڻ هن کي ڏاڍو ڏرو لڳندو هيو...."

واپس گهر ڏانهن ورڻ لڳس،

"گهر جو دروازو اورانگهيم مس جو آڳر تي ويٺل بابا تي نظر پئي ڏجي ويس ۽ بابا جي نظر جو مون تي پئي تہ بي اختيار چئي ڏنائين "آيو اٿئي رول."

اهي لفظ ٻڌي اڳتي وڌي وڃي پنهنجي کٽ تي ليٽي پيو هيس بابي جا لفظ اندر ۾ وڍ وجهي رهيا هئا. سوچڻ لڳو هيس ڪڏهن بہ بابي پيار جا ٻول مونکي نہ ارپيا آهن الائي ڇو، مان هن لاءِ ايڏو اڻ وڻندڙ آهيان؟ بابا جا ڏيل لفظ اجا بہ ڪنن تي پئجي رهيا هئا ۽ مون ويهاڻو ڪٽي ڪنن تي رکي زور ڏنو هو جيئن اهي لفظ نہ ٻڌي سگهان جو امان مٿان آئي هئي ۽ چيائين

"پٽ زاهد اٿي ماني کاءُ".

ٻڪ هوندي بہ امڙ کي چيم "نہ امان آءُ ڪونہ کائيندس ٻاهران کائي آيو آهيان رکي ڇڏ بابي جو خرچ بچي پوندو".

امڙ ٻيهر چيو "اٿي پٽ ماني کاءُ"

نہ امان ٻڪ ڪونهي ٻيهر چيومانس...!!

امان هلي وئي هئي منهنجي اکين مان لڙڪ ٽمندا رهيا هئا

"آخر بابو مونسان اهڙو سلوڪ ڇو ٿو ڪري..؟

پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيو هئم

ٻين کي نہ ٿو چوي پلا ."

گهر ۾ رڳو مان طنز جو نشانو آهيان."

پر هو ٻئي ننڍڙا گهر جو ڪم ڪار ڪن ٿا، مينهن لاءِ گاهہ پٺو بہ ڪريو اچن، ڪاٿيون ۽ ڇيڻا بہ ميڙيو اچن تون ڇا ٿو ڪرين؟ ڇڻ منهنجي سوالن جو جواب پاڻ کان ئي ملي ويو هو.

پاسو ورائي پرسان پيل کٽ تي امڙ جي ڇهري ڏانهن ڏٺم، جنهن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مونکي ڪڏهن ڇڙٻ بہ نہ ڏني هئي ۽ جيڪڏهن ڪيڏي مهل ڪاوڙ بہ ڪندي هئي تہ ڪاوڙ ڪرڻ ڪانہ ايندي هيس...“

بابي بہ تہ محنت مزدوري ڪري مونکي ايم اي جون ڊگريون ڏياريون هيون پر اها ڊگري ﭘﻼ امان ۽ بابا جي کهڙي ڪم جي؟

سوچيندو رهيو هيس اڌ رات گذري وئي هئي، بک بہ اچي پاسا ورتا هئا پير پير ۾ ڏئي اندر وراندي ۾ ڪاري جي هيٺان پيل ماني ڪڍي اوڊر ۾ ببهي پيٽ جي باهہ اجهائي هئم ۽ پوءِ ڏنم سپ ستا پيا هئا ۽ مان ڪمري ۾ آيو هيس ۽ لوهي پيٽيءَ مان پنهنجا ڪپڙا ۽ ڪاغذ ڪڍي پلاسٽڪ جي ٿيلهي ۾ وڌا هيم جو ڪنهن جي قدمن جي آهٽ ڪنن تي پئي هئي ڏنم امڙ دروازي وٽ بيٺي هئي.“

امڙ پڇيو

”ڇا ٿو ڪرين پٽ..؟

دل وري پرجي آئي امان جي ان سوال تي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا نڙيءَ مان سسڪي نڪري وئي...

”ڇيومانس امان آءٌ هن گهر تان پنهنجو بار لاهڻ ٿو چاهيان ۽ آءٌ وڃان ٿو شهر ڪمائڻ جي لاءِ“.

امڙ اڳتي وڌي پاڪر ۾ پريندي ڳرانڙي پائيندي چيو

”اهو تون ڇا ٿو چوين پٽ آءٌ ويٺي آهيان نہ“.

”نہ امان منهنجي خاطر تو گهڻو برداشت ڪيو آ ۽ هاڻ آءٌ پنهنجي لاءِ وڌيڪ توکي ڏکيو ڏسڻ نہ ٿو چاهيان“.

”ائين نہ چئو پٽ“.

امان مٿي تي هٿ ڦيريندي چيو

”نہ امان هاڻ منهنجو هتي وڌيڪ رهڻ مشڪل آ بابي جي طنز تي منهنجو ساهہ ٻوساتجي ٿو“.

ڏنم امڙ جي اکين ۾ بہ لڙڪ تري آيا هئا، پر اهي لڙڪ هميشہ جيان هو پنهنجي اکين ۾ لڪائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهي هئي مگر اهي لڙڪ ڦڙا اکڙين جا بند ٽوڙي ڳلڙن تائين پهچي چڪا هيا. سامان جي هٿ ۾ جهليل ٿيلهي هڪ پاسي رکي، امڙ وٽ آيس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳلن تان ڳوڙها اگهندي چيومانس
”امان تون روءِ تہ نہ مونکي حوصلو ڏي مان توهان لاءِ شهر ۾ خوشيون تلاشڻ تہ وڃان ٿو“.
”نہ پٽ تون نہ وڃ اسان رکي سکي تي گذارو پيا ڪنداسين منهنجي دل نہ ٿي چوي“.
”امان آءٌ هميشہ لاءِ ٿورئي ٿو وڃان هڪ ٻن مهينن ۾ پڳهار وٺي چڪر پيو لڳائيندس بس هاڻي دعا ڪر اتي ڪو سٺو روزگار ملي پوي“.
اجان اڌ رات پئي هئي امان چيو چڱو هلي سمهي پئو صبح ڏسنداسين ۽ پوءِ امان وراڻدي ۾ مون لاءِ ڪاري هيٺان رکيل خالي ٿانو ڪڍي مٿي ڪٽ تي ٻين ٿانون سان گڏ رکيا هئا. مون امان جي ويندي پٽ تي ٽنگيل تصوير لاهي ٿيلهي ۾ وڌي جنهن ۾ مان امان ۽ بابا سان گڏ بيٺو هيس ۽ ادا وارا بہ هيا ۽ پوءِ وڃي ڪٽ تي سمهي پيو هيس. الائي ڪيڏي مهل ننڊ پنهنجي هنج ۾ وٺي ڇڏيو هيو...
صبح جو امان اچي اٿاريو هيو نماز لاءِ ۽ پوءِ نماز پڙهي جلدي گهر واپس وريو هيس. اج رستي تي وڻ هيٺان اها اداس ڇوڪري بہ نظر نہ آئي هئي. گهر پهتس تہ امان آڌو چانهہ جو ڪوپ ۽ اڦراٽو اچي رکيو جلدي ڪائي ڪمري ۾ رکيل ٿيلهي کنيم جو امان پوبان آئي هئي ۽ هٿ ۾ پڪوڙيل پيسا ڏيندي چيو هئائين هي رک اتي ڪم ايندئي..
امان سان گڏ ڪمري مان ٻاهر نڪتس تہ سامهون بابو ادا وارن سان گڏ بيٺو هيو، انهن کي ڏسندي نيڻ جهڪائي ڇڏيم. هٿ ۾ جهليل پلاسٽڪ جي ٿيلهي کي پڪوڙيندي در ڏانهن وڌڻ لڳو هيس. جو پويان بابي جو جهيڻو آواز گونجيو هيو
”پٽ زاهد موڪلائي بہ نہ ويندين“.
قدم رڪجي ويا هيا لوٽو هٽي بابي ڏانهن ڏٺم اج ڪاوڙ جي بجاءِ اداس هيو. پيرن تي هٿ رکيامانس جو گلي سان ڪٽي لاتو هيائين
”بابا اج ڪانپوءِ منهنجو توهان تي بار نہ هوندو“.
ٻانهن مان ڪيندي چيائين نہ پٽ اولاد بار ٿورئي هوندو آ اولاد تہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پي ماءُ جي اکين جو تارو هوندو آهي پر ڏس نہ منهنجو سنڌ سنڌ ڏيرو ٿي چڪو آ هاڻ تہ ڪوڙر بہ مشڪل سان ٿي وهي هاڻ آءُ ڪمائي بہ تہ نہ ٿو سگهان نہ ...؟

پهريون ڀيرو احساس ٿيو هيو. واقعي مان طنز جي لائق هيس مون بابا جو ڪڏهن خيال بہ نہ ڪيو هيو. ان ويل شرمندگيءَ جو سخت احساس ٿيو هو بابا جي انهن لفظن تي.

چڱو بابا دعا ڪجانءِ ڪا سٺي روزي ملي پوي شهر ۾ ننڍڙن ٻارن کي ٽڪراٽڙيون پائي امان کي مني ڏئي گهران ٻاهر نڪتو هيس. اڳتي وچي پوئتي جهاتي پاتم تہ ڏٺم سڀ مونکي ويندو ڏسي رهيا هيا ۽ پوءِ الوداعي هٿ ڪٽي ڳوٺ جي ڳلين مان ٿيندو ان مسجد جي ڀرسان ٿالهيءَ جي وڻ ڀرسان پهتس تہ ماڻهن جو ميڙ ڏسي ڇرڪ نڪري ويو ۽ تيزي سان ان ميڙ ۾ اچي پهتس.

ڏٺم ميڙ جي وچ ۾ ان ئي سندر ڇوڪريءَ جو رت سان رڱيل وجود بي ست پيو هو. مسجد مان نماز پڙهي آيل نمازي ان نياڻيءَ جي لاش مٿان سس پس ڪرڻ ۾ محو هئا. منهنجا حواس بي قابو ٿي رهيا هئا جيءُ ۾ آيو تہ وڏيون دانهون ڪيان تہ هن معصوم سان اهڙو ڪلور ڇو........؟

قاتل اکيون ٻيهر ان لاش ڏانهن ڪجي ويون هيون، وري ميڙ ۾ بيٺل انهن ماڻهن ڏانهن ڪجي ويون جيڪي سس پس ڪري رهيا هئا، سچ نروار ٿي چڪو هيو پر ٿالهيءَ جو اهو وڻ ان معصوم جسم کي پنهنجي ڇاڇي سان ڍڪيون بيٺو هيو ۽ ان وڻ جي لامن مٿان پکيئڙن جا ولرن جا لامارا ۽ ٻوليون ٻڌي ائين ڀاسجي رهيو هو ڄڻ اهي ان ڪِيس تي ماتم ڪندا هجن...!!

اوچتو فضا ۾ ٺڪاءُ جو پڙاڏو گونجيو ۽ مون سميت ٻين بيٺلن ڪان بہ ڇرڪ نڪري ويو. ٿالهيءَ جي وڻ تي ويٺل پکيئڙا ڦڙڪو ڏئي اڏامي ويا. ڏٺم ڀريان هڪ نينگر ڊوڙندو پئي آيو ۽ ميڙ وٽ پهچي ڇيائين راڻيءَ جي ڀاءُ خانو، جاويد کي ڪارو ڪري ماري ڇڏيو."

منهنجو روح رڙي پيو "ايڏو ڪيس"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ڪنهن ميڙ مان چيو سنو ٽيو جو ڪاريءَ سان گڏ ڪارو بہ مئو نہ تہ اسان جي پاڙي تي داغ هجي ها.

ان جي پرسان بيٺل هڪ همراهہ پنهنجي ڏگهي ڏاڙهي تي هٿ ڦيريندي چيو سنو ٽيو ڪافرياڻي سان گڏ ڪافر بہ انجام تي پهتو...!!

ان ويل ڏٺم شيطان ماڻهن کي ورغلائي رهيو هو. ۽ ماڻهو پنهنجي رستي تان ڀٽڪي رهيا هئا ۽ مون پنهنجن کان دور وڃڻ جي درد سان گڏ انهن پريمين جي درد ڪتا گڏ ڪٽي، تيزيءَ سان مسلمانن جي ان ڳوٺ مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪي ان معصوم نياڻي جي اڌ اگهاڙي لاش تي ڪلهن تي پيل رومال لاهي وجهڻ جي بدران اهو چئي رهيا هئا سنو ٽيو ڪافر سان گڏ ڪافرياڻي بہ مئي.“

پهريون پيرو منهنجيون نظرون انهن ڳوٺاڻن کي طنز ڀرين نگاهن سان تڪينديون رهيون هيون ۽ آءٌ ڳوٺ کان ٻاهر نڪري آيو هيس.........!!!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عظيم

سنسار کان بي نياز پنهنجا پياسا نيڻ کڻي هو راڻيءَ کي گهوريندو رهي ٿو. پر راڻي هن کان بي نياز پاڻيءَ جا گهڙا کڻي گهر ڏانهن هلي وئي.

”اڙي او مجنونءَ جا پٽ! پنهنجيون مينهون ته سنڀال، پرائي ڪڻڪ جي پيل پيون ٿيون ڪن، چوريءَ مان ڪي ڪين ورندئي هرويرون ٿو خوار ٿين“. سندس دوست مختيار ٽوڪ ڪندي چيس.

پيچرن تان محبت جون پياسيون نگاهون هٽائي لٺ کڻي، ڪڻڪ ۾ بيٺل مينهن ڏانهن ڊوڙ پاتائين ۽ پوءِ سهڪندو سهڪندو اچي پنهنجي ننڍپڻ جي دوست مختيار جي پر ۾ ويهي ٿڌا ساهه ڀرڻ لڳو.

”يار مختيار راڻي مونکان نفرت ڇو ٿي ڪري، مان ڀلا ايڏو خراب آهيان ڇا جو مونکي ڏسندي ئي نفرت مان نگاهون ڦيرائي منهنجي من ۾ وڍ وجهي ٿي ڇڏي.“ پنهل اداسيءَ مان زمين ڏانهن نظرون جهڪائيندي چيو.

نه منهنجا دوست تو جهڙو سهڻو ۽ سنو ڇوڪرو ته هن ڳوٺ ۾ ته ڇا ڪٿي به نه ملندو...

مختيار هن جي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو.

”پنهل پيار ۾ اهي هيٺ مٿانهيون هونديون آهن پر منهنجي صلاح اٿئي ته انهيءَ راهه تي نه هل ته سنو اٿئي منهنجا ڀاءُ.

”يار مختيار اهو جيئڻ ڪهڙو جنهن ۾ پيار نه پلجي.“ پنهل وراڻيو.

پر يار پنهل، ڀلا ڪنهن کي پنهنجو پيار مليو به آهي، ڏس ياروءَ ۽ زينت کي ڪيئن ڪاروڪاري جي رسم ۾ ماريو ويو. انهيءَ واقعي کي ڇهه مهينا به مس گذريا آهن، اهي به ته تو جيان پيار جي اٽانگن پيچرن جا راهي هئا.“ مختيار چيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مختيار پيار ڪڏهن بہ مرندو ناهي پيار تہ امر آهي، پوءِ ڪٿي اهو پيار ماءُ جي ممتا ٻڄجي پاڻ کي امر ڪري ٿو تہ ڪٿي پيار ٻن دلين کي ڌڙڪائي ماحول ۾ هٻڪار پيدا ڪري ٿو.“ پنهل پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪندي چيو.

”خير دوست جيڪا تنهنجي قسمت شال پنهنجي مقصد ۾ ڪاميابيون ماڻين.“ مختيار مرڪندي چيس.

شام ڌاري پکي پنهنجن پنهنجن آکيرن ڏانهن پئي موٽيا پنهل بہ مينهون هڪليندو ڳوٺ ڏانهن پئي آيو، ڳوٺ جي ٻاهران کوهہ تي اجايل نظرون ڊوڙايائين پر هن کي راڻي نظر نہ آئي، من ۾ راڻيءَ لاءِ محبت جي شدت کان جاڳيل جذبي ۾ هٿ ۾ ڪنيل بانسريءَ کي چپن سان لاتائين.

بانسريءَ جي گونج ۾ ميناس پري ماحول کي وٽندڙ ٻڻائي ڇڏيائين، هر راهہ گذرندڙ بيهي پنهل کي داد ڏيندو پئي ويو. بانسري وڄائيندو وڄائيندو ان مستيءَ پري ماحول مان هو ان وقت ٻاهر آيو جڏهن سج لهي چڪو هو.

مينهون ڪا مهل گهر وڃي پهتيون هيون ۽ هي بہ ٿڪل ٿڪل قدم کڻندو گهر ڏانهن راهي ٿيو، ان ويل پوڙهي ماءُ مينهون ڏهي رهي هئي، ماءُ کان کير جو گلاس وٺي چلهہ تي ويهي منجهند جي پيل چانورن جي ماني ٿانڊن تي سيڪي کائي ٻاهر نڪري آيو.

ننيڙي ڪڪائين جهڳيءَ ۾ هي ماءُ سان گڏ رهندو هيو. سندن ڪمرو بہ هوندو هيو جيڪي مٽيءَ مان ٺهيل جيڪو سندس ڳوٺ جي ٻاهران پکن ۾ رهندڙ اوڏن گڏهن تي جيڪي مٽي لڏي ناهيو هو ۽ ان جيڪي مٽيءَ ۾ هن بہ پنهنجا ننيڙا هٿ آلا ڪري انهن اوڏن سان گڏ ڪم ڪيو هو پر ٽي سال اڳ مسلسل وقفي وقفي سان پنج ڏينهن پوندڙ برسات ۾ اهو جيڪي مٽيءَ جو ڪمري جو هڪ پاسو ويهي رهيو هيو ۽ پوءِ ڪيئن نہ سندس امڙ ۽ هن گڏجي پنهنجو سامان ان ڪمري مان ٻاهر ڪيدي ڪکن ۽ سرن جي ڪانن جي ڪڙين ۽ پچرن مان ٺهيل منهن ۾ رکيو هيائين اجا هيءَ 12 سالن جو ئي مس ٿيو هو، جو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس پيءُ گذاري ويو هئس ۽ پوءِ هي ڳوٺ جون مينهون چاري گذر سفر ڪري پنهنجو ۽ پنهنجي امڙ جو پيٽ پيو پاليندو هو.
اونهاري جي ان وٽندڙ رات ۾ هوا گهلي رهي هئي ۽ مٿان وري چانڊوڪيءَ هن رات ۾ سونهن اوتي ڇڏي هئي، پنهل ڳوٺڙي ٻاهران دينو جي هوٽل تي وينل مختيار سان گڏ ويهي رهيو. جيڪو هنن جو روز جو مشغلو هوندو هيو.
”يار مختيار ڏس رات ڪهڙي نه وٽندڙ آهي اڄ ته ڳوٺ کان اجا ٻاهر نڪري هلون.“ پنهل مختيار جي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو.
”ها يار پنهل مون به اهوئي پئي سوچيو.“ مختيار وراڻيو.
دينوءَ جي هوٽل تان اٿي ٻئي آهستي آهستي ڳوٺ کان ٻاهر کوهه وٽ اچي پهچن ٿا.
”يار مختيار تون ٻڌاءِ ڪنهن سان اکيون اڙيئي؟ پنهل مختيار ۾ گهوريندو چئي وينو.
”ها يار پنهل.“ مختيار ٿڌو ساهه پريندي چيو.
”پوءِ ڇا ٿيو منزل تي پهتا يا...!! پنهل چيو.
”نه يار پنهل اسان جي نصيب ۾ منزل ڪٿي آ! اسان ته هن زندگيءَ ۾ رڻ جا راهي آهيون، منزل تي پهچڻ کان اڳ ٿٿي وڪري وياسين.“ مختيار چيو.
دوست اها هئي ڪير جنهن تنهنجو چين ڇني ورتو آهي.“ پنهل پڇيس.
سهڻي..! ؟ مختيار وراڻيو.
”سهڻي ... پر.. پر ان جي ته شادي ٿي وئي ٻئي ڳوٺ ۾.“ پنهل حيرت مان چيو.
”خبر آ...؟“
خبر آ ... يار مختيار ڇا ان توسان دوکو ڪيو ڇا؟.
”نه نه دوکو ته مون ڪيو هو....! مختيار اداس ٿيندي وراڻيو.
”دوکو تو ڪيو هو يار مختيار مونکي پريشان ته نه ڪر، پيرائتي ڳالهه ٻڌاءِ، تو پلا دوکو ڇو ڪيو سهڻي سان. ڪهڙي مجبوري هئي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي؟“ پنهل پڇيس.

”مجبوري ماءُ هئي منهنجي.“

پنهل هڪ رات سهڻي هن ئي ڪوهه تي مونسان ملڻ آئي هئي، هن جي اکين ۾ پهريون ڀيرو لڙڪ ڏسي تڙپي پيو هيس، منهنجي اکين مان بہ بي اختيار لڙڪ تري آيا هئا. سهڻي منهنجي ٻانهن ۾ اچي سڏڪڻ لڳي هئي، سڏڪندي سڏڪندي چيائين ”مختيار مائٽ منهنجي شادي ڪرائي رهيا آهن.“ سهڻيءَ جا اهي لفظ منهنجي مٿان هٿوڙن جيان وسيا هئا.

سهڻي چوڻ لڳي مختيار مان توڪانسواءِ نہ جي سگهندس، مون کي بچاءِ، منهنجو ساٿ ڏي، مان مري ويندس تو بن.“

سهڻي !! مون تي ڀروسو رک سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو، تون رڳو حوصلو رک ! مون دلاسو ڏيندي چيومانس.

”حوصلو ڪهڙو حوصلو رکان مختيار منهنجو ننڍي هوندي ئي مڱڻو ٿيل آهي هڪ اڻ واقف سان، جيڪو هن وقت نہ ڄاڻ ڪيترن گناهن ۾ جڪڙيل آهي. هو جواري ۽ نشائي آهي، ڇا مان ان سان جي سگهندس؟ ڪڏهن بہ نہ، مختيار هي سهڻي صرف تنهنجي آهي، صرف تنهنجي بہ ڏينهن اٿئي سوچڻ جانءِ منهنجي زندگيءَ جي باري ۾ مان ٻئي ڏينهن هن وقت هتي ملنديسانءِ.“ ائين چئي سهڻي مونکي پريشان ڇڏي هلي وئي.

”شابس اٿئي مختيار سهڻيءَ لاءِ ڪجهہ بہ نہ ڪيئي.“ پنهل ميار ڏيندي چيو.

”ڇا ڪيان ها دوست مان مجبور هئس.“ مختيار وراڻيو.

”ڇا مان پنهنجي جيجل ماءُ کي ڇڏي پاڻ خوشين ۾ گذاريان ها، ڪڏهن بہ نہ، جنهن جيجل منهنجي لاءِ ڏک ڏاڪڙا ڏسي مون کي پاليو، مان پنهنجي ماءُ جي هٿڙن مان نڪرندڙ رت کي ڪيئن وساريان، جنهن منهنجي پيٽ ۽ پالنا خاطر سئي ڌاڳي جو ڏينهن رات ڪم ڪري هٿ زخمي ڪيا، پر مونکي هر شيءَ فراهم ڪيائين پاڻ بکي رهي مونکي کارايائين، ٻڌاءِ پنهل مان پنهنجي ماءُ جي ان ممتا کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پلائي ڇڏيان ها. مان تہ سڄي زندگي ان جي هڪ رات جي اوجاڳي جو قرض بہ نہ ٿو لاهي سگهان، پوءِ ڪيئن پنهنجي ماءُ کي اڪيلو ڇڏي وڃي پنهنجي خوشين خاطر پيو ديس وسايان ها. امان کي ڳوٺ وارن جي رحم ڪرم تي ڇڏي بڌاءِ پنهل بڌاءِ“ مختيار جذبات مان چيو.

بنهي ۾ ڪجھ دير لاءِ خاموشي ڇانئجي وئي، مختيار ڪجھ سانت ڪانپوءِ ٻيهر ڳالهائڻ شروع ڪيو.

”جڏهن ٻي رات سهڻي مونسان ملڻ آئي تہ هن جي هٿن ۾ هڙ هئي، چيائين مختيار مان تنهنجي خاطر سيني کي ڇڏي آئي آهيان، اسان هميشہ لاءِ هليا ويندا سين هن ظالم لوڪ کان ڏور ڏور الڳ پيار ڀري دنيا ۾.“

”نہ سهڻي نہ تو غلط ڪيو آهي، سراسر غلط.“

”مختيار اهو تون ٿو ڳالهائين.“ سهڻي روئڻهڪاري ٿيندي چيو هو.

”ها سهڻي ٿورو سوچ، ڇا اسان پنهجين خوشين خاطر ماءُ پيءَ کي ڇڏي انهن کي روئاري هليا هلون ڇا تنهنجا ماءُ پيءُ ماڻهن جا طعنا ۽ ڳتا لفظ سهي سگهندا. ڇا وري هن ڳوٺ ۾ پيءُ ڏيءُ جڻڻ تي خوشي ڪندو. ڪڏهن بہ نہ سهڻي..! مان ائين نہ ٿيڻ ڏيندس مان پنهنجي ماءُ پيءُ جي ڪنڌ کي جهڪائي نہ ٿو سگهان، ڪڏهن بہ نہ ۽ ها سهڻي تون بہ ائين ٿيڻ نہ ڏي ۽ واپس گهر موٽي وڃ...!“ مون ڪيس سمجهائيندي چيو هو.

”خبر اٿئي دوست هن ويندي ويندي ڪهڙا لفظ چيا هئا..!“

”مختيار تو دوکو ڪيو آهي دوکو، تون بيوفا آهين بيوفا، مان ڪڏهن بہ توکي معاف نہ ڪنديس.“

پنهل اڳتي وڃي مختيار کي سيني سان لاتو جيڪو پنهنجا ٽمندڙ ڳوڙها اگهي رهيو هو.

”مختيار تون بيوفا نہ آهين تون عظيم انسان آهين عظيم انسان منهنجا دوست!“ پنهل ڳرنٽڙيون پائي آٿتون ڏيندي چيس.

رات ساري ماحول تي سڪتو طاري ڪري رکيو هو ڪٿ تي پنهل هر هر پاسا ورائي ننڊ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، پر هن جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکڙين ۾ تہ راڻيءَ جو سندر چھرو چٽجي ويو هو. هو مختيار جو گذريل ماضي ياد ڪري اٿي ويٺو. من ۾ مانڌاڻ مچي وئي هئس. سوچڻ لڳو ”ڇا راڻي مونکي ملي ويندي.“ ها ها مان راڻي کي پنھنجي ٻڌائيندس پلي مونکي ڇا بہ ڪرڻو پوي.

”ڇا راڻي جي ڪري ماءُ کي بہ ڇڏي ڏيندين ؟“ جڻ هن جي ضمير ڳالھايو.

”امان جيجل امان... هن جو ذهن پنوانٽيون کائڻ لڳو ۽ هو ڪٽ تان اٿي ٻاهر نڪري آيو ۽ آسمان کي گھورڻ لڳو جنھن ۾ تارا جڻ هڪٻئي سان ڪيڏي رهيا هئا.

”نہ مان ماءُ جي ممتا کي ٺڪرائي نہ ٿو سگھان مان ئي تہ ان جو سھارو آهيان.“

”ڇا راڻيءَ جي محبت کي ٺڪرائي ڇڏيندين؟“ اوچتو خيال اچي ويس.

”اجا تائين تہ مون راڻي سان دل جي ڳالھہ بہ نہ ڪئي آهي.“

”ڇا راڻي بہ توسان محبت ڪري ٿي ؟“.

وري سوچ هن جي ذهن تي گھيرو ڪري وئي.

”دماغ کي هٿ ڏئي هيٺ ويھي ڪاٺيون پورڻ لڳو. من ۾ هلچل مچي وئي هئس. دل ۾ هڪ عهد ڪيائين مان سياڻي راڻيءَ سان پنھنجي پيار جي اظهار ذريعي ان کي هميشہ هميشہ لاءِ پنھنجو ٻڌائي ڇڏيندس..“

اچانڪ ماءُ جي هٿن تي نظر پئجي ويس. جنھن ۾ لڦون پئجي ويون هيون. ماءُ جي چھري ڏي نھاريائين جنھن مان اڻ ڪٿ مامتا ۽ شفقت بکي رهي هئي. وري پنھنجي نظر ان جي پيرن ڏانھن ڪيائين ۽ پوءِ وڏي وجي بي اختيار ماءُ جي پيرن کي چمڻ لڳو. جو اچانڪ ماڻس ننڊ مان ڇرڪ ڀري جاڳي پئي.

”پٽ پنھل. ڇا ٿيو آ توکي تنھنجي اکين ۾ ڳوڙها ڇو؟ ٻڌاءِ پٽ“ ماڻس سيني سان لائي ڳراٽڙيون پائيندي چيس.

”امان امان مان هميشہ تو وٽ رهندس توکي پنھنجي خوشين لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قربان ڪين ڪندس امان مان تولاءِ جيئندس.“ هن روئڻهارڪي انداز ۾ چيو.
ماڻس حيران ٿي هن ڏانهن ڏسڻ لڳي ۽ هي پنهنجي وجود کي گهليندو کٽ تي ليٽي پيو هو ۽ ننڊ هن کي پنهنجي ٻانهن ۾ گهيري ورتو هو.
صبح پرهه ڦٽيءَ ڏاري مينهون ڇوڙي پنهنجي بانسريءَ کي چيلهه سان ٻڌي جهنگ ڏانهن نڪري پيو. ڳوٺ ٻاهران راڻيءَ کي کوهه تي اڪيلو ڏسي راتوڪو عهد جاڳي پيس ڪنهن جي پرواهه ڪرڻ بغير راڻيءَ جي ويجهو آيو. راڻي هن کي پنهنجي پرسان بيٺل ڏسي ڊڄي وئي.
”هتي ڇو بيٺو آهين پنهل!“ راڻيءَ حيرانيءَ مان چيس.
راڻي.. راڻي تون مونکي ڏاڍي وڻندي آهين مان توسان سچو پيار ڪيان ٿو ڇا تون به منهنجو ساٿ ڏيندينءَ...
پنهل جا اهي سادا ۽ پيار پريا لفظ ٻڌي هوءَ شرمائجي وئي .
نماڻا نيڻ ڪٽي پنهل راڻيءَ ڏانهن نهاريو جنهن جي منهن تي مرڪ ڦهليل ڏسي، پاڻ به مرڪي پيو هو ۽ راڻي گهڙا ڪڻي گهر ڏانهن هلي وئي.
پنهل کي راڻيءَ جو سهڻو چهرو وڏا ڪليل وار سنهڙي چيلهه جنهن جي مٿان گهڙو چلڪي رهيو هو. هرڻي جهڙي چال ياد اچڻ لڳا. وري جو راڻي جي مرڪ ياد آيس ته سمجهيائين راڻيءَ جي به مونسان پريت آهي، هٿ ۾ جهليل بانسري مان مست ٿي پيار پريا ساز ڪيڻ لڳو. پکي به جڻ ڪنڌ نمائي هڪ ٻئي کي پيار مان گهوري رهيا هئا. اهي پيار پريا ساز جڏهن پريرو مينهون چاريندڙ مختيار جي ڪنن سان ٽڪرايا ته ان کي به پنهنجي سهڻي ياد اچي وئي من ۾ آيس ته جيڪر هن پل سهڻي هن جي سامهون هجي ها! اکين مان لڙڪن جي لار ٽمي هيٺ ڪري پيس وڏي اچي پنهل جي پر ۾ ويٺو.
”يار پنهل اڄ ڪهڙي خوشي ملي اٿئي جو هي پيار پريا ٻول خوشيءَ جا ساز؟ ڇا ڳالهه آهي دوست؟! مختيار پڇيس.
”هڪ خوشي جي ٿو ڳالهه ڪريان مختيار“. پنهل بانسريءَ تان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجا چپ هٽائيندي چيو..

”دوست مونکي تہ اج ڪائنات جون ساريون خوشيون مليون ويون آهن“.... پنهل مختيار کي ڀاڪر ۾ ڀريندي چيو.

”يار مونکي بہ تہ پئي نہ خبر.“ مختيار چيو.

”مختيار اڄ مون راڻيءَ کي پنهنجي من جي ڳالهہ ٻڌائي.“

”پوءِ ڇا ٿيو؟“ مختيار جلدي پڇيس.

”يار مختيار ان جي من اندر بہ مون لاءِ محبت سمايل هئي، مرڪي اکيون ملائي هلي وئي گهر ڏانهن.“ پنهل وراڻيو

”اڙي ڇورا او نياڳا پنهون مينهن منهنجي فصل جي ڀيل ڪري ڇڏي ۽ تون ڳاليهن ۾ وينو آهين.“ چاچي صالح جي آواز تي لٽ کڻي مينهن ڏانهن ڊوڙيو.

”الائي ڪهڙيون ڳاليهيون پيا ڪن نياڳا! ٻئي ڪنهن جو خيال ئي نہ اٿن، اڙي پنهون اڳتي پنهنجي مينهن جو خيال ڪر نہ تہ ڊور ڊڪ ۾ ڏئي ايندو سانءِ سمجهيئي.“ چاچي صالح چتاءُ ڏيندي چيس.

”ڏٺئي پنهل عشق جو جادو اچا تہ منزلون اٿئي پيارا پاڻ هلون ٿا.“ اهو چئي مختيار مينهون هڪليندو هليو ويو.

پنهل اڪيلو اڪيلو سڄو ڏينهن بانسريءَ ۾ راڻيءَ کي ياد ڪري ساز ڇيڙيندو رهيو، هن کان منجهند جي ماني کائڻ بہ وسري وئي هئي، رومال ۾ ويڙهيل ماني بہ ٿي گرهہ مس هنيا هئائين باقي بچيل ماني مينهن جي وات ۾ وجهي ڇڏيائين.

شام جو کوهہ تان گذرندي راڻي کي ڏٺائين اندر ۾ اڻ تڻ مچي ويس راڻي کي مايوس ڏسي پنهنجو پاڻ کان ئي پڇڻ لڳو ڇا ٿيو راڻيءَ کي پريشان نظر پئي اچي.

دل ۾ آيس تہ ڊوڙي وڃي راڻيءَ کان پڇان ان اداسيءَ ۽ پريشانيءَ جو سبب پر ٻين ڇوڪرين کي ڏسي ٻيهي رهيو، راڻي بہ نيڻ مٿي کڻي پريرو بيٺل پنهل ڏانهن نهاريو ۽ راڻيءَ جي نيڻن مان لڙڪ ڳڙي سندس ڳلڙن تي ڦهلجي ويا ۽ پنهل بہ تڙپي روئڻهارڪو ٿي ويو، مينهون ڪا مهل گهر وڃي پهتيون هيون ۽ نيٺ راڻي ڪنڌ جهڪائي ساهيڙين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان گڏ هن جي نظرن کان اوجهل ٿي وئي هئي ۽ هن لاءِ ڪي ئي سوال چڙهي وئي هئي.

هو ٻوڙندو گهر ۾ داخل ٿيو. ماءُ کي نئين وڳي ۾ سنواريل سينگاريل ڏسي قدم رڪجي ويس، پنهنجي ڪڪائين ڪمري ۾ اچي سوچڻ لڳو امان کي پنهنجي ۽ راڻيءَ جي پيار جي باري ۾ ٻڌايان، اهو فيصلو ڪري ماءُ کي ٻڌائڻ لاءِ اٿڻ وارو ئي هيو ته ماڻس ٻه مٺان اچي ٻيٺس.

”پٽ پنهل گهر هججانءِ مان رات جو دير سان وري ايندس ڳوٺ ۾ سهرا آهن.“ ماڻس چيس.

”سهرا؟ امان ڪنهن جا سهرا.؟“ پنهل حيرت مان اتاولو ٿيندي پڇيس.

”پٽ ادي چڱيءَ جي ڌيءِ آهي نه راڻي ان کي اڄ ونواهه ۾ ويهاريندا، ان جي شادي خميسي ادي ولڻ واري ڇوڪري سان آهي اوڏانهن ٻه وڃڻو آهي لاڏن تي، ائين چوندي ماڻس هلي وئي.

ذهن وسامي ويس، ائين لڳس ڄڻ هرڪا شيءِ گول ڦرندي هجي، راڻي.... راڻي تون ته منهنجي آهين، صرف منهنجي آهين ٻارڙن جيان سڏڪندي چوڻ لڳو....

هڪ ننڍڙي ڇوڪري سندس گهر ۾ سهڪندي آئي چيائينس...

”ادا پنهل ادي راڻي تولاءِ نياپو ڏنو آهي چيو آهي ته

”ماءُ پيءُ کي نه ٿي ڇڏي سگهان.“

۽ پوءِ ننڍڙي هلي وئي

۽ ڪي ئي گهڙيون ساڪت ٻڌجي ويو

۽ پوءِ نيٺ ڳڻن تي ڦهليل ڳوڙها اگهي چوڻ لڳو ”راڻي تون عظيم آهين عظيم.“

شال سدا خوش گذارين، شل ڪوسو واءُ نه لڳئي...

۽ پوءِ چنل کٽ تي پيل بانسري کڻي ان مان ساز ڇيڙڻ لڳو ۽ اهي ساز ٻه ماحول سميت هن سان گڏ سوڳوار هئا............!!!!!

*(ماهوار هالا مئگزين ۾ شايع ٿيل)*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪرب

ان ڏينهن آءُ ڏاڍو اداس هئس، پبلڪ بينچ تي ويٺي مون صبح جي وقت وڏيون اوٻاسيون پئي ڏنيون، جو اچانڪ نظرون هڪ ڍير تي وڃي پيون هيون جنهن جي مٿان ڪوڙ سارا اڇا جانور پيا هيا.

جانورن کي ڏسندي ڏسندي نظرون ان گهر جي دروازي ڏانهن کڄي ويون هيون، جتي هڪ معصوم ٻارڙو مون جيان انهن وڪريل جانورن کي بيوسيءَ مان ڏسندي ڏسندي آخر انهن جانورن ڏانهن وڌڻ لڳو هو، پر پوءِ هو وچ رستي تي بيهي رهيو هيو، چهري مان ڏک ۽ بک نمايان هئس. ڇوڪري تان نظرون هٽائي ان ڍير ڏانهن ڪيم ته هڪ جهٽڪو لڳو، چاڪاڻ ته ان ڇوڪري جي پهچڻ کان اڳ هڪ رولو ڪتو انهن جانورن وٽ پهچي چڪو هو.

ڏٺم اهو معصوم ٻالڪ پنهنجي اڻ پوري رهجي ويل آس اندر ۾ سانڍي ان رولو ڪتي کي ڏسندو ڏسندو آخر واپس پنهنجي گهر ڏانهن هليو ويو، پر آءُ اهو منظر برداشت نه ڪري سگهيو هئس...

ٽڪل قدم کڻندو اچي قائم جي چپر واري هوٽل ۾ ويٺو هئس، هڪ معصوم ٻيري جڳ پاٽيءَ جو آڏو رکندي چيو،

ها صاحب چانهه پيئندئو...؟

چيومانس ها!!

دوڌ پتي هجي يا...؟

ان ويل اهو دوڌ پتي وارو جملو وچ ٻڌجي مٿان ڪريو هو، پاڻ کي سنڀاليندي چيومانس چينڪ ۾ هڪ چانهه ڪٽي آ.

کيسي ۾ ڪل ست روپيا هيا، چار روپيا چانهه جا ڏئي واپس گهر ڏانهن وريو هئس جو امان ڏسندي ئي چيو هو... ڪائي آئين شهر مان ڏڪا!

ماءُ جي انهن لفظن جو ڪوبه ڏک نه ٿيو هو، آخر ماءُ آ نه...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماءُ جو بہ ڪو ڏک ڪبو آ چا....؟

ڪمري ۾ اچي ڪٽ تي پاڻ کي اڇليم ۽ اکيون بند ڪري ڇڏيم. نڪ ۾ هڪ وڻندڙ خوشبوءِ جو احساس جاڳيو هو، اکيون کولي ڪمري کي ڏٺم ڏاڍي خوشي ٿي هئي امان چيڪي متيءَ جو راڳو ناهي ڪمري کي ڏنو هو ۽ ان جي ڪري ئي ڪمري مان اها وڻندڙ خوشبو آئي هئي. ان ويل بابو بہ واپس آيو هيو، ٻنيءَ تان اچڻ شرط مون تي نظر پيس تہ مون ڏانهن وڌي آيو، چيائين علي بخش تيار ٿي تہ رئيس وڏي جي اوطاق تي هلون. رئيس ننڍو آيو آ مبارڪ بہ ڏئي اچونس ۽ تنهنجي نوڪري جي لاءِ بہ ڪا منٽ ميڙ ڪيانس، تيار ٿي پٽ جلد ڪر.

رئيس ننڍو تازو ڳوٺ جي اٻوجهہ ماڻهن کي دلاسا ڏئي ۽ پيئسن عيوض ووٽ وٺي ايم پي اي ٿيو آ. مون بہ چونڊ مهم ۾ سندس ڳوٺ جو ۽ هاري هئڻ جي ناتي ڳوٺ جي گهٽي گهٽي ۾ پوسٽر ۽ نعرا هنيا هئا ۽ وري جڏهن رئيس ننڍو کٽي ويو هو تہ خوشي مان جهمريون پاتيون هئم...

اڙي ڇورا ڇا ٿو سوچين جلد ڪر دير ٿي وئي آ، ڪاٿي رئيس ننڍو هليو نہ وڃي.

ڇرڪ نڪري ويو هو بابي جي رڙ تي، جلدي مان ڪپڙا مٽائي ٽين جي ڳري ويل پيٽيءَ مان ڪاغذ ڪڍي بابي جي پويان پويان اچي رئيس وڏي جي اوطاق تي پهتو هئس. سامهون ڦرڻ واري فوم جي ڪرسي تي بهاول خان عرف رئيس وڏو پنهنجا شهپر وٽي رهيو هو ۽ سندس سامهون ڳوٺ جا ڪيترائي ماڻهو هيٺ فرش تي ويٺا هئا، بابي رئيس وڏي کي پيرن تي هٿ رکي هٿ ڏنو هو مان وس آهر نوڙي ادب مان رئيس وڏي کي هٿ ڏئي هڪ ڪنڊ ۾ اچي ويٺو هيس، جو رئيس ننڍو بہ اچي ويو هو. سڀ ادب وچان اٿي رئيس ننڍي جي آجيان ڪرڻ لڳا هئا، مبارڪ مبارڪ جا لفظ فضا ۾ وڪرڻ لڳا هئا، آئون بہ رئيس ننڍي جي پرسان آيو هئس، سوچيو هئم رئيس ننڍو ڀاڪر پائي ملندو، پر ان ويل جهٽڪو لڳو هو جو رئيس ننڍي کيڪارڻ بنا ٻن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڱرين جو هٿ مس ڏنوهو، منهنجي اندر ۾ ڪاوڙ جا پيڙ ٻرڻ لڳا هئا، مٺيون ڀڪوڙجي ويون هيون، ڪڏهن اليڪشن دوران رئيس نديي جا پاڪر ۽ اڄ.....

سڀ ويهي رهيا هئا آئون به ويهي رهيو هئس، رئيس نديو به رئيس وڏي جي پرسان خالي پيل ڪرسي تي ويهي پنهنجا شهپر وٽڻ لڳو هو، پوءِ آهستي آهستي هرڪو پنهنجا پنهنجا ڪم رئيس نديي کي ٻڌائڻ لڳو، ڏنم بابو به رئيس نديي جي آڏو ٻانهون ٻڌي چوڻ لڳو...

رئيس منهنجو پٽ مئٽرڪ پاس آ، اوهان کي رب پاڪ طاقت ڏني آ ڪا نوڪري وٺي ڏيوس ته لک ٿورا ٿيندا، اوهان جا لک لائق ٿيندا رئيس.

ان ويل رئيس نديي جي پرسان بيٺل ڪمدار رسول بخش بابي جي هٿ مان ڪاغذ وٺي ٻين ڪاغذن سان گڏائيندي چيو هو. تون فڪر نه ڪر جمعا تنهنجي پٽ کي نوڪري ملي ويندي...

رئيس وڏي سميت رئيس نديي به ڪوڙ سارا دلاسا ڏنا هئا ۽ اسان به اميد جي چٽنگ اندر ۾ دڪائي واپس وري آيا هئاسين.

وقت جو وهڪرو گذرندو ويو، تان جو ڳوٺ جي ڏهاڪو کن ڇوڪرن کي رئيس نديي نوڪريون وٺي ڏنيون هيون، پر آئون اڃا آسري ۾ هئس ڏاڍو مايوس ٿي ويو هئس. ان ڪري اڻ تڻ وڌي وئي هئي، ابي امان جو ڇڙٻون ۽ دڙڪا سهڻ منهنجو معمول بڻجي ويو هو.

ڪيئي گهڙيون ويٺي ويٺي آسمان کي تڪيندو هئس ۽ وري آسمان کان نظرون هٽائي هٿن جي ريکائن کي پيو ڏسندو هيس. نه ڄاڻ ڇو زندگي کي ٻاڻ تي ٻوجهه سمجهڻ لڳو هئس هڪ وڏو ٻوجهه.....!

ان ڏينهن به جڏهن آسمان ڏانهن تڪي رهيو هئس جو اچانڪ نظرون وڃي حور تي پيون هيون. حور واقعي حور مثل هئي، زندگيءَ جا اٺ سال صرف حور جي چهري کي تڪيندي ان جي سونهن کي ارپنا ڪري ڇڏيا هئم ۽ پوءِ اچانڪ هڪ ڏينهن منهنجي دل جي دنيا ۾ هڪ جنون طوفان برپا ڪري ڇڏيو هو.

حور جي شادي موالي عيدو سان ٿي وئي هئي، نه ڄاڻ ڇو اڪين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان لڙڪ ٽميا هئا. پنل پنل اکين سان آسمان ڏانهن ڏسي وري ذهن جي عڪس تي حور ۽ عيدو جو چانيل چهرو ڏسي ڪي ٿي پل خدا جي ان تخليق کي ساراهيو هئم پر جڏهن عيدو جي شڪل اکين آڏو آئي هئي تہ ڪرب اچڻ لڳي هئي ان کان ڪرب...

خيالن جي دنيا مان واپس اچي حور کي تڪڻ لڳو هئس، جيڪا مون کان ڪجھ پرپرو ويٺي جا منيا وجهي رهي هئي. ان جو اداس چهرو ڏسي اندر ئي اندر ۾ ان تخليق ناهڻ واري کي هڪ ميار ڏيندي ڇيو هئم."

او سيني تعريفن وارا تو هھڙو ڪلور چو ڪيو گلن جهڙي معصوم حور هڪ موالي جي ڪرب واري زندگيءَ ۾ ڏئي ڇڏيئي....

هن جي مرجهايل چهري کي وڏيڪ نہ ڏسي سگهيو هئس ڪڏهن ان ئي چهري تي مسڪراهٽن جا ميڙا متل هوندا هئا اڄ ان چهري مان مرڪون اڏامي ويون هيون... نہ ڄاڻ ڇو قدم حور ڏانهن وڌڻ لڳا هئا پاڻ کي چاهيندي بہ نہ روڪي سگهيو هئس، پرسان ويهندي چيومانس...!

حور او حور خوش تہ آهين نہ!؟

ان ويل هٿن مان ڇيٽو ڪري پيو هئس، مون کي پنهنجي مٿان ڏسي ويتر اداس ٿي وئي هئي. ڏٺم هوءَ ڪنهن ڊنل هرڻي جيان هيڏانهن هوڏانهن ڏسي رهي هئي ۽ پوءِ چيائين علي بخش تون هليو وڃ، هتان ڪنهن ڏسي ورتو تہ عيدو مون لاءِ قيامت آڻي ڇڏيندو. تون هليو وڃ هتان هليو وڃ علي بخش تون هليو....

خوف جو هڪ جهٽڪو منهنجي جسم ۾ بہ آيو هو، واقعي منهنجو حور جي مٿان ويهڻ غلط هو. اهو سوچيندي جڏهن واپس ورڻ لڳو هئس تہ نظرون وڃي سامهون عيدو تي پيون هيون جيڪو ٽيز ڪائيندو گهر ڏانهن وڃي رهيو هو. پوئتي لوٽو هٽي ڏٺم حور بہ ڇيٽن بنا خالي تغاري کڻي گهر ڏانهن تيزيءَ سان وڃي رهي هئي.

ذهن تي حور جو چهرو ڇائنجي ويو هو من اندر مانڌاڻ مچي وئي هئي، سوچن جو سلسلو گهرو ٿيندو پئي ويو.....


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندر ۾ آس جاڳي هئي ڪاش! حور مونکي ملي ها. هي زندگي ڪيڏي نہ سندر ٿي وڃي ها. پوءِ هڪ ڏينهن هوٽل تي ويٺي اچانڪ چرڪ نڪري ويو هو پرسان ويٺل موالين جي ٽولي جون ڳالهيون ٻڌي....

اڙي مجو... ان ڏينهن عيدو وٽ وزم جا پئسا ڪونہ هئا پوءِ تہ اچي همراهہ منهنجو پاسو ورتو مان بہ موقعو ڏسي جمعدار عدلو کان ڪجهہ ڏوڪڙ وٺي آيس ۽ پوءِ عيدو جي گهر اچي عيدو کي سلفي جي مٿان سلفي هٽايم اصل آسمان تي پڄايومانس ۽ پوءِ سئو جو پتو ڏنومانس تہ راضي ٿي ويو....

اهي لفظ هٿوڙا بڻجي مون مٿان وسڻ لڳا هئا... مٺيون ڀڪوڙجي ويون هيون جو عيدو بہ اچي پر ۾ ويٺو هو هن کي ڏسندي ئي ڪرڀ اچڻ لڳي هئي..!

پرسان ويهندي چيائين علي بخش هلندين ڇا؟

پڇيومانس ڪاڏي؟

منهنجي گهر سئو روپيا خرچ ايندئي

ڏنم عيدو اهي لفظ بنا ڪنهن هٻڪ ۽ پڇتاءُ جي چئي ويو هو. جيءُ ۾ آيو تہ سٽ ڏئي هن جو ڪنڌ وڍي ڇڏيان...

چپ چاپ اتان اٿي هڪ طرف هلڻ لڳو هئس. انهن موالين جا ۽ عيدو جا لفظ هٿوڙا بڻجي منهنجي ذهن تي وسڻ لڳا هئا...

حور جو معصوم چهرو، عيدو جو روپ... منهنجي مرجهايل محبت.. دماغ ڦاٽڻ لڳو هو...

شام ويل جڏهن گهر موٽي آيو هئس تہ هڪ خبر اچا جهوري وڌو هو.

حور خودڪشي ڪري ڇڏي......!!!!!!

ان ويل ماحول کان بہ ڪرڀ اچڻ لڳي ڏٺم انسانيت کان ڪرڀ کي بہ ڪرڀ لڳي رهي هئي....

*(ماهوار نئين زندگي حيدرآباد مارچ اپريل 2006 جي شماري ۾ شايع ٿيل)*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مـرشـد

گهر جي آڳر تي ويهي، پوڙهي هاجران ڏسي پئي، هن جي مرشد جي گاڏي پري کان ڊوڙ اڏائيندي. ڳوٺ ڏانهن اچي رهي آهي. هوءَ رڙ ڪري ٿي، ڇوڪريون وارو ڪيو مرشد اچي ويو. پاڳ نيارا ٿي ويا. ۽ پاڻ ٻوڙي وچي ٿڪ جي نئين رلي ڪٽي اچي کٽ تي وڇائي ٿي.

سيراندي کان ويهاڻو رکندي، خوشيءَ وچان چپن ۾ ڪجھ گنگنائي ٿي، پريرو بيٺل سندس نوجوان ننهرون ۽ ڪنواريون ڌيئرون هن کي ڏسي رهيون هيون.

اڙي ڇوڪريون منهنجو منهن ڇا ٿيون ڏسو.

مرشد سائين لاءِ ڪو سانجهڻ ڪيو وڃو. جلدي ڪيو؟

پٽ عيدن اهو ڪڪڙ پڪڙ وڃي ڪهرائي اچ.

جلدي ڪر جلدي مرشد سائين لاءِ.

وراڻدي ۾ بيٺل پُٽڙو ست ڏئي ڪڪڙ جهڙپي وٺي ٿو.

گهر ۾ ڪڪڙ جو ٻوڙ مانيون تيارڻي وڃن ٿيون.

مرشد ۽ سندس خليفا ڳوٺ جي ٻين گهرن مان ٿيندا.

حاجران جي گهر اچي پهتا.

در جي چونٺ تي مرشد هڪ پير اندر مس رکيو جو پوڙهي هاجران سندس پيرن تي ڪري پئي جڻ سجدو ڪندي هجي.

۽ مرشد سڌو اچي آڳر تي پيل ٿڪ جي رلي تي ويٺو.

خاص خليفو سيراندئ کان ٿي ويٺس.

باقي ننڍڙا خليفا ۽ مريد گهر کان ٻاهر وڃي وڻ هيٺان ويٺا.

مريدياڻي حاجران مرشد جي پيرن کان ڪٽ هيٺ ويهي ادب سان ٻانهون ٻڌي مرشد تي گهور پئي وئي.

مرشد اکيون ٻوٽي ڪي پل چپن ۾ ڪجھ پڙهندو رهيو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاموشي ڇانئجي وئي،
مائي حاجران؟
اوچتو رڙ ڪري مرشد چيو.
جي جي مان صدقو پنهنجي مرشد تان، منهنجو مال ٻار ٻچا سڀ قربان سچي مرشد تان، ٻڍڙي حاجران مرشد جي پيرن تي هٿ رکندي چيو. گنج تي ويندئي، سڀ گنج تي ويندئي مائي،
جي مرشد جي سچا مرشد،
حاجران ڏن لاءِ گڏ ڪيل پيئسا، نيون رليون ، وهاٽا، ڪٽڪ جي تيلين مان ٺاهيل دٻڪيون اچي مرشد جي پيرن پرسان رکيائين،
جن کي خليفي جهڙپي ورتو.
۽ پوءِ ماني لڳي وئي،
مرشد ديسي ڪڪڙ کي ڳهندي ڳهندي،
پريرو بيٺل مائي حاجران جي نياڻين جي جواني جانچڻ لڳو،
ڳاڙهين اکين ۾ وحشت اڀري آيس،
جيڪا خاص خليفو بہ پرکي ويس،
ائي ڇوڪريون اچو هٿ ڌوڙايو مرشد جا ۽ ٿانو بہ کڻو،
مائي حاجران جي آواز تي اکيون جهڪائي بيٺل ڇوڪريون اڳتي وڌيون.
مرشد هنن جي جسم کي وحشي بگهڙ جيان تڪيندو رهيو،
گهر جو دروازو کليو،
هڪ نوجوان هٿن ۾ ڪتاب کنيو آيو پئي،
پٽ سڏير هيڏانهن اچ،
مرشد جي پيرن تي هٿ رک.
مرشد سائين پوٽو آهي منهنجو يارهين پاس ڪئي اٿس هاڻ ٻارنهين ۾ آهي دعا ڪيوس تہ پڙهي جج ٿئي.
حاجران مرشد جي آڏو ٻانهون ٻڌندي چيو.
سندس پوٽو سڏير مرشد ڏي اچڻ بدران گهر جي ورانڊي ۾ بيٺل امڙ ڏانهن وڌيو ۽ معني خيز نظرن سان ڏسندي ڪمري ۾ هليو ويو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوري جي آڪڙ تہ ڏس مائي، مرشد کي ٿو پنني ڏئي، سڙي ويندو اهو دنياوي علم ڪم ڪونہ ايندس خليفي موقعي جي مناسبت سان چيو، نہ نہ مرشد منهنجي پوٽي کي بددعا نہ ڏجو بي سمجهہ آهي.

پوڙهي حاجران ڏڪندي چيو،

گهر جي ڪمري مان سرباٽ اچڻ لڳا،

مرشد وهاٽي کي ٽيڪ ڏئي حاجران جي ڌيئرن کي ڏسندو رهيو،

اکين ۾ وحشت ڳاڙهي ٿيندي پئي ويس.

۽ پوءِ هڪل ڪري چيائين،

مائي حاجران اڄ رات تو وٽ ترسندس،

لک قرب مرشد سائين اسان جا ڀاڳ، اسان جا وار ئي نيارا ڪري ڇڏيو اکين تي مرشد اکين تي.

پوءِ مرشد خليفي کي سمجهايو ۽ خليفو ٻاهر ويٺل مريدن ۽ ٻين کي چيو مرشد رات هتڙي آرام ڪندو اوهان سڀني کي اجازت آهي.

ماڻهون ٽڙي پکڙي ويا.

حاجران جي گهر ۾ مرشد کٽ تي ليٽي ڪوڙيون اکيون پوٽي وحشي نظرن سان سندس ڌيئرن جي جسمن کي تڪيندو رهيو، ۽ رات جي پلاننگ ٺاهيندو رهيو.

خبر ئي نہ پئي سياري جو سج، اچانڪ مسجد مان ٽيپهري جي ٻانگ جو آواز آيو.

حاجران جو پوٽو سڏير گهر جي آڳر تي نلڪي مان وضوو ڪري معمول مطابق مسجد ڏانهن ويو نماز جي لاءِ. پر مرشد کٽ کان چريو ئي نہ،

سڏير جيئن ئي نماز پڙهي واپس موٽيو تہ ڏٺائين ماٽس گلاس ڀاڻيءَ جون ڪنيون مرشد جي آڏو نوڙي بيٺي آ ۽ مرشد منهن کي چندا پيو هڻي.

تپي باهہ ٿي ويو، رڙ ڪيائين امان!

توهان نوڪر آهيو ڇا هن جا،

پيراندي کان ٻيٺل پوڙهي حاجران سن ٿي وئي،

مرشد کان چرڪ نڪري ويو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڙي ڇورا خاڪ ٿي ويندي گستاخ،
سندس ڏاڏي رڙ ڪري چيو،
ٻڌ امان وڏي،
مان هن جو مريد ناهيان،
توهان مريدياڻي آهيو هن جي،
اڙي ڇورا مڙ مڙ قيامت ڪاري ٿي ويندئي،
ابن ڏاڏن کان مرشد اسانجا،
تون انهن کي ڳٺي پيو ڏين تباهه ٿي ويندين.
مرشد جون خوف وچان اکيون ڦوٽارجي ويون، پريرو بيٺل حاجران جي پوٽي کي ڏسندو رهيو.
ڏاڏي امان پنهنجي مرشد کان پڇ ته سهي،
نماز هنن کي معاف آهي ڇا؟
غير محرم عورتن کي ڏسڻ جائز آهي،
غريب مريدن کان پنڻ جائز آهي،
مرشد مريدن جا محتاج هوندا آهن ڇا،
هنن ڇتن کي ته شريعت، دين جي خبر به ناهي،
حاجران جو پوٽو سڌير ڪاوڙمان هڪ ساهي سڀ لفظ چئي ويو،
مرشد جا طاق لڳي ويا.
پرسان بيٺل خليفو مرشد کي خوف وچان ڏسڻ لڳو.
وراندي ۾ بيٺل حاجران جون ڏيئرون مرشد جي بي عزتي ٿيندي ڏسي رئو وات ۾ ڏئي کلنديون رهيون، ڇڙ سڌير هنن جي دل جي ڳالهه ڪري ورتي هجي.
اڙي مڙ مڙ ڇورا،
منهنجي مرشد کي ائين نه چئو،
ڪنو پاڻي به باهه وسائيندو آهي، اجايو پنهنجي قيام ڪاري نه ڪر.
ٿين جو دروازي آواز ڪيو حاجران جو وڏو پٽ احمد گهر ۾ داخل ٿيو ڪلهي تي ڪوڏر هيس ۽ مٽي تي گاهه جي پڻارڪ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽ احمد سمجهاءِ پنهنجي سڪي لڏي ڪي سمجهاءِ مرشد جي شان ۾ پيو گستاخي ڪري.

احمد گاهه جي پناڪ اگر تي اچلي اچي مرشد جي پيرن تي هٿ رکيا، ڏنائين مرشد جي هٿ ڏڪي رهيا هيا ۽ ڏڪندڙ هٿ هن جي پٺي تي رکيائين.

چا ٿيو پٽ سڏير امان چا پئي چوي،

بابا سائين گستاخي معاف،

توهان مونکي اسڪول ۾ چو پڙهايو ان لاءِ تہ مان سڏران، آفيسر ٿيان لکي پڙهي ڪجهه ڪيان ...؟

هاپٽ پر اهڙو چا ٿيو؟

بابا ڏس نہ هي مرشد اسان جو مائٽ ناهي، عزيز ناهي پوءِ بہ گهر ۾ چو وينو آ. نوجوان ننگ آهن گهر ۾ ۽ هٽا ڪٽا اڪيون قوتاري انهن ڪي پيا ڏسن. ڪمائين ڪونہ مريدن ڪان پنن انهن مريدن ڪان جيڪي محنت مزدوريون ڪري پيٽ پالين ۽ هي وري انهن جي پيٽ تي لتون ڏين.

هل پٽ تون هل اندر هل پٺهس سڏير ڪي چيو ۽ سڏير ڪمري ڏانهن هليو ويو.

مرشد سائين معاف ڪيوس چوڪرو بي سمجهہ آهي،

پٺهس ٻانهون ٻڌندي مرشد آڏو بيهي رهيو.

مرشد جي اندر ۾ سڏير جا لفظ تتل تانبا ٿي ڪيس ساڙڻ لڳا.

وراندي ۾ بيٺل حاجران جون ڏيئرن جي توڪ واري ڪل ڪيس ٻڏڻ جهڙو ڪري ڇڏيو.

پيرن ۾ بيٺل حاجران جي بي وسي ڪيس خطري ڪان آگاهہ ڪري ڇڏيو.

پاڙي جي عورتن ڪچي پت جي مٿان بيهي سپ منظر پئي ڏٺا ۽ ڪنن تي هٿ رکي توبهون پئي ڪيون.

مرشد جي ليکي منهنجي بي عزتي تي توبهون پيون ڪن،

سچ لهڻ وارو هيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرشد ۽ خليفو هڪٻئي ڪي سواليہ نظرن سان ڏسي رهيا هيا ۽ پريان گهر جي ڪمري مان مرشد لاءِ سڏير جو ڪروڏ پريو آواز اچي رهيو هيو.

جڻ چوندا هجن حاجران جي مئي ڪانپوءِ هي در بہ بند ٿي ويندو.. !

خليفي ڪيسي ۾ پيل ننڍڙو ڪتابچو ڪوليو ۽ رڙ ڪيائين،

مرشد سائين رات جي ماني ۽ قيام تہ توهان جو منور وارن وٽ هيو ان جي ڳوٺ ۾.

هي ڏسو بڪ ۾ لکيل بہ آهي.

پوڙهي حاجران خليفي جي هٿ ۾ ڪنيل بڪ ڪي ڏسندي رهي،

هلڻ جي تياري ڪيو زبان ٿيل آ،

مائي حاجران وري ٻئي دفعي تو وٽ رات رهبي زبان ڏنل آ منور وارن ڪي.

پوڙهي حاجران ٻئي هٿ مرشد جي پيرن تي رکي ڇڏيا،

مرشد سائين منهنجي ٻچڙي ڪي دعا ڪجو بي سمجهہ آهي بددعا نہ ڏجو مان توهان جي در جي ڪتي آهيان، مرشد سائين،

مرشد اٿي بيٺو،

گنج ٿي ويندئي، سڀ گنج ٿي ويندئي مائي.

اسان دعا جا در آهيون،

صدقي مرشد مان صدقي،

مرشد سامهون ڏٺو حاجران جو پوٽو ڪمري مان ٻاهر اچي رهيو هيو،

۽ مرشد تڪڙو تڪڙو گهر مان ٻاهر نڪري ويو........................؟؟؟؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بـگـھـڙ

رات جي سانت ۾
چور چور جا آواز، گهٽين ۾ پيرن جي ڀڙڏڪ،
”نہ ويندين نہ ويندين“ جا آواز بندوقن جا ٺڪاءُ ۽ ڪمرن ۾ ننڍڙا ٻار مائرن جي ڪڇ ۾ لڪڻ ۽ پوءِ فجر مهل ننڍڙي شهر جي ٽاٽي ٻاهران ماڻهن جا انبوهہ بيٺل هئا. اسڪول ڏانهن ويندڙ معصوم ٻار هٿن ۾ قاتل ۽ پراڻن ڪتابن سان، ماڻهن جو ميڙ ڏسي اسڪول وڃڻ بدران ٽاٽي تي اچي بيٺا ۽ ٽاٽي جي منهن جي ڇت ۾ ٽنگيل اگهاڙي وجود کي ڏسن ٿا ۽ اهو اگهاڙو وجود ان ميڙ ڏانهن ڏسي ٿو ۽ ڏسي ڏسي وري پنهنجيون اکيون جهڪائي ڇڏي ٿو، پر درد جي شدت ان کي اکيون جهڪائڻ نہ پئي ڏئي ۽ هي ٻار ٻار سور جي شدت مان اکيون کٽي ان ميڙ ڏانهن ڏسي ٿو، پر هن کي ڪوئي نظر نہ ٿو اچي جيڪو هن جون رسي سان ٻڌل ٻانهون ڇوڙي کن پل لاءِ زمين تي ويهاري...!“
هن جي پريرو بيٺل سنتري کي ڪرسيءَ تي ويٺل صوبيدار اشارو ڪري ٿو ۽ اهو سنتري هٿ ۾ جهليل لٺ ان اگهاڙي جسم تي وسائڻ شروع ڪري ٿو، پر ان اگهاڙي جسم مان دانهن نہ ٿي نڪري ائين پئي لڳو ڄڻ اهي لنيون ڪنهن ربڙ نما شي تي وسي رهيون هيون..
اڙي هي تہ ميهر آهي...!
اوچتو ميڙ ۾ پويان بيٺل هڪ نوجوان رڙ ڪئي...!
ڪهڙو ميهر ؟.
ان نوجوان جي پرڀرو بيٺل ان رڙ ڪندڙ نوجوان کان پڇي ٿو.
”يار ميهر ڪونہ سڃاڻين پر واري ڳوٺ وارو مشهور چور ۽ ڦورو...!!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ها ها يار واقعي هي تہ اهوئي ميهر آهي مان ڪيس وڏيل ڏاڙهي ۽ وارن جي ڪري نہ سڃاڻي سگهيوسانس رڻ ڪنڌڙ نوجوان جي پر ۾ بيٺل چيو

”پر ميهر پوڙهي گوهر جي گهر ۾ ڇو گهڙيو هو تہ ڇڇ غريب آهي گهر ۾ ٻڪري بہ ڪونهيس ويچاري ڪي“

بيٺلن ٻيهر سس پس ڪئي

۽ پوءِ آهستي آهستي اهو ميڙ ڇڙ وڇڙ ٿي ويجي ٿو ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو ميهر کي ٽنگيل ڏسي وري هليو ٿو وڃي...

”صاحب تون مونکان واقف ناهين ان ڪري جو هڪ تہ تون اسان جي تر جو ناهين، جي واقف هجين ها تہ مون سان هيڙو حشر نہ ڪرين ها ”ميهر ڪرسيءَ تي ويٺل ان پوليس پوسٽ جي ٿاڻي تي آيل نئين صوبيدار ڏانهن ڏسندي چوي ٿو ۽ پوءِ اهو صوبيدار جواني جي جوش ۾ اچي ميهر جي پرسان بيٺل سنترين کي چوي ٿو

”ليٽايو هن کي“ ۽ پوءِ سنتري جڻ ڪنهن ٻڌل ڍور کي ڇوڙي زمين تي اوندهو ليٽائي وجهن ٿا ۽ صوبيدار سچ پترو هٿ ۾ کڻي ميهر جي ...... تي وسائڻ شروع ٿي وڃي ٿو ۽ پوءِ جڏهن ٿڪجي پوي ٿو تہ سنترين کي اشارو ڪري ميهر کي لاڪ اپ ڪرڻ جو چوي ٿو ۽ سچ پترن جي آواز تي وري ٿاڻي ٻاهران گڏ ٿيل ماڻهن کي صوبيدار هڪل ڪري ٿو تہ اهي اتان ڇڙ وڇڙ ٿي وڃن ٿا ۽ هي ڪرسي تي ويهي گولڊ ليف جي پاڪيٽ مان سگريٽ ڪڍي ان مان ڪش هڻڻ شروع ڪري ٿو، صوبيدار جي سامهون ويٺل پوڙهو هيسيل هيو جنهن جي گهر ۾ ميهر رات جو گهڙيو هو پر ٻاتين جي سڃاڳ ٿيڻ تي ڀڄڻ جي ڪيائين تہ پڪڙجي پيو هو ۽ ميهر کي جڏهن انهن گهر ٻاتين سڃاتو تہ واپس گهر ڏانهن موٽي آيا هئا پر موقعي تي پهتل پوليس کيس ٿاڻي تي وٺي آئي هئي ۽ پوءِ صوبيدار سپاهين کي موڪلي انهن گهر ٻاتين کي گهرايو هو.

شهر مان بہ ڏينهن اڳ موٽر سائيڪل بہ چوري ٿي هئي رات جو هڪ گهر مان جنهن جا پيرا بہ ميهر جي ڳوٺ ۾ ميهر جي گهر ٻاهران


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڏي ڀاڳيا واپس موٽي آيا هئا ۽ پوءِ ٻئي ڏينهن پوليس ۾ وڃڻ بجاءِ شهر جي هوٽل تي وينل ميهر سان گڏ ويهي ڳالهيون ٻولهيون ڪري اها موٽر سائيڪل واپس ڪرائي آيا هئا.

سچ لهڻ جا سانباها پئي ڪيا ۽ صوبيدار هڪ وڏي اوباسي ڏئي ڪرسي تي ويهي رهي ٿو.

ها تہ چاچا تنهنجو نالو ڇا آهي؟ صوبيدار سامهون وينل پوڙهي کان پڇي ٿو

”سائين گوهر... گوهر منهنجو نالو آهي“. پوڙهي آهستگيءَ سان صوبيدار کي وراڻيو.

تہ پوءِ چاچا گوهر هن حرامي تي ڪيس داخل ڪيو ويندو هن گهڻو ئي ماڻهن کي آزاريو آهي، صوبيدار پوڙهي ميهر ڏانهن ڏسندي چيو

”نہ سائين اسان غريب آهيون ڏجون ٿا هي ڏاڍا ماڻهو آهن اسان هنن سان ڦٿائڻ نہ ٿا چاهيون، پوڙهي صوبيدار جي اڳيان اٿي ٻانهون ٻڌندي چيو ئي مس جو ٿاڻي جي احاطي ۾ اچي پوليس موبائيل بيٺي هئي. جنهن مان حد جو ايس ايچ او لٿو ۽ صوبيدار ڪرسي کي ڇڏي اڳتي اچي ان کي سليوٽ ڪيو هيو ۽ ٿاڻي جو باقي عملو الرٽ ٿي بيٺو هيو، هڪ سنتري پوڙهي گوهر کي ڪرسيءَ تان اٿاري ٿاڻي جي ڪنڊ ۾ اچي ويهاريو هيو ۽ پريان لاڪ اپ جي شيخن پويان وينل ميهر جي جسم ۾ ايس ايچ او کي ڏسي جڻ ساهہ پئجي ويو هو.

ڏهن منٽن تائين پوليس پوسٽ جي انچارج ۽ ايس ايچ او نويڪلائي ۾ ڳالهائيندا رهيا هئا ۽ پوءِ سنترين لاڪ اپ جو دروازو کولي ميهر کي ٻاهر ڪڍي ايس ايچ او جي موبائيل ۾ اچي ويهاريو هيو ۽ موبائيل دونهان ڪيندي ٿاڻي کان ٿورو پريرو وڃي بيٺي هئي ۽ ميهر کي لاهي اڳتي وڏي وئي هئي ۽ ٿاڻي ۾ بيٺل گوهر کي صوبيدار وڃڻ جو چئي، پنهنجي ڪمري ڏانهن روانو ٿي ويو ۽ گوهر دل ئي دل ۾ شڪرانا ادا ڪري گهر پهتو. پر پوءِ بہ اندر ۾ هڪ اڻ ڄاتل خوف هيس، اهڙو خوف جنهن جو تصور ڪري پئي ڇرڪ ڀريائين، گهر ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڳر تي هن جي پرسان ويٺل نوجوان ڏيۀ هن کي خاموشيءَ سان ڏسي رهي هئي ۽ سندس ڪٽ تي ستل بيمار گهر واري پڻ هن ڏانهن پئي ڏٺو ۽ هي ڪنهن گهري سوچ ۾ غرق هيو جو جوڙس جهيڙي لهجي مان پڇيس سهڻيءَ جا پيءُ ڇا ٿيو..؟؟

هن ڪان ڇرڪ نڪري ويو سوچن مان ٻاهر نڪري ڪلهي تي پيل پوتڙو لاهي ڪٽ تي رکندي چيائين بس سهڻيءَ جي ماءُ الله پاڪ خير ڪندو. ڪيس داخل ڪرائڻ جو پئي چيو پوليس پر الله سائين مدد ڪئي نہ تہ اصل لنبدي تي پئي پير رکرائي پوليس اسانجو مونکان بہ تہ غلطي ٿي وئي جي خبر هجي ها ميهر گهر ۾ گهڙيو آ تہ رڙيون اصل نہ ڪريان ها پر ڏيۀ سهڻي جو الڪو شادي بہ مٿان پوتار ڪان قرض ڪڍي ۽ سوپي وارن ڪان ڏاج جا پيسا وٺي ڏيۀ جو سون نهرايم ان جي چوري ٿي وڃڻ جي خيال ڪان دانهون نڪري ويون ۽ هيڏو ممڻ مچي ويو آ...

”پوليس تہ ڇڏيو نہ ميهر کي...!! جوڙس پڇيس

”ها پوليس تہ هٿ ڪيڏيس پر وڙهيا تمام گهڻو اٿس اهو وير ضرور هوندس اسان جي لاءِ اندر ۾“. گوهر پنهنجي اٽين وارن کي کنهندي چئي ڪٽ تي اهلجي پيو هيو.

۽ ستي سوچون ورائي ويس ”ميهر تي رئيس وڏي جو هٿ آهي پوليس ۾ جڏهن بہ ڦاٿو آ رئيس ئي هن جي جان آجي ڪرائي آ پوءِ هو اسان جي گهر ۾ چو گهڙيو شايد سهڻيءَ جو ڏاج ڪڻڻ آيو هو؟

”نہ نہ سهڻي جو ڏاج چو ڪڻندو ڪيس خبر آهي ميهر کي سوپي جي پٽ سان سهڻي جو رشتو هن جي سامهون اوطاق ۾ ئي تہ طئہ ٿيو هو پوءِ...!!!

”بس الله پاڪ خير ڪري ۽ ڏيۀ جو بار لهي جلد کان جلد بس سپاٽي مان سوپي وارن ڏي ويندس تہ ويجهي تاريخ طئي ڪن نہ تہ ميهر جي اسان جي گهر ۾ گهڙڻ واري واقعي کانپوءِ جيترا وات اوتريون ڳالهيون ٿينديون، اهو سوچي سندي خبر نہ پئي هئس ننڊ پئجي ويو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صبح جو گوهر کي دروازي تي سڏ پئي ٿيا ۽ هي ڪٽ تي اٿي ويهي رهيو "الله سائين خير ڪري وري الائي ڪير آ صبح ساڻ" ائين چئي اچي گهر جو دروازو کوليائين جو سامهون رئيس شهباز خان جو ڪمدار آچر بيٺل ڏٺائين، جنهن جي زمين جو هارپو ڪندو هيو..

اصل ڪمدار آچر کي ڏسي وايون ئي بتال ٿي ويس، اڻ ڄاتل خوف سچ ثابت ٿيڻ لڳس...

ڪمدار خير تہ آهي صبح صبح جو هتي.....

گوهر توکي پوتار گهرايو آهي مونسان گڏ هل ۽ پوءِ گوهر گهر موٽڻ بجاءِ ڪمدار سان گڏ اچي رئيس جي بنگلي ٻاهران اوطاق ۾ اچي وينو هيو.

ڏٺائين اوطاق ۾ سوڀي خان وارا بہ وينا هيا جنهن جي پٽ کي پنهنجي نياڻي سهڻيءَ جو سڱ ڏنو هئائين ۽ ڪجهہ ڏينهن ۾ شادي بہ ٿيڻي هئي، وڏي وجي انهن سان هٿ ملائڻ جي ڪوشش ڪيائين تہ سوڀي جو اڌ آڱرين ۾ ڪاوڙ مان ڏسي هٿ ڏيڻ واري ورتاءُ هن کي اڻ ڄاتل خوف ۾ جڪڙي ورتو ۽ هي پرپرو ٿي ڪنڌ جهڪائي ويهي رهيو هيو جو رئيس شهباز خان بہ اچي پهتو هيو ۽ سيئي ڪيس پيرين پئي ويهي رهيا هئا ۽ رئيس پنهنجي ڪرسيءَ تي ويهي سيني کي ويهڻ جو اشارو ڪيو هو ۽ پوءِ گوهر کي ڏسي چيائين

"گوهر سوڀي وارا توسان ڀاءُ ٿيڻ کان انڪاري آهن".

گوهر سوڀي ڏانهن ڏنو جيڪو منهن خراب ڪري رئيس ڏانهن ڏسڻ لڳو. ها! بلڪل رئيس اسان شريف ماڻهو هنن سان ڳنڍجڻ نہ ٿا چاهيون هنن جي چوري الائي ڪنهن ڪنهن سان گل ڪلايون وينئي آهي..!! سوڀي ڪروڌ مان چيو.

"نہ نہ سوڀا منهنجي ڌيءَ اهڙي ناهي هوءَ پاڪ پوتر آهي اهڙا الزام تہ نہ هڻ ٻيلي."

"وڏي پاڪ پوتر آهي تہ ميهر چو رات جو چوري تنهنجي گهر ۾ گهڙيو ٻڌاءِ جيڪڏهن پاڻي جي واري تان ورندي مون وارو پٽ نہ ڏسيس ها تہ.... اسان ان بدچلن چوري مان ڦاسي وجون ها ۽ ماڻهو پيا اسان جا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪ وڏين ها سڄي عمر، سوڀي رئيس شهباز خان ڏانهن منهن ڦيريندي چيو

پوڙهي گوهر جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا، جهيڻي لهجي ۾ چيائين "پوٽار سوڀي ڪي جهل منهنجي نياڻيءَ لاءِ اهڙا لفظ نه ڳالهائي هوءَ معصوم آهي..."

"ڏس گوهر سوڀي جي ڳالهين ۾ به دم آهي پلا ميهر تنهنجي گهر ۾ سوبه رات جو ڇو پيو رستا لتاڙي، تنهنجي گهر ۾ سواءِ تنهنجي ڌيءَ جي ته ٻي ڪا ملڪيت ڪانهي."

رئيس جا لفظ به هٿوڙا بڻجي پوڙهي گوهر جي دماغ تي لڳا اصل وايون ئي بتال ٿي ويس ۽ هي مٽي ڪي هٿ ڏئي هيٺ زمين تي ويهي رهيو هو ۽ ٻئي هٿ مٽي ڪي ڏيندي ڪجهه پل سوچي چيائين "پوٽار مان ساک ڪٽان ٿو منهنجي نياڻي پوبتر آ".

"ڏس گوهر هاڻ سوڀي وارا ڪڏهن به قبول نه ڪندا ته تنهنجي ڇوڪري هنن جي گهر ۾ اچي اهڙو سون ئي گهوريو جيڪو ڪن ڇني ان لاءِ منهنجو فيصلو اهو آ ته توکي سوڀي وارن جيڪي ڏاج جا پيسا ڏنا هيا اهي واپس ڪرڻا پوندا ۽ اهي پيسا مان اڄ ئي سوڀي کي ڏيان ٿو باقي ڇوري تنهن کي به مان شينهن ڪلهي چاڙهيندس تون هرويرو پريشان نه ٿي ۽ پوءِ رئيس شهباز خان ڪمدار آچر کي هڪل ڪئي ۽ ان پاسي واري ڪيسي ۾ پيل پيسا ڪڍي سوڀي جي تريءَ تي رکيا ۽ سوڀي کي وڃڻ جو چئي پوڙهي گوهر کي ويهڻ جو چيائين.

سوڀو هليو ويو ته رئيس شهباز خان ڪمدار آچر ڏانهن ڏسي اک ڀڃي پنهنجي بنگلي ڏانهن هليو ويو ۽ پوءِ ڪمدار آچر ٻانهون ٻڌي ويٺل گوهر جي ڪلهي تي هٿ رکي پاڻ سان گڏ ويهاريندي چويس ٿو،
خبر اٿئي گوهر رئيس وڏو ميهر تي تمام گهڻو ڪاوڙيل آ ۽ هاڻ هن جي اوطاق تي اچڻ تي پابندي وڌي اٿس، پوٽار جي هارين جي ننگن ۾ تو اکيون وجهي حرامزادو."

"تون پريشان نه ٿي گوهر پوٽار وڏو آهي نه سڀ ٺيڪ ٿي ويندو بس رڳو تون ها ڪر اصل رڳجي ويندين صفا ۽ تو واري ڇوڪري به


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شينهن ڪلهي چڙهي ويندي.“

تنهنجو ڇا مطلب آهي ڪمدار مان سمجهيس نہ پوڙهي گوهر پريشاني مان ڦيريون ڀيرو پاڻ سان گڏ هڪ ڪٽ تي ويٺل ڪمدار آچر ڪي گهوريندي پڇيو...

”ڏس گوهر تون بہ پوڙهو ٿي ويو آهين گهر ۾ نوجوان ڇوڪري اٿئي تنهن ڪي بہ ڄڻ ميهر گهر ۾ گهڙي داڳ ڏئي ويو اٿئي هاڻ تہ ان سان ڪو شادي بہ نہ ڪندو ۽ پيو ڳالهيون ڪندو ان لاءِ منهنجي صلاح اٿئي تہ پنهنجي ڌيءَ سهڻي کي پوتار جي ڪلهي چاڙهہ مان پاڻهئي پوتار کي راضي ڪندس هونءَ بہ پوتار رئيساڻي جي وئي کانپوءِ اڪيلو اڪيلو ٿي پيو آهي.“

پوڙهو گوهر ڪمدار آچر جي انهن لفظن تي ٽپي ٻاهہ ٿي ويو پر ڪاوڙ کي اندر ۾ اوڳاڇي اٿي ٻيهي رهيو ۽ ڪنڌ جهڪائي ڪمدار آچر کي چيائين ”ڪمدار رئيس تہ منهنجي عمر جو آهي ۽ منهنجي ڌيءَ .“

”تڪڙ نہ ڪر گوهر تڪڙ نہ ڪر پاڳ وارو آهين جو تنهنجي اها ڇوڪري رئيساڻي گهر ۾ پئي اچي ڪن ڪولي ٻڌي ڇڏ جيڪڏهن پنهنجي ڌيءُ کي رئيس سان لائون لهرائيندين تہ ان جي باري ۾ ڪو ٻڙڪ بہ ٻاهر نہ ڪيندو ۽ جيڪڏهن نہ تہ سڄو شهر چوندو ڇوري ميهر سان ڪريل هئي ان ڪري سوپي وارا بہ هٿ ڪيڏي ويس پوءِ سمجهين ٿو اها ويني پوڙهي ٿي ويندئي ۽ ٻي ڳالهہ تہ جيڪڏهن رئيس چاهي تہ ڇوري کي وٺي پاڻ وٽ زوري ويهاري بہ سگهي ٿو ڇاڪاڻ تہ توڏي رئيس جو قرض ايڏو آهي جو سڄي عمر تون تہ ڇا تنهنجو اولاد بہ نہ لاهي سگهندو. شڪر ڪر جو پوتار سڄي عمر جو ٽڪو توتي ۽ تنهنجي ڌيءَ تي لائڻ نہ ٿو ڏي. سمجهيئي هاڻ هل وڃي سوچ مونکي جلد ورندي ڏجان انتظار رهندو. هفتي جي مهلت اٿئي جي نہ تہ مان رئيس کي چوندس تون ان کي پٽي پيو ڏين پوءِ جيڪو رئيس وڏي جو حڪم ائين چئي ڪمدار آچر هليو ويو ۽ پوڙهو گوهر اوطاق جي پٺين کي ڏسندو رهيو جيڪي هن جي چوطرف ڦري رهيون هيون ۽ ڪي ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پل مٿي کي هٿ ڏئي تصور ۾ پنهنجي نياڻي سهڻيءَ کي پٽي ڏنائين تہ وري ٻئي پاسي رئيس شهباز خان کي پٽي ڏنائين جنهن جا پير قبر ڪنڌيءَ تي اچي پهتا هيا .

پوڙهو گوهر اوطاق مان نڪري گهر ڏانهن آيو پٽي جو پنهنجي ٻنيءَ ۾ وڻ جي هيٺان ڪمدار آچر کي ميهر سان گڏ بيٺل ڏنائين جيڪي ٺهڪ ڏئي رهيا هيا ۽ هي ڪاوڙ ۾ تپي باهہ ٿي ويو. پر ڏٻرو وجود مسڪيني حال ڏسي هنن ڏي اچڻ بجاءِ گهر ڏانهن راهي ٿيو.

گوهر کي گم صم ۽ ساٿو ڏسي جوٽس پڇيس ”خير تہ هو سهڻيءَ جا پيءُ رئيس وڏي خير ۾ گهرايو هيئي ؟“ .

ان سوال تي گوهر پريرو آڳر ۾ ٿانو مليندڙ سهڻيءَ ڏانهن بي وسيءَ مان ڏٺو هيو ۽ پوءِ ڪنڌ جهڪائي ويهي رهيو هيو ڪن پل جي خاموشيءَ ڪانپوءِ گهر واري ٻيهر پڇيو هيس ”تون خاموش ڇو آهين سهڻيءَ جا پيءُ آخر خير تہ آهي؟..“

”سهڻي ماءُ منهنجي ڌيءُ کي سوٻي وارن ميهر سان الزام هڻي رشتي کان انڪار ڪيو آهي ۽ وري رئيس وڏي سهڻيءَ جو هٿ گهريو آ پنهنجي لاءِ....!!!

۽ پوءِ ڪي ئي پل خاموش خاموش هڪٻئي کي تڪيندا رهيا هيا ۽ سهڻي بہ اهي لفظ ٻڌي پيءُ جي پرسان آئي هئي ۽ سندس ڪنڌ ۾ پنهنجيون ٻانهون ڦيرائي هڪ ڳراٽڙي ڏيندي چيوهئائينس

”آءُ اجري آهيان بابا، آءُ اجري آهيان“

ها ڌيءُ پر هي ظالم ڏاڍا ماڻهو پاڻ غريب ۽ مفلس ڇا ٿا ڪري سگهون ڪيترا وات بند ڪنداسين ۽ ڪنهن سان مقابلو ڪنداسين.“

پوءِ بابا ان پوڙهي سان پرڻائڻ کان بهتر آ مونکي جيئري ئي گهٽو ڏئي ڇڏ، منهنجو خون معاف اٿئي..!! سهڻي اهو چئي روئيندي ڪمري ۾ هلي وئي هئي

۽ گوهر جون اکيون بہ اٿلي پون ٿيون ۽ ڪلهي تي پيل پوتڙي سان اکيون اگهي آڳر ڏانهن ڏسي ٿو. جتي هن جا بہ معصوم پٽڙا ۽ ٽن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سالن جي معصوم نياڻي راند ڪيڏي رهيا هئا

۽ پوءِ پنهنجي بيمار زال ڏانهن ڏسي ٿو جيڪا بيماري جي سبب ڦڪي ٿي وئي هئي. جڻ رت جسم ۾ هيس ئي ڪونه ۽ پوءِ گهر جي آڳر ۾ پيل ان جي گنديءَ ڏانهن ڏسي ٿو. جنهن ۾ باقي ڪجهه ڏينهن جا ڪٽڪ داڻا بچيا هئا ۽ پوءِ پاڻ مٿان رئيس جو قرض ڏسي بي حال ٿي وڃي ٿو.

”پوءِ نياڻي ڪي جيئري ئي ماري ڇڏيندين سهڻيءَ جا پيءُ؟. زال جي ان سوال تي پنل اکيون ڪٽي ان ڏانهن ڏسي ٿو.

”پوءِ تون ئي ڏس سهڻي ماءُ ٻيو ڪيون ڪهڙو رستو آ ان کانسواءِ“. گوهر بيوسيءَ مان اهي لفظ چئي ڪٽ تي آهلجي پوي ٿو.

ڪمدار آچر جي هفتي جي ڏنل مهلت ۾ هڪ ڏينهن باقي هيو ۽ پوڙهو گوهر مهلت پوري ٿيڻ کان اڳ ئي اچي رئيس شهباز خان جي اوطاق تي رسيو هيو. جنهن کي ڏسي ڪٽ تي ڪانپ هٽي وينل ڪمدار آچر جون واڇون ئي ٽڙي پيون هيون ۽ پري کان ئي سمجهي ويو هيو ته رئيس وڏي لاءِ شڪار تيار آهي..!!

”ڏي خبر گوهر ڇا فيصلو ڪيئي.“

ڪمدار آچرحال احوال پڇڻ کان اڳ ۾ ئي بي تاب ٿيندي پڇيس

”ڪمدار منهنجي طرفان ها آهي پر ڇوڪري....!!

اڙي ڪٿي عمر آندي اٿئي گوهر ڇوڪري ههڙا عيش ڏسندي ته پئي دعائون ڏيندئي. سڄي عمر پئي سٽيا ڪاڏا ۽ عمدا لباس ڍڪيندي زندگي نهي ويندس زندگي. بس تاريخ ڏي ته جيئن تو واري ڇوڪريءَ کي جلد شينهن ڪلهي چاڙهجي. مون رئيس کي راضي ڪيو آهي ۽ رئيس به ها ڪئي آهي

”ايندڙ جمعي رات پلي نڪاح ڪري وڃو...!! گوهر ڪنڌ جهڪائي بيوسيءَ مان ڪمدار آچر کي چيو ۽ ڪمدار آچر گوهر کي وڏو ياڪر پائي چيو ويهه ته مان رئيس کي اها خوشخبري ٻڌايان ۽ پوءِ جهٽ پل کانپوءِ ڪمدار آچر رومال ۾ ويڙهيل پيسا ۽ ڪجهه سامان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گوهر کي اچي ڏنا ۽ چيو هئائينس وڃ تياري ڪر اسان جمعي رات ۾ شاهد وٽي ڇوڪري جو نڪاح ڪري وٺي ايندا سينس.

۽ جڏهن اهو سامان ۽ پيسا گوهر کڻي گهر آيو هيو ته سهڻي سڏڪڻ لڳي هئي ۽ ماءُ جي پيرن کان ويهي چيو هئائينس امان تون سمجهاءِ نه بابي کي...!!!

۽ پوءِ گوهر ڏيءُ جي پرسان اچي ويٺو هيو ڏس ۽ مٿي تي هٿ رکي چيائينس ڏس پٽ هنن پنهنجي بيمار ماءُ کي ڏس جنهن جي دوائن جا پيسا به ڪونهن ۽ هو سامهون پنهنجي ٻن معصوم ڀائرن ۽ ڀيڻ ڏانهن به ڏس ۽ هن گهر جي مفلسي ڏانهن به تورو ڏس."

۽ پوءِ سهڻي اهو ٿيلهي ۾ پيل سامان وٺي ڪمري ۾ آئي هئي جنهن ۾ شاديءَ جو جوڙو به هيو ۽ پوءِ هو تصور ۾ ٽي مهينا پوئتي هلي وئي هئي. اهو هن لاءِ ڪيڏو نه نياڳو ڏينهن هيو جڏهن ٻنيءَ تي پيءُ کي ماني ڏيڻ وئي هئي، ته ڪمدار هن کي اڪيلو ڏسي ڪيس زوري ڀاڪر ۾ پري هن کي مروڙڻ لڳو هو ۽ هن جو پوڙهو پيءُ هن کان پري فصل کي گڏ ڏئي رهيو هو ۽ پوءِ هن ڪمدار کي منهن تي ٿڪ هڻي ٿيلهو ڏنو هو ۽ هن واتر ۾ وڃي ڏو ڪيو هو ۽ پوءِ ڪمدار ڪاريهر وانگر هن جو ويري ٻڌجي ويو هو ۽ پيو هن جا رستا تڪيندو هيو پر سهڻيءَ جا تيور ڏسي پيو پڄرندو هيو ۽ اهوبه هن لاءِ وڏو بدقسمت ڏينهن هيو. جڏهن ڪٽڪ جي لاٻارو ڪندي رئيس شهباز خان جون نظرون هن جي پگهر سان شل ڇاتين تي پيون هيون، جيڪي ڪٽڪ لٽڻ مهل هڪبئي سان ٽڪرائجي رئيس شهباز جي وجود ۾ هلچل مچائي رهيون هيون ۽ پوءِ جڏهن سهڻي اچانڪ پنهنجي سامهون رئيس شهباز جون ڦوٽاريل اکيون پنهجين ڇاتين تي ڏٺيون هيون ته پرسان پيل رئو کڻي پنهنجو سينو لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي هئائين پر جبلن جيان سيني جا اڀار پوءِ به ان سنهي رئي مان ڪر ڪنيو بيٺا هئا ۽ رئيس جي پويان بيٺل ڪمدار آڇر سڄي ماجرا سمجهي شيطاني مرڪ مرڪي سوچڻ لڳو رئيس جي ڪلهي چاڙهيانس پوءِ مونکان ڪاڏي ويندي ۽ پوءِ تڪڙو پوتار جي پر ۾ اچي چيو هئائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رئيس پوڙهي گوهر جي ڏيءُ اٿئي ڏس نہ صفا ڪونج آ اصل ڪونج تنهنجي ڪچ ۾ تي سونهين هيءَ سون ورني جواني...!!

۽ پوءِ رئيس مرڪندي اڳتي وڌي وڻ جي هيٺان لڳل نلڪي مان پاڻيءَ جي گاگهر پريندڙ گوهر جي پرسان اچي ويٺو هيو.

سهڻي پاڻ کي بگهڙن جي وچ ۾ ڦاسندو ڏسي رهي هئي، اهڙا بگهڙ جيڪي هن جي جسم کي پٽيندا ۽ پوءِ ٿيلهي ۾ پيبل وڳي مان رئو ڪڍي ڪمري جي ڪام ۾ بڌو هيو ۽ پوءِ پنهنجي معصوم پيٽ ۽ پائرن کي سيني سان لائي کين خوب ڳل ڳراٽڙيون پاتيون هئائين ۽ پوءِ وراندي ۾ آئي هئي جتي سندس ماءُ پيءُ بصرن سان ماني ڳيو کائي رهيا هيا ۽ هڪ گهري نظر انهن تي وجهي ڪمري ۾ اچي پاڻ کي ان ڳاڙهي رئي ۾ لٽڪائي انهن بگهڙن کان هميشہ جي لاءِ آزادي وٺي گهٽو پري وڃي چڪي هئي ۽ سهڻي جي موت جي خبر شهر ۾ باهہ جيان پکڙجي وئي هئي. خبر ٻڌندي ئي رئيس شهباز خان سميت ڪمدار ۽ ڪجهہ هاري اچي پوڙهي گوهر جي گهر پهتا هيا، جتي آڱر ۾ سهڻيءَ جو لاش پيو هو ۽ پوڙهو گوهر ۽ سندس ماءُ پار ڪڍي روئي رهيا هئا گهر ۾ اوڙي پاڙي جون مايون بہ پهتيون هيون. پنهنجا سپ خواب چڪناچور ڏسي ڪمدار رڙ ڪئي هئي

”ڪافر تي مئي ڪافرياڻي ڪنهن جاءِ جي هن ڪافرياڻي جو تہ جنازو پڙهڻ بہ جائز ناهي پوتار“

۽ پوءَ آڱر ۾ بيٺل ماڻهو گهر کان ٻاهر ويندڙ رئيس ۽ ڪمدار جي پويان لڳي پيا هيا ۽ پوڙهو گوهر بيوسيءَ مان انهن انساني بگهڙن کي گهر مان ٻاهر ويندو ڏسي رهيو هيو جيڪي سندس نياڻي جي امهلي موت جا ذميوار هيا ۽ پوءِ بيوسيءِ مان پنهنجي اچي اجري نياڻيءَ جي بي جان جسم کي چنبڙي اوڇنگارون ڏيڻ لڳو هو.....!!!

# فـانـي دنيـا

اڄ هن جي تدڦي تي غمگين ويٺو هيس، هن جي لاش جي تدفين ٿيڻي هئي ڪجهه گهڙين ۾. رات ئي ته هن دم ڏني حوالي ڪيو هو اسپتال جي بستري تي.

اڃا چند ڏينهن اڳ ئي ته هن سان ملاقات ٿي هئي، هو ڪراچي جي هڪ سرڪاري اسپتال جي وارڊ ۾ بستري تي ليٽيل هيو.

اکيون ڏرا ڏئي ويون هيس ۽ روزانو ڏاڙهي ڪوڙمنهن تي اڇا وار نمايان هيس ۽ مٿي جا خضابي ڪارا وار به اڇا ٿي ويا هيس. جنهن منهن مان رت ڇلڪندو هيو صفا ڳاڙهو منهن اڄ اهو ويران ٿي ويو. هو مونکي ائين لڳي رهيو هيو هن کي ڏسي، ڄڻ ڪو سنڌ جو اجڙيل شهر هجي...!!

مونکي پنهنجي مٿان بيٺل ڏسي ان ويران چهري تي مرڪ ڦهلجي وئي هيس ۽ بيڊ تان اٿڻ جي ڪوشش ڪئي هئائين ته مون اڳ ۾ ئي ڪلهي تي هٿ رکي کيس اٿڻ نه ڏنو هو ۽ ڪمزوري سبب پيهر پنهنجي ٽوڙڙي اٿيل چيلهه کي ان بيڊ تي اڇلائي ڇڏيو هئائين".

"ڪيئن آهين شهزاد صاحب...؟" مون پاڻ سان گڏ فروٽ جي ٿيلهي ۽ منرل واٽر جون به عدد بوتلون هن جي بيڊ پرسان رکندي پڇيو هيو مانس.

"يار قادر هاڻي ته مان صاحب ناهيان رٽائيرمينٽ کانپوءِ اڄ تون پهريون ئي شخص آهين جو صاحب چيو اٿئي ۽ واحد بچپن جو دوست آهين جو مهينن کان اسپتال ۾ داخل آهيان پڇڻ آيو آهين. باقي پيا ته وقت جا يار هيا بس". شهزاد گهري اداسائيءَ مان چيو هو.

"واقعي ...؟" اچرج مان پڇيومانس

"ها يار واقعي ڪوبه ملڻ نه آيو آهي اسپتال ۾ هن وارڊ ۾ سپ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهو مونڏانهن ڏسندا آهن ائين لڳندو آ ڄڻ ڪو لاوارث وجود هجان مان، بابا ۽ امان جي وڇوڙي ڪانپوءِ تہ واقعي لاوارث ٿي ويو هيس پر پوءِ پنهنجن رشتن بہ لاوارث ڪري ڇڏيو هيو...!!“

”پنهنجن توکي لاوارث ڪيو يا تو پنهنجن کي لاوارث ڪري ڇڏيو هو شهزاد ..؟ ڇهري ۾ گهور وجهندي پڇيومانس

”ها منهنجيون بہ تہ گهڻيون ڪوتاهيون آهن قادر“ جهيڻي آواز ۾ چيو هئائين.

”يلا تنهنجي برڪا تہ آئي هوندي ضرور تو وٽ نہ..؟“

ڏنم منهنجي هن سوال تي شهزاد ويتر اداس ٿي ويو هو ۽ ڪنڌ ٻئي پاسي ڪري اسٽينڊ ۾ لڳل ڊرپ کي ڏسندي چيائين ”ان کي تہ ڪافي ڏينهن ٿيا آهن جو راهون الڳ ڪري وئي آهي...!!

”مطلب منهنجيون سڀ ڳالهيون درست ثابت ٿيون آهن نہ شهزاد؟“

”ها يار بس پنهنجي وڏي جو ويچ نہ طبيب.“

”هن تي ڪهڙي ميار، سر ڏيڻ جون ڳالهيون ڪرڻ وارا دوست جيڪي هر رات گڏ هوندا هيا اهي بہ تہ ڇڏي ويا ڏکئي وقت ۾...“ ٿڌو ساهہ ڪڍندي چيو هئائين.

۽ پوءِ آءُ ڪيسي مان هن جي مدد لاءِ ڪڍي آيل لفافو هن جي ڪيسي ۾ وجهندي موڪلائڻ لاءِ اٿيو هيس جو ٻانهن کان وٺي پرسان ويهاريو هئائين ۽ پوءِ ان پنهنجي ڪيسي ۾ پيل لفافي کي کولي انهن ۾ پيل نوٽن کي گهورڻ لڳو هيو

”قرض لاهڻ آيو آهين نہ قادر...؟“

”نہ فرض پورو ڪرڻ آيو آهيان شهزاد.“

ياد اٿئي منهنجا يونيورسٽيءَ ۾ فيس ۽ سليبس جا پيسا بہ تہ تون ادا ڪندو هئين ۽ آءُ اڄ جنهن نوڪريءَ ۾ آهيان اها بہ تہ تنهنجي ڪري آهي.“

پنهنجا ماس بنا هڏاوان هٿ منهنجي ڇپن تي رکندي چيو هئائين شرمندو ٿو ڪرين.“

چيومانس نہ تنهجيون ڀلايون ٿو ڳڻيان يار ۽ ها مان هلان ٿو پهرين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخ تي وري چڪر لڳائيندس ۽ ڪو ٻہ ڪم هجي تہ منهنجي هن نمبر تي ضرور ڪال ڪجان مان پهچي ويندس تو وٽ پنهنجو وزيٽنگ ڪارڊ ڏيندي مان اسپتال مان نڪري آيو هيس ۽ هفتي ڪانپوءِ هڪ نمبر تان فون آئي هئي ۽ سندس گهر واري سڏڪندي ٻڌايو هو ادا قادر شهزاد اسان ڪان پري هليو ويو."

ڪو وقت هيو جڏهن شهزاد جي جسم تي وردي هوندي هئي، پوليس جي وردي ۽ هي ان وردي جي طاقت جي انڌ ۾ هوندو هيو ۽ هن جو عروج هيو. لگزري گاڏي، شاندار فليٽ ۽ ان فليٽ ۾ روزانو رات جو ڪائي جي گلاسن ۾ اوتجندڙ وسڪين جون بوتلون ۽ ميوزڪ جي ردم تي چلڪندڙ شبابي جسم ۽ انهن جسمن جي سنهڙين چيلهن ۾ هن جي ۽ هن جي دوستن جي ٻانهن جا وڪڙ ۽ پوءِ رات جي آخري پهر ۾ انهن جسمن سان گڏ بيڊن تي بيهوش ٿي ڪري پوڻ وارا منظر سڀ منهنجي اکيان هُئا، جن ڪان مان هن کي اڪثر منع ڪندو هيس ۽ نہ چاهيندي بہ مونکي بہ ٽي دفعا زوري پاڻ سان گڏ پنهنجي وقتي يارن جي انهن محفلن ۾ ويهاريو هئائين. ان دوران مون برکا کي بہ ڏٺو هو جيڪا مشڪل سان سترهن سالن جي هئي، سلڪي وار دلڪش چهرو بس سراپا حسن هئي ۽ اها هن جي پرسنل گرل فرينڊ هئي، برکا ڪير هئي ڪٿان آئي هئي، اها تہ شهزاد کي بہ پوري خبر نہ هئي پر هن حيدرآباد ۾ پوسٽنگ جي دوران هڪ ڊانس محفل جي اختتام ڪانپوءِ ڊانسر شازيہ کي جڏهن ان جي فليٽ تي ڊراپ ڪرڻ ويو هو تہ ان فليٽ ۾ چانهہ جون چسڪيون پريندي هن جي نظر وڃي ان برکا تي پئي هئي جيڪا پنهنجي ڪمري مان نائٹ ڊريس ۾ نڪري هن جي اکين سامهون گذري ٻئي روم ڏانهن هلي وئي هئي ۽ هن جا حواس اهو گلدار حسن ڏسي وڃائجي ويا هيا، جو شازيہ اچي ڪلهي تي هٿ رکي ان حسن جي سحر مان واپس آندو هيس ۽ چيو هئائينس شهزاد صاحب ڪٿي گم ٿي ويا آهيو ۽ پوءِ شهزاد ان ڇوڪريءَ ڏانهن اشارو ڪيو ۽ ان اشاري کي شازيہ سمجهي وئي هئي ۽ پوءِ هفتي ڪانپوءِ برکا شهزاد جي نالي ٿي چڪي هئي ۽ هي هر مهيني هڪ لک روپيا ۽ ان جو خرچ ادا ڪندو هيو ۽ پوءِ ڏسندي ڏسندي برکا هن کي پنهنجي ڪچڙيءَ جواني جي نشي ۾ جڪڙي ڇڏيو هو ۽ پوءِ هڪ ڏينهن شهزاد مونکي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسڪيءَ ۾ مست ٿي چيو هو. قادر توکي خبر آ برڪا مونسان ڪيترو پيار ڪندي آ تنهن تي مون چيوهيومانس ”شهزاد هو توسان نه پر تنهنجي پيسن سان پيار ڪندي آ.“ ۽ پوءِ ٿيو به ائين ئي هيو جڏهن شهزاد روڊ ايڪيسڊنٽ ۾ بستري تي پئجي رهيو سندس ميڙي چونڊي علاج ۾ ختم ٿي وئي هئي ته برڪا جي مالڪن ماهوار رقم نه ڏيڻ تي برڪا کي پاڻ وٽ روڪي ورتو هو ۽ هن ڏانهن وڃڻ کان منع ڪري ڇڏي هين ۽ پوءِ برڪا به پنهنجو موبائيل نمبر بدلائي ڇڏيو هيو ۽ شهزاد به سرڪاري نوڪري لاءِ ان فٽ ٿي چڪو هيو ۽ هن کي ميڊيڪل ريٽائيرمينٽ وٺرائي وئي هئي ۽ ان ريٽائيرمينٽ سان ئي آهستي آهستي هن جي سڪئي وقت جا دوست پاسيرا ٿي ويا هيا ۽ اهو فليٽ ۽ گاڏي به سندس موذي بيمارين ۾ ورتل جسم تي خرچ ٿي چڪا هيس ۽ هي مڪمل ڪنگال بڻجي چڪو هيو ۽ اهوئي سبب هو جو پاڻ کي خانگي اسپتال مان ڪڍي سرڪاري اسپتال ۾ ايڊمٽ ڪرايو هئائين پر ان سڄي عرصي ۾ محبت جون دعوائون ڪندڙ برڪا ته لڙي به ڪونه آئي هيس، پر پنهنجي ماسات راڻي جيڪا هن جي جيون ساٿي هئي اها هن جي ٿهل ٺڪور ۾ ساڻس اسپتالن ۾ گڏ هوندي هئي جنهن کي هي عروج واري دور ۾ جڻ وساري چڪو هيو. وري ڪڪ به ته سائي ڪونه ٿي هئي راڻيءَ جي ان ڪري به هن جي دل تي شايد نه هئي هوءَ پر هاڻ جڏهن هن جي گندگي هاڻا ڪپڙا راڻي متائيندي هئي ۽ اسپتال ۾ پيراندي پر ويهي ڪيس ٽنگن تي تيل مالش ڪري زور ڏيندي هئي ته شهزاد جي اکين ۾ لڙڪ تري ايندا هيا ۽ هي پنهنجي ڪوتاهين تي شرمندو ٿي هر هر راڻي جي اڳيان معافي لاءِ پيو هٿ ٻڌندو هيو، ۽ پوءِ نيٺ راڻيءَ جي هٿن ۾ ئي دم ڏنو هيائين...!!

شهزاد پنهنجي ان دٻدٻي واري دور ۾ ته پنهنجي سالن ۽ سوٽن کي ۽ ٻين رت جي رشتن سان به ته رستا جدا ڪري ڇڏيا هيا انهن کي ليکيندوئي ڪونه هيو. اهوئي سبب هيو جو اسپتال مان سندس گهر واري راڻي اڪيلي لاش ڪڍائي ڳوٺ پهتي هئي ۽ سندس تڏي تي چند ماڻهو وينا هيا ۽ آئون هن فاني دنيا ۾ هن جي لاش پورڻ جي اوسيئڙي ۾ وينو هيس.........!!!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حــرامــي

هن جو نالو تہ ميرل هو.ڳوٺ ۾ ميرو ميرو بہ ڪري سڏ ڪندا هيس جيڪي پنهنجا هڪجيڏا ۽ مٽ مائٽ هيس.

پر جڏهن کان هن کي سرڪاري نوڪري ملي ۽ هي ڪلارڪ ٿي ويو تہ پوءِ هن کي ميري جي نالي سان سڏ ڪندڙ بہ هاڻ ميرل صاحب جي نالي سان سڏ ڪندا ۽ مخاطب ٿيندا هيس."

رستي تان گذرندو هو تہ ڏسندڙ هڪبئي کي چوندا هيا وڃيئي ٿو ميرل صاحب."

ميرل کي نوڪري ڇا ملي هئي زندگي ئي تبديل ٿي وئي هيس پر زندگيءَ سان گڏ پاڻ بہ تہ تبديل ٿي ويو هيو. هوٽلن تي ويهي هڪ جيڏن سان ٺهڪ ڏيندڙ اهو ميرو ۽ هاڻوڪو ميرل صاحب دفتر ۽ دفتر کان گهر تائين محدود ٿي ويو هيو. پنهنجو پڪو گهر بہ نهرائي ورتو هيائين پن سالن جي اندر ۾ هڪڙي ون ٽو فائيو موٽر سائيڪل پڻ ورتي هئائين جنهن تي هو آفيس ايندو ويندو هيو...!!!

گرميءَ جي موسم ۾ ڳوٺ جي پرسان گذرندڙ شاخ ۾ هڪ جيڏن سان ٽپيون ڏيندڙ ميرل هاڻ پلجي بہ ان شاخ جي پرسان گذر نہ ڪندو هيو ۽ نہ ئي هاڻ اهو ميرل ڳوٺ جي چلولين ڇوڪرين کي ڇيڙائيندو هيو.

ڇاڪاڻ تہ هو ميرل صاحب جو ٿي ويو هيو ۽ هاڻ تہ اڪثر راتيون بہ شهر ۾ دوستن جي رنگين محفلن جي حوالي ڪري ڇڏيون هئائين ۽ هاڻ هو ڳوٺ جي رستن تي بہ گهٽ نظر ايندو هيو ۽ پوءِ ڪجهہ سالن ۾ تہ ميرل پنهنجي ڳوٺ وارو گهر ڪپائي شهر ۾ وڃي گهر ورتو هيو ۽ پوءِ پنهنجي ڳوٺ کي جڻ هميشہ لاءِ پلائي ويٺو هيو."

ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ اصغر مليو هو مونسان جانب بہ مليو هيو ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ڳوٺ جي هوٽلڙي ۾ ٻاهران فروٽ کپائيندڙ قربان به مليو هو.

ميرل، جانب، قربان، اصغر ۽ آءٌ ٻچپن گڏ گذاريو هيو، ننڍا ٿي گڏ وڏا ٿياهياسين. هڪٻئي جي هٿن مان لول پاپا ڦري ويندا هياسين، هڪٻئي سان وڙهي خوب ڪٽڪو به ڏيندا هياسين ٿورين ٿورين ڳالهين تي. وري پاڻ ۾ هڪ جهڙا ۽ پراڻي ويڙهه وسري ويندي هئي...

"وري نوان اڃا اجرا"

اها ساڳي بلورين راند، اٽي ڏڪر، لاٽون ڏور ۽ پوءِ وري والي بال کان ڪرڪيٽ سڀ رانديون گڏ کيڏنون هيوسين ۽ پوءِ جيئن جيئن مڇن جي سانول ۽ چهرن تي ڏاڙهي لٽي ته اهي رانديون به آهستي آهستي موڪلائيندين ويون. شاخ ۾ وهنجڻ تپا ڏيڻ سڀ ڪجهه وسري ويو هيو. بس شام جو ملنداهياسين سوبه ڪڏهن ڪڏهن.

اصغر چيو يار هو ميرل وڏو حرامي آ..؟

تنهن تي پرسان ويٺل جانب به ساڳيا لفظ دهرايا ها

"ها يار واقعي وڏو حرامي ٿي ويو آ...؟"

تنهن تي قربان ڳالهايو

يار حرامي ته هو هتڙي ئي ٿي ويو هيو، جڏهن نوڪري ملي هيس ڪنهن کي ٻن آڱرين جو هٿ به نه ڏيندو هيو...؟

مون دل ئي دل ۾ چيو ميرل اهڙو ته ناهي ۽ اتان اهو سوچيندو اٿي آيو هيس ته هن معاشري ۾ جيڪو انسان ترقي ڪري ٿو ان کان ماڻهو ساڙ ڪائيندا آهن ۽ اڪثر اهڙن نيتن وارن کي سفيد پوشي برداشت ناهي ٿيندي ڪنهن جي.

۽ پوءِ ڪجهه ڏينهن کانپوءِ بابا ۽ مان شهر ويا هياسين ڪنهن ڪم سانگي روينيو دفتر ۾ زمين جو کاتو رڪراٽو هيو جيڪا تازو به ايڪڙ زمين بابا ورتي هئي."

بابا مونکي ان ڪري گڏ ڪنيو هيو جو جنهن آفيس ۾ ميرل نوڪري ڪندو هيو. ان آفيس ۾ ئي بابا جو ڪم هيو ۽ ميرل منهنجو گهاٽو دوست هيو گڏ ننڍا ٿي وڏا ٿياجو هياسين ان لاءِ بابا گڏ ڪنيو ته ميرل سان ملي به ايندس ۽ ڪم به ٿي ويندو."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بس ۾ ويٺو سڃي رستي ماضيءَ جا اهي ورق اٿلائيندو پئي آيس.
ميرل جون محبتون ڳوٺ جون رانديون. شاخ ۾ ٽپيون ڏيڻ ۽ دم پچائڻ واريون رانديون. ڪڏهن هو ماري ويندو هيو ڪڏهن مان ماري ويندو هيوسانس دم پڪي ڪرڻ ۾ ۽ سياري ۾ وري ديرن تي پيل پلال تي پولاٽيون سڀ ڪجھ ياد ڪري منهنجي منهن تي مرڪ تري آئي هئي. جو بابا ڪلهي تي هٿ رکيو هو اچ پٽ.
۽ بس اچي شهر جي اسٽاپ تي بيٺي هئي....
”پچا ڪندي اچي آفيس پهتاهياسين. مون ميرل جو پڇيو تہ ٻڌايائون مختيارڪار صاحب سان گڏ وزٽ تي ويل آهي ۽ پوءِ بابو ۽ مان بينچ تي ويهي ميرل جو انتظار ڪرڻ لڳا هياسين ٻہ ڪلاڪ گذري ويا پر اجا تائين نہ آيو هو مون بابا جي هٿن ۾ جهليل ٿيلهي مان ضروري ڪاغذ ڪڍي آفيس ۾ ويٺل هڪ ڪلارڪ وٽ ويس ۽ ڪيس ٻڌايومانس هي ڪم آهي اهو ڪرسي تي ويٺل اڌ گنجو ماٺهو منهن خراب ڪري مونکي هيٺ کان مٿي ڏسڻ لڳ هيو ۽ پوءِ چيائين هي منهنجو ڪم ناهي ميرل جي ٽيبل آ. ان ڪانسواءِ هن ڪم ۾ ڪير بہ هٿ نہ لاهيندو.“
اهو ٻڌي مونکي اجا خوشي ٿي تہ اسان جو ڪم ميرل جي ئي هٿن ۾ آهي هاڻ تہ آساني ٿيندي...
شام جا پاڇا وري ويا هيا پر ميرل ۽ مختيارڪار صاحب واپس نہ وريا هيا ۽ پوءِ آفيس مان ميرل جو نمبر وٺي فون هنئي مانس تہ نمبر بہ بند مليو ۽ پوءِ ڳوٺ موٽي آياسين. ٻئي هفتي بابا پاڙو ڪرايو ڏئي مونکي شهر موڪليو تہ پٽ تون وڃ وڃي هي ڪم ڪرائي اچ ..
شهر ۾ اچي ميرل جي آفيس پهتس تہ ميرل مونکان اڳ ئي آفيس ۾ ڪرسي تي ويهي ڪو فائيل پڙهي رهيو هو مون ڪيس وڃي سلام ڪيومانس
”ميرو ڪيئن آهين؟ تہ ڪنڌ مٿي ڪٽي هيڏانهن هوڏانهن ڏسي ڪاوڙ مان گهورڻ لڳو هيو. سندس اکين ۾ ڪاوڙ ڏسي مونکي غلطي جو احساس ٿيو هيو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو تہ ميرل صاحب هيو
ڏاڍو ششدر ٿيس هن کي ميرو ڇٽي.
اڄا تائين اڪين ۾ ڪاوڙ جا پيپڙ ٻري رهيا هيس، سامهون پيل ڪرسي تي ويهڻ جو بہ نہ چيو هئائين....
آفيس ۾ وينل ٻيا ماڻهو بہ اسان ڏانهن ڏسي رهيا هئا...
مون ٻيهر چيومانس "ميرل صاحب ڪيئن آهيو" خوش تہ آهيو
۽ پوءِ ڦڪي مرڪ مرڪندي ڪرسي تي ويهڻ جو اشارو ڪري اڪيون ٻيهر فائيل ۾ کپائي ڇڏيائين ۽ مان خاموشيءَ سان ڪي پل هن کي ڏسندو رهيس ... هن جون اکيون مسلسل ان فائيل ۾ کتل هيون
جو اوچانڪ سندس ٽيبل جي سامهون بوسڪيءَ جي وڳو پهريل
هڪ شخص اچي ويٺو چا ٿيو ڪم جو ميرل؟
هن شخص کي ڏسندي ئي ميرل اٿي بيٺو ۽ کيس جهڪي هٿ ڏنائين ۽ مان بہ اٿي بيٺس ميرل مونکي پريرو پيل ڪرسي تي ويهڻ جو چيو ۽ منهنجي اها ڪرسي جنهن تي مان ويٺو هيس ان تي اهو همراهہ ويهي رهيو.
"اڙي خالد جلدي پاڻي چانهہ ۽ بسڪيٽ ڪٽي اچ وڏيري جي لاءِ"
ميرل جو آواز تي مان ڇرڪجي پيس.
مونکان تہ پاڻي جو بہ نہ پڇيو اٿائين اڃا تائين، منهنجو تہ يار آ ميرل ٻچپن جو شايد ڪم ۾ هيو ان لاءِ پنهنجو پاڻ کي مطمئن ڪرڻ لاءِ پاڻ کي ئي جواب ڏنم....
ڏٺم ٽيبل تي پاڻيء جي منرل واٽر جي بوتل پليٽ ۾ سجايل بسڪيٽ ۽ چانهہ پيا هيا جنهن مان بہ بسڪيٽ بہ ان همراهہ مشڪل سان ڪاڏا ۽ چانهہ بہ اڌ ڪوپ پيتائين ...
"وڏيرا سائين توهان جي ڪم سان لڳو پيو آهيان هي ڏسو ريڪارڊ ڏاڍي مشڪل سان ٺاهيو اٿم اصل سڄو هفتو هن کي سڌو ڪرڻ تي لڳايو اٿم تڏهن وڃي ڪم ٿيو آ مختيارڪار بہ راضي نہ پيو ٿئي مس وڃي مڃايو اٿمانس... !
بس ويهو تہ صحيح ڪرائي ٿو اچانس، ائين چئي ميرل فائيل


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿ ۾ ڪٽي مختيارڪار جي آفيس ۾ هليو ويو ۽ ڪن پل ۾ اچي ڪاغذ لفافي ۾ وجهي ان همراھ کي ڏنائين ۽ پوءِ ان هزارن جي نوٽن جي سٿي هن جي هٿ ۾ ڏني هئي جنهن تي ميرل ڪلنڊي چيو سر پنهنجي ڳالھ آ ۽ نوٽ وٺي پاسي واري کيسي ۾ وڌا هئائين ۽ اهو همراھ هليو ويو.

مون تي جيئن ئي ميرل جي نظر پئي تہ اها مرڪ گم ٿي ويس ۽ مون کي سڏ ڪيائين اچ راجا..."

ڏي حوال ڪيئن اچڻ ٿيو آهي...؟

سامهون ويهندي چيومانس يار ميرل هفتو اڳ بابا ۽ مان آيا هياسين تنهنجي آفيس ۾ پر توهان صاحب سان گڏ ڪاڏي ويل هيا."

اچا؟

سامهون پيل پليٽ ۾ بچيل بسڪيٽ ڪٽي وات ۾ رکندي ۽ مون ڏانهن پليٽ وڌائيندي چيائين...

ها يار هڪ ڪم هيو بس اها مهرباني ڪر

سندس جي سامهون ڪاغذ رکندي چيومانس، هي زمين جو ڪاتو رکڻو آهي..!!

خالد چانھ جا ٻہ اڌ تہ ڏي اسان کي... سامهون ويٺل پٽيوالي ڏانهن ڏسندي چيائين.

جو آفيس جي گهڻتي وڃي ڏنم پٽيوالي جي بجاءِ ميرل اندر هليو ويو ۽ پوءِ ٿوري دير ڪانپوءِ ٻاهر نڪري آيو سندس منهن تي مسڪراهٽ هيس.

پٽيوالي اچي چانھ جا اڌ ڪوپ آڏو رکيا هيا...

ميرل ٻيهر اچي ٽيبل تي ويٺو، ڪوپ مان چانھ جون سرڪيون ڀريندي منهنجن ڪاغذن کي ڏسڻ لڳو...

ڏس يار راجا..!

هي سرڪاري ڪم ايترو سولو ڪونهي، جيترو توهان ماڻهو سمجهو ٿا.."

مان ڇرڪجي ويو هيس سندس اهڙو رکو لهجو ڏسي،، ۽ ڪيس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سواليہ نظرن سان ڏسڻ لڳس...!

ءِ پڇيومانس پوءِ ڇا ڪرڻو پوندو

يار ڏس بيان ڏيندا، اوتارا ڪٽي هلڻا پوندا زمين جي ماپ ٿيندي، اتي هلڻو پوندو، ڪاغذن جو خرچ وڏو هن ۾ ڪم آ بهرحال تون هي ڪاغذ ڏئي وڃ فوٽو ڪاپي ڪرائي هفتي ٻن ۾ ڪرائي ڏيو وڃان ڪوشش ڪري...!

ڏنم ميرل جي انهن ڳالهين تي پٽيوالو مونڏانهن ڏسي کلي رهيو هو ءِ پوءِ مختيارڪار دفتر مان نڪتو تہ ميرل بہ مون کان موڪلائڻ بنا ان جي پويان لڳي پيو ءِ مان وينو رهيس...

ڏهہ منٽ گذريا پر ميرل نہ موٽيو تہ پٽيوالي اچي چيو سائين صاحب هاڻي ڪونہ ايندو وري سڀاڻي، هو مختيارڪار صاحب سان گڏ هوندو آ هاڻي بنگلي تي ويندا ءِ ڪم ڪار اتي وڃي ڪندا هتي ماڻهو اچايو تنگ ڪن ٿا هنن کي...

مان ڪاغذ کڻي واپس ٽيلهي ۾ وڏا ءِ اتي بيٺس تہ پٽيوالي کن ۾ سس پس ڪئي

”ڪاتو تبديل ڪرائڻو ٿئي نہ 30 هزار ٿيندئي ميرل صاحب تہ پنهنجي پيءُ جي چوڻ تي بہ مفت ۾ ڪم ناهي ڪندو وڏو حرامي آ... پيسا ڏين تہ ڪاغذ مونکي ڏئي وڃ ءِ بيانو بہ نہ تہ ڪجهہ ڪونہ ٿيندئي

ادا هتي گهڻا ئي حرامي آهن جن تائين اهي پيسا پهچن ٿا...!

پٽيوالي جا لفظ ذهن ۾ گونجڻ لڳا ”وڏو حرامي آ...!“

تہ وري جانب، قربان، ءِ اصغر جا لفظ بہ گڏوگڏ پڙاڏو بڻجي ذهن ۾ وڄڻ لڳا تہ ”ميرل وڏو حرامي ٿي ويو آ“

ءِ پوءِ مان واپس اچي ڳوٺ پهتو هيس

اچي بابا کي ٻڌايم پيسن کانسواءِ ڪم نہ ٿيندو.“

بابي چيو پٽ هو ميرل جو وينو آ اتي ان هوندي بہ ...؟

چيومانس بابا

”ميرل اهو ساڳيو ڳوٺاڻو ميرل ناهي رهيو هاڻ ميرل وڏو حرامي ٿي ويو آ..................!!!!!!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پـرنـدڙ وجـود

موئن جي دڙي جي پرندڙ آثارن کي ڏسي ان جي پرسان ناچڻي جي مورتي کي ڏسان ٿو. جيڪا مون کي پاڻ جيان اندران ئي اندران پرندي نظر اچي ٿي ۽ آءُ وٽن جي هيئنان کي پل ساهي پٽي پنهنجون رولاڪ نظرون جڏهن موئن جي دڙي جي اجڙيل نشانن تي وجهان ٿو جيڪي اڳ ئي پري چڪا هئا پر انهن کي وقت بہ وقت چيڪي مٽيءَ جو راڳو ڏئي وڏيڪ پرڻ کان بچائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وئي جو اوچتو ڪنهن جي اچڻ جي پيرن جي ڪڙڪي تي خيالن مان ٻاهر نڪري نظرون مٽي ڪنيم تہ منهنجي وجود ۾ هڪ سرور جي لهر ڊوڙي ٿي. ائين محسوس ڪيان پيو جڻ موئن جي دڙي مان ناچڻي نڪري منهنجي سامهون اچي بيٺي هجي ۽ ان ناچڻيءَ جي پيرن جي ڪڙڪي رڌم تي هوائن جون لهرون سرباٽ ڪري منهنجي ڪنن کان ٽينِدي موئن جي دڙي جي پرندڙ وجود سان ٽڪرائجي جڻ ان ۾ ساهہ وجهڻ جي ڪوشش ڪنديون هجن.

ڪلهي تي هٿ جي ڇهاءُ تي ڇرڪ پري هن جي ڇهري مان نظرون هٽايان ٿو تہ هن جي ڇهري تي مرڪ ڦهلجي وجي ٿي. پندرهن سالن ڪانپوءِ هوءَ منهنجي سامهون بيٺي هئي ۽ مان اٿي هن جي آجيان ڪئي هئي. منهنجي جسم ۾ ڪنبڻي اچي وئي هئي ۽ هٿ ڏڪڻ لڳا هيا تہ هن منهنجي هٿن کي پنهنجن هٿن ۾ وٺندي چيو هو ”اجا تائين ساڳيا حال اٿئي اسڪول وارا.“

۽ پوءِ مهڪ منهنجي هٿ مان پنهنجو هٿ ڪڍي بينچ تي پرسان ويهندي چيوهئائين ”عرفان هن قتل آثارن جي هنج ۾ چو ملڻ لاءِ ضد ڪيئي پيلا ؟.

”مان اڪثر هتي اچي ويهندو آهيان اڪيلو اڪيلو مونکي هتان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سانت سٽي لڳندي آهي مهڪ ۽ مان بہ تہ انهن اثارن جيان ئي آهيان . بلڪل خاموش خاموش ۽ هڪ ڏينهن پري پري بلڪل خاموش ٿي ويندس انهن جيان ئي...!

”تون ڏاڍو حساس طبيعت جو آهين اجا عرفان“ مهڪ منهنجي نيڻن ۾ ليئو پائيندي چيو هو..

”تون بہ تہ مون جيان ئي هئينءَ ڪڏهن، صفا اندارن ڪپهہ جيان ڪوئنري...!

پر هاڻي خبر ناهي شايد پڪي ٿي وئي آهين مهڪ“.

”واقعي عرفان ؟“.

”الائي چوائين ياسجي پيو مهڪ“

”منهنجي نيڻن ۾ ڏنو اٿئي ڪيڏا اوجاڳيل آهن يڪو اوسيئڙي ۾ مهڪ گهري اداسائيءَ مان چيو هو ۽ پوءِ موئن جي دڙي جي استوپا ڪي ڏسندي اوڏانهن اشارو ڪندي چيو هئائين ”تنهنجي تصوير منهنجي من ۾ ان استوپا جيان ٽنگيل آهي جيڪا ڪڏهن بہ لهي نہ ٿي سگهي مگر ها نقش پري سگهن ٿا اگر منهنجو هي وجود پري ويو تہ“

”مان سري مهڪ جي پرسان وڏيڪ ويجهو ٿي وينو هيس. اکين ۾ جهاتي پائي ڏٺم ڳوڙهن جون ريڪائون تري آيون هيس ۽ منهنجي پنهنجي نيڻن ۾ ان جهاتي پائڻ تي ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو هئائين ۽ ڪي پل خاموش خاموش هن ڪي تڪيندو رهيو هئس ۽ پوءِ هن جي وڪريل وارن ۾ پنهنجا ڏڪندڙ هٿ وڌا هيم تہ نيڻ ڪٽي ڏنو هئائين

”پراڻي عادت اجا نہ وساري اٿئي عرفان؟“.

هن جي چهري تان وارن جون وڪريل ڇڳون هٽائيندي چيومانس شايد اهي عادتون زندگي ڀر وسري نہ سگهن مهڪ...!

اجا گهڻا ڀار اٿئي، هلڪي مرڪ مرڪندي پڇيائين

”بہ پٽ، هڪ نياڻي نياز ، اياز ۽ مهڪ...!!

”۽ تنهنجا مهڪ..؟

منهنجي ان سوال تي وڏيڪ اداس ٿي وئي هئي، ڪي پل خاموش خاموش موئن جي دڙي جي وڪريل وجود ڏانهن ڏسندي رهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي ۽ پوءِ اتي بيٺي هئي

”چڱو مان هلان ٿي عرفان“

”وقت جي وڇوٽين ڪانپوءِ ملي آهين ايڏو جلدي پئي وڃين، ترس تہ سهي شام جا پاڇا تہ ورڻ ڏي مهڪ“ سندس هٿ ڪي پنهنجي هٿ ۾ وٺي زور ڏئي ڪيس ويهارڻ جي ڪوشش ڪيم پر هن پنهنجو هٿ ڇڏائي ورتو هيو ۽ مان بہ اتي بيٺو هيس ۽ ٻيهر چيومانس تو منهنجي سوال جو جواب نہ ڏنو آ مهڪ ”گهڻا ڀار اٿئي“ ۽ ڪهڙا نالا رکيا اٿئي انهن تي ؟.

”ڪن پل خاموشيءَ ڪانپوءِ چيو هئائين ”ڀلا هيڪلي وجود بہ ڪڏهن وجود جنميا آهن“

ائين چئي بنا موڪلائڻ جي مونکان دور ٿيندي پئي وئي ۽ مان هڪ نظر موئن جي دڙي تي وجهي وري مهڪ جي پرندڙ وجود ڏانهن ڏسي پنهنجي اندر ۾ جهاتي پاتم، مهڪ منهنجي ڪوکلي وجود کي پوري وئي هئي،۽ مان پنهنجو پرندڙ وجود کڻي موئن جي دڙي جي اسٽوپا جي پويان گم ٿيندو پئي ويس ..........!!!!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book